




ڪيرت ٻاباڻي

B-8(178)

ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم

(آتم ڪٿا)

ڀاڱو ٽيون

000002

ڪيرت ٻاٻاڻي

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن
٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر-٣.

چند لفظ

هيءُ چند لفظ، ان ڪارڻ ڪري لکڻ جي ضرورت محسوس ڪيم:

جڏهن "آتم ڪٿا" شروع ڪيم ته منهنجي ڪٿ موجب سمجهيو هوم ته، سؤ سؤ صفحن جي ٽن ڀاڱن ۾ سمائي پوري ڪندس. پهرين ٻي ڀاڱي جي ظاهر ٿيڻ تي منهنجي سچا دوست ڪرشن کٽواڻيءَ، شڪا جو پٿر اڇلائي ڇڏيو. چي: جيون جي پهرين پاءُ صديءَ تي ته ٻه ڀاڱا ۽ پوئين اڌ صديءَ تي صرف هڪ ڀاڱو! مون کي ڀرم هو ته منهنجا پهريان جوانيءَ جا پنجويهه سال طوفاني گذريا آهن ۽ پوءِ جا پنجاهه سال جيڪي منهنجي جاتيءَ ۽ ٻوليءَ لاءِ طوفاني گذريا آهن، تن جو صحيح تصور ۽ اندازو مان لڳائي نه سگهيو هوس. پر جڏهن جو ان وهڪري ۾ گهڙيس ته، ڏٺم ته، هيءَ پوئين اڌ صدي منهنجي جاتيءَ سان گڏ منهنجي لاءِ به طوفاني هئي. هن اڌ صديءَ ۾ ته، اسانجو نئون اتهاس ٺهيو آهي. اسان هيٺ مٿاهيون ڏٺيون آهن، ڪريا آهيون ۽ اٿيا آهيون، لڙهيا آهيون ۽ جڙيا آهيون. نئين اتهاس ۾ ڪيترا پاتر اڀريا آهن، جن ۾ ڪي شفي ته ڪي نفي آهن؛ انهن جو به درشن ڪرڻو ۽ ڪرائڻو آهي. اسان جي مٺڙي ڀاشا ڪهڙن لکن مان لنگهي آهي ۽ پنهنجي وجود کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڏک ڏاکڙا ڏٺا اٿس ۽ سنڌ سنتان ان جي هستيءَ کي قائم ڪرڻ لاءِ ڪهڙا وس هلايا آهن. اهي سڀ ڳالهيون ته، اسان جي هاڻوڪي دؤر جون ڄاڻڻ جهڙيون چيزون آهن.

لاشڪ، مان ٽنهين ڀاڱي ۾ هن پوئين پنجاهه سالن جو اڌ اتهاس (٢٥ سال) ئي ڏئي سگهيو آهيان. سچاوڪ "آتم ڪٿا" جي

KUJH BUDHAYUM
KUJH LIKAYUM

An Autobiography

By : KIRAT BABANI

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3.
Tel. 544100.

Published by :
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times Publication

Author's Address :
3/41 Adrash Nagar
Prabhadevi
Mumbai-25.

Printed by :
Madhawdas Achhra
Shree Geeta Printing Press,
493, Opp. Hotel Eagle,
Ulhasnagar-421 003.
Phone : 544616.

SINDHI TIMES
(Quarterly Book Series)
Yearly Subs. Rs. 80/-
Half Yearly Subs. Rs. 40/-

Sole Agent :
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2.
Tel. : 540455

This Book Price Rs. 40/-
This Issue : Oct-Nov-Dec, 1997

Price : Rupees Forty Only
Year : October 1997.

ڪجهه پڙهايم، ڪجهه لکايم

سڄ هر صبوح جو اڀرندو آهي. انهيءَ صبوح جو اهو سڄ اڀريو هو، جڏهن صبوح جي اڳين رات اسان جهاز جي ڊيڪ تي مٺي ننڊ ۾ گذاري هئي. اهو پهريون صبوح هو، جيڪو مون پنهنجي ڌرتيءَ تان اڀرندو ڏٺو هو. منهنجي من ۾ هڪڙو ڪارو منحوس شڪ ليٽو پائي ويو ته ڇا مان وري عمر ۾ پنهنجي ڌرتيءَ تان اڀرندڙ سڄ جي سونهن پسي سگهندس! امنگون ۽ ارادا ته مان کين ڀاڪر ۾ ڀري کڻي آيو آهيان. آئينده جو ڪوڙ اونداهو آهي. ان ۾ ڪير جهاتي پائي سگهي ٿو؟ منهنجي سامهون پيو، وائون هڻون-هڪڙي هئي ماضيءَ جي روشن رات، جيڪا مان ڇڏي پٺ ڪان نوڙ پندو پئي آهيس ۽ ٻي هئي آئينده جي رات اڻڄاڻل، اڻسڄاڻل ۽ اڻماپيل! اها رات هرو ڀرو اونداهي آ. ته اتي ڪي سگهي؟ سڄ انهيءَ راه تي به ضرور اڀرندو ته! ڪڪائين هوندي، ڪنڊائين هوندي، ڇڙائين هوندي، پر ان جي هيٺان، ڪائي ڌرتي ته هوندي نه! ۽ ڌرتي هميشه ٻاجهاري ٿيندي آهي. ماڻهن جي ڳالهه ائين ڪريان....

جڏهن ٻي اٺين ديش جي ڌرتيءَ جو ڪنارو، ٻريان ٻريان، گهاٽي ڌڪ مان ڌاري ڌاري اکرندو، وڃڻو ٿيندو ٿي ويو، ته اٽڪل هزار ماڻهن جي ٽڪڪ، جن سڄي رات اکين ۾ وهائي گذاري هئي، تن جي ساه ۾ ساه پيو ۽ جان ۾ جان آئي. هن جون دليون ته اڃا به هيڪل هيون، پر ڇهري تي آشا ۽ آئت جو ٿورو گهڻو نور هو. سڀني آئينده، جيئوٽڪ

چوٿين ڀاڱي جي به ڇپجاڻش آهي، جيڪو ته جلد اوهان جي هٿن تائين پهچي ويندو. اهڙو وشواس پرڪاشڪ طرفان مون کي مليو آهي.

هي ڳالهه جيڪا ذڪر جوڳي آهي، سا اها ته مهربان دوستن ۽ پاٺڪن وٽان آتم ڪٿا جي پهرين ٻن ڀاڱن لئي خطن ۽ ٽيليفون رستي ڪافي سنيه ڀريا راءِ مليا آهن، جن مان ڪي ته نموني طور، "آتم ڪٿا" جي ٻئي ڀاڱي ۾ "دوست ساهتڪارن طرفان مهاڳ" جي سري سان پيش ڪيا اٿم. اهي تمام مختصر ۾ آهن، جيئن ته آتم ڪٿا جي ٻئي حصي لئي آهن، انهن مان پورو درشن ڪرڻ ٿو ملي، جو ته انهن ۾ عام نموني جو اظهار آهي، گهري جانچ واري ڪوشش ڪانهي ۽ اها ڳالهه سڀاويڪ به ته آهي، ته ڪنهن به تخليق جي چونڊيءَ لئي پڙهندڙ رد - عمل ڏيکارڻ لاءِ راڄو ڏيڍ پڙهندڙ لکي پاڻ سان محدود گهڻو ڪٺي ٿو اچي. پر وشواس اٿم ته سڀاڻ اديبن / پاٺڪن کي جڏهن چارئي ڀاڱا دستياب ٿيندا ته پڙهندڙ ڀرپور ۽ مڪمل رد - عمل ۽ ٽائمر ڏيڍ جي عنايت ڪندا.

ڪيرت ٻاٻاڻي

پتو :- ٣ / ٣١، آدرش نگر،

پرڀادپوي، ممبئي - ٤٠٠٠٢٥.

٣ سيپٽمبر ١٩٩٧

ٻچڙو، جنهن سان، منهنجو ورهاڱي کان پوءِ به خط و ڪتابت چالو رهيو هو. هو مون کي "انڊين ڊائري" رسالو به موڪليندو هيو، جيڪو امبئيءَ مان پنهنجي سمپادڪيءَ هيٺ هن چالو شروع ڪيو هو. جواب مليو ته هو ڪافي وڏي پنڌ تي رهندو آهي. چيومانس ته مون کي ڪو ويجهو هنڌ ڏس، جتي مان هـــيءَ پيٽي رکان ۽ ٻهارمل کي ڳوليان. هن مون کي شري هاسومل ماکيجاڻيءَ، جيڪو "هندستان" سنڌي روزانيءَ جو نائب-سمپادڪ طور ڪم ڪندو هو، ان جي رهائش جو پتو ڏنو هو، پرسان ئي ڪولابا ۾ رهندو هو. مون وٽ ان وقت کيسي ۾ صرف سترهن روپيا ۽ ڇهه آنا هوا. ٿيلهو ڪلهي ۾ ۽ پيٽي هٿ ۾ کڻي، امبئيءَ بندر کان ٻاهر نڪري آيس. ٻاهر ٽانگا بيٺا هوا. ٽانگو ڪيم. ياد ٿو اچيم ته گهٽو ور ٽائين، چار آنـــا هوندا يا اٺ آنا هوندا. پيٽي ۽ ٿيلهو کڻي ڏسيل جڳهه جي چوٿين منزل تي، هاسومل جي گهر پهتس. پنهنجي واقفيت ڏيم ۽ عرض ڪيم ته پيٽي رکڻ ڏيو، جيئن پنهنجي دوست ٻهارمل جو گهر ڏسي اچان. پوءِ سياڻي ئي اچي لهـا پيٽي هتان کڻي ويندس. فلئٽ جي لنگهه وٽ پيٽي رکڻ جي اجازت ڏنائين. منهنجي اڌ پريشاني پوري ٿي. ٻهارمل وٽ پهچڻ لاءِ پڪ پورو اس وغيره جو پتو ڏس ڏنائين.

ڳوليندو ڳوليندو، ليٽ اچي ٻهارمل جي گهر پهتس. اچي در کڙڪايم. در جو صرف هڪ طاق، سو به اڌو ورکولائين ۽ سسي ٻاهر ڪڍيائين. مون کي ڏسي شايد ڇرڪي ويو هـــو، جو ائيءَ ڪـڇڻ چيائين، "موهن پنجابي فلاڻي هنڌ رهندو آهي" زمين منهنجي پيرن هيٺان ڄڻ کسڪي وئي ۽ سر ڦيرانٽيون پائڻ لڳو. هـو جيستائين طـاق کـي بند ڪري، ان کان اڳ، هوش سنڀالي ورتم ۽ کيس چيم، "پر موهن جو پورو پتو تـــه،

غيب ۾ اڪيل هو، پر هلندڙ حال ۾ ڪين پنهنجي سر جي سلامتيءَ جي خاطري هئي، جنهن وسواس هيٺ نه هو، پنهنجي خوبصورت اَڏيل ۽ سرسبز دنيا کي خيرآباد چئي، ٻُڪا ٻٽي نڪتا هوا. بمبئيءَ جو بندر قريب آيو. جهاز لنگر هنيو. ماڻهو پنهنجو سامان کڻي، اداس چهري، مرجهايل مکڙي ۽ اوجاڳي ڀريل ڀاري اکين سان، پنهنجا ٻار، ٻچڙون، بسترا ۽ ٻيو سامان گهليندا، قطار ۾ ٻيڪ سان لڳايل هڪ ڏاڪڻ تان ڏڪي ڏڪي لهندا، هيٺ ايندا ويا. ڪانگريس طرفان اڇين ٽوپين وارا ۽ ٽرنگو ٻيج لڳل شيوادار، ماڻهن جي سواڳت ڪرڻ لڳا. هنن والنٽيئرن کانسواءِ ٻيا به ڪيترا ماڻهو بندر تي موجود هوا. هڪڙا اُهي هوا، جن کي اڳواٽ اطلاع مليل هو ته سندن ڪي عزيز هن آگبوٽ رستي بمبئي پهچڻا هوا ۽ ٻيا اُهي هوا، جيڪي هر ڪراچيءَ مان ايندڙ جهاز تي، انهيءَ اميد ۾ ايندا رهندا هوا ته متان نه سندن ڪو عزيز انهيءَ جهاز مان خوشقسمتيءَ سان لهي پوي. اهڙا شخص ڏاڍي آس وچان، لهندڙ مسافرن کان پڇاڳاڇا ڪري رهيا هوا. ڪي روئندي ڪوڏيا ٿي هوا، ته ڪي ٽڪر، لڇا لڳب ۽ مصيبت زده مسافرن جي بيوسيءَ جو فائدو وٺڻ وارا به ضرور هوندا. گهوڙي گاڏين وارا، ٽئڪسين وارا ۽ ٻيا هٿ گاڏين وارا به هوا. مسافر جن جا مٽ مائٽ يا يار دوستار اڳواٽ تي اڏي آيا هوا ۽ ڪٿي نه ڪٿي ٽڪاڻا ٿي ويا هوا ۽ ٽن انهن جو ڏس پتو پيل هو، تن کي شيوادار صحيح منزل تي پهچڻ جون هدايتون ڏيئي رهيا هوا، پر جيڪي اُجڙ، اسهاري ۽ اوان هوا، تن کي والنٽيئر شرنارٿي ڪئمپن جو پتو ڏئي رهيا هوا. هڪڙو منهنجو واقفڪار به اڪتو، جيڪو ڪراچي ۾ دلاليءَ هاڃل ۾ گڏجي ڪم ڪندو هو. هن کان مون ٻهار ڀلال چاڙهيا جو ڏس

دروازو کولي مون کي اندر ڪيو. مون ڏندڻ پاڻي ۽ سنان ڪيو. موهن پنهنجو کدڙ جو وڳو به ڏنو. مون چانهه ۽ بسڪيٽ به کاڌو ۽ سامت جو ساهه کنيو. زندگيءَ جي لمبي سفر ۾ هيءُ هڪ سادارڻ واقعو آهي پر منهنجي دل تي اڪري ويل آهي ۽ موهن جي دلداريءَ جي ڳالهه موقعي بموقعي دل تي تري ايندي آهي. ان مان ئي انسان ۽ انسان جي وچ ۾ انهي فرق ۽ لڇڻ جي گواهي ملندي آهي. اندر ۾ لهي، ڪنهن به انسان جي پوري شخصيت کي پروڙڻ ته ڏکيو آهي، پر شخص کي اهڃاڻ ڇڏيندو آهي، جن مان سندس جنس جي لک ۽ پرک ملندي آهي.

ان شام اچي ئي هئي، موهن چيو ته هل ته سمنڊ جي هوا ۾ کائون ۽ حال احوال به ڪيون. بنڊ اسٽينڊ تي سمنڊ ڪناري اچي ويهاسون. مون کي لڳو ته ڪافي گهڻن سالن کانپوءِ آزاد فضا ۾ ساهه کڻي رهيو هوس. مون موهن کي گذريل اٽڪل ٻن سالن جي ڪاليج جيون جو تفصيلي احوال ڏنو. هن پنهنجن سرگرمين کان واقف ڪيو ۽ چيو هند ڪاليج ۾ پنهنجي پڙهائيءَ جي خبر چار پڻ ٻڌائي. پڇيائين، "تون هاڻي ڇا ٿو ڪرڻ چاهين؟" مون چيو: پهرين ته مان ايل. ايل. بي. جو امتحان ڏيڻ ٿو چاهيان، جنهن لاءِ ٽرم سنڌ ۾ رکي پورا ڪيا هئم، پر راجنيتي سرگرميءَ ڪارڻ امتحان ۾ ويهي نه سگهيو هوس، امتحان ۾ صرف ٽي مهنا آهن. جوٽي ٻڌي پڙهڻو اٿم، جيئن هيءُ لڪ لنگهي پار ٿيان. وڪالت پاس ڪرڻ کانپوءِ راجنيتيءَ ۾ شايد بهتر رول ادا ڪرڻ ۾ سهولت ۽ سهنجائي ٿيئي. هن وقت منهنجي لاءِ مول مسئلو اهو آهي ته هيءُ ٽي مهنا مان پاڻ کي ڪيئن پاليان ۽ پڙهائي به قائم رکان. هن اڄ هڪدم چيو: اگر ٻئي دوست مون کي ٿوري مالي مدد ڪن ته منهنجو ڪم راس ٿي پوندو. موهن ڏاڍي ايمانداريءَ ۽ سچائي

ڏاءِ.“ در جي پٺيان ئي اٿي پٽو ڏنائين. ٽيهوي سال پٽو ۽
پين ڪيئي، مون اهي هدايتون لکيون ته رچ روڊ (ملبار هل
وارو پاسو) تان بس ڪٽي چرني روڊ لوڪل اسٽيشن تي پهچي،
باندرا لاءِ ٽڪيٽ خريد ڪريان. جتان بس ڪٽي ڪارٽر روڊ
تي نئشنل اسڪول تي پهچان، جتي ڪڇيون ٽڪون آهن، جيڪي
جئه هند ڪاليج جي شاگردن لاءِ خاص طور رهائش لاءِ ڏنيون
ويون آهن. مون پنجابي اسي ئي رهندو آهي. منهنجي لاءِ
اهو سفر، خاص طور لوڪل گاڏيءَ جي، پهريون دفعو سواري،
حيرت ڀريو اسرار هو، جڏهن پيٽ ۾ اڪ جو احساس ۽ ذهن
۾ ڊپ جو احساس، جو انهن ڏرليءَ لاءِ هڪ اجنبي جهان
ٽڪاڻي جي تلاش ڪري رهيو هوس. پڇائيندو، پڇائيندو اچي
مون جي ڪمري جي در تائين پهتس، پر ان کي تي باهران
تالو لڳو پيو هو. ٿورو مليل اُساهه ۽ آسرو ته اُتي ئي ختم ٿي
ويو. پر دروازي لڳي، اسٽري سوٽي ڪٽ پيئي هئي. ٿورو
آئت وري موٽي آيو. ڪٽ تي ويهي جهونا ڪاغذ لڳس، جو
انهن ساري رات ننڊ مون وٽان فرار هئي. جڏهن شام جو
مون آيو ته پيٽ ۾ ساهه پيو. پڇائين، ”هت ڪيئن پهتين؟“
ٻهاري چانڊيا واري سوالتي ڳالهه ڪري ٻڌائي مالس.
مشڪائين. ٻهاري ۽ مون جي سنڌ کان وٺي پاڻ ۾ نه پوندي
هئي. ٻنهي جا ڏنڊ سدوان نه هوا. هڪ نئين نوجوان جي ياريءَ
جي تالي کي ڪٽي، هڪ ٻئي جا رقيب بڻيا هوا. ٻهاري وڏيڪ
بغضيءَ رکو روح هوندو هو. مون وڏيڪ ڪلمڪ ۽ ياروباس هوندو هو
۽ اڄ به آهي. ڪراچي ۾ اريا ڪيل پارلمينٽ. هانوس ۾ ساٿس
گڏ ڪم ڪندي، ڪيس ڏاپيو وڃهو اچي ويو هوس، جنهن جو
ذڪر ٻئي پاسي ۾ اچي چڪو آهي. مون وٽ مون جو پٽو
هجي ها ته ٻهاريءَ وٽ هرگز ڪين وڃان ها. مون روم جو

ڊاڪٽر ڏايو اُدار دل ۽ ڪشادي من جو مالڪ هو. هن کي چاڻ هئي ته مان پڪو ڪميونسٽ هوس. تازو پاڪستاني جيل مان ڇٽي آيو هوس. هن ڪوبه دليل يا سوال جواب ڪونه ڪيو. رام کان پڇائين: گهڻو ڏيڻو آهي. رام چيو: شروعات ۾، ڪاليج ۽ هاسٽل ۾ داخلا وٺڻ لاءِ ٽي - چار سؤ روپيا کپندا. پوءِ هر مهيني کاڌي ۽ ٻئي خرچ لاءِ به اڍائي سؤ روپيا گهربا. مون هر مهيني سؤ روپيا ڪانٽريبيوٽ ڪرڻ جو ذمو کنيو آهي. ٻيا به دوست آهن، جيڪي هٿ وڌائيندا. ٽن مهينن جو ئي نه سوال آهي. نه دليل، نه سوال جواب. ٽي سؤ روپيا ڪڍي رام کي ڏنائين. جيڪي وڌائي رام منهنجي هٿ ۾ ٿمايا. ايڏي سهڻائيءَ سان، منهنجي مشڪل آسان ٿي ويندي، منهنجي حيرت ۽ خوشيءَ جي ڪا حد نه رهي! ڊاڪٽر ۽ رام جي دلي شڪرگذاري ڪيم. سچو قصو ٻڌڻ ڪانپوءِ ارجن شاهاڻيءَ پڻ منهنجي طرفان هر مهيني پنجاه روپيا ڏيڻ جو واعدو ڪيو. رهيل ڪسر به پوري ٿي. آئيندي طرف قدم اڳتي وڌي ويو.

فيصلو ٿيو ته جوڳيشوريءَ جي اسماعيل ڪاليج ۾ بي. اي. ڊگريءَ لاءِ داخلا وٺان ۽ اُن ٻنهي لاءِ ڪاليج جي هاسٽل ۾ رهڻ جو بندوبست به ٿي ويندو ۽ کاڌو به ڪينٽين ۾ کائي سگهبو. ڪاليج ۽ هاسٽل جي فين وغيره جو شروعاتي خرچ ته ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻيءَ جي ڏنل رقم مان ٿي ويو. باقي ٿورا پيسا اڳيان ته وڪالت جي امتحان لاءِ گهربل قانون جا ڪتاب (سيڪنڊ هينڊ) ڦوري لاءِ ٽان ڪتاب - فروش وٽان چونڊي ڳنهي آيس. هاسٽل جي روم ۾ پاڻ کي بند ڪري، چوٽي پڙهي پڙهڻ کي جنبي ويس. اتفاق سان ڪو شهر ڏانهن ويندو هوس، چو جو هڪ ته جوڳيشوريءَ کان چرچگيٽ ٽائين لوڪل گاڏيءَ ۾ وڃان ته به گهٽ ۾ ٽي ڪلاڪ وقت جي مار

سان چيو، ”منهنجي هن وقت اهڙي حالت ڪانهي جو مان تنهنجي مدد ڪري سگهان، پر ممبئي ۾ ٻه-ٽي دوست آهن جن کي تمام سٺي ڪمائي آهي. ان جا نالا ۽ ٻروقت ٻڌايانءِ. هڪڙو هو، رام امرلعل پنجوائي، جيڪو مشهور وڪيل ۽ ڪميونسٽ ليڊر رجني پٽيل سان گڏجي وڪالت جو ڌنڌو ڪندو هو؛ ٻيو هو ارجن شهاڻي، جيڪو امپلائمينٽ ايڪسچينج آفيسري عهدي تي هو. رام ۽ ارجن کي چڱيءَ طرح سڃاڻندو هوس، ڇاڪاڻ ته هنن سان سنڌ ۾ چڱي خاصي ياري هئي. مون کي آٿت مليو.

هڪ-اڌ ڏينهن پوءِ، موهن سان گهمي ممبئي شهر جو واءُ سواءُ ورتم. ٻئي چوماسي تي، هاڻي پنهنجي دوستن، رام ۽ ارجن جو ڏس پتو پڇاءِ ۽ کين مليس، پنهنجي دل جي ڳالهه ڪري اچان. پڇو همت ڪري، پهرين مان رام پنجوائي وٽ، رجني پٽيل جي آفيس ۾ ويس. ڏاڍي عجب ۾ پيو ۽ حالي احوالي ٿيو. رجني پٽيل وٽ وٺي هليو، ڏاڍي قربداريءَ سان واقفيت ڪرايائين. جڏهين دل جي اندران مراد جو ذڪر ڪيومانس ته چيائين: هاڻ ايل. ايل. بي جو امتحان ضرور پاس ڪر. مان ان مدد ڪندوسانءِ، رجني پٽيل کان به مدد وٺي ڏيندوسانءِ. هر مهيني جي پهرين هفتي ۾ مون وٽان سؤ روپيا وٺي ويندو ڪر. اول سوال جي مدد لاءِ به مان وٺتو آهيان. ۽ هيئن ڪر، شام جو سٺين اٺين آفيس ۾ اچجانءِ ته ڊاڪٽر چوئٿرام گدوائيءَ وٽ به هلنداسون ۽ ڪائنس به مدد وٺنداسون“

شام جو گڏجي ڊاڪٽر چوئٿرام جي رهائش واري هنڌ تي آياسون. هو ڪالڪ موتوائي جي چڪاگو ڪمپنيءَ جي آفيس ۾ آرامي هو. رام ٿوري ۾ منهنجي مسئلي جو اهڃاڻ ڊاڪٽر کي ٻڌايو ۽ چيو: ڪورس کي پڙهائي پوري ڪرڻ لاءِ مدد گهرجي.

قريب اچي ويا هئاسون، هڪ ٻئي جا دوست به ٿي پيا هئاسون، ايتري
قدر جو جڏهن ڀارلال چاپڙيا، "نئين دنيا" ماهوار ادبي
رسالو، جيڪو ورهاڱي کان پوءِ گوبند مالهيءَ کان ورتي، هلائڻ
شروع ڪيو هوائين. پوءِ بند ڪرڻ جو ارادو ڏيکاريو ته لڇمڻ راجپال
هن کان اهو رسالو گهري ورتو ۽ مون کي آڇ ڪيائين ته مان
ڪمس سات ڏيان. اٽڪل ڏهاڪو مهينا اهو رسالو راجپال جي
سمپادڪيءَ هيٺ هليو. مان ان ۾ باقاعدي لکندو رهيس ۽ اهڙي
طرح به لڇمڻ کي سهڪار ڏيندو رهيس.

ان سمي اسماعيل ڪاليج ۾ سالياني جلسي جون تياريون
ٿيڻ لڳيون هيون. هڪڙي ڏينهن ڪاليج جا ٻه چار سنڌي
شاگرد مهنجي ڪوٺيءَ ۾ گهڙي آيا. چي: "سالياني جلسي
لي اسين هڪ سنڌي ناٽڪ ڏيڻ چاهيون ٿا. ٻين ٻولين جا
شاگرد به پنهنجي پنهنجي طرفان پنهنجي ٻوليءَ ۾ ناٽڪ جو
اسٽيج ڏيڻ جون تياريون ڪري رهيا آهن. اسان کي اوهان کان ڪجهه
ڪرڻ گهرجي. ڀارت جي سڀني جڳهن جو هردل-عزيز ۽ عظيم
اداڪار دليپ ڪمار جلسي ۾ مکيه مهمان طور شامل ٿي رهيو
آهي." ڏاڍو خوش ۽ اُمنگ ۾ هئا. ڀرسان ڪو، لڇمڻ راجپال
وٽ ويٺا هوا، جنهن ڪين چيو هو ته، وڃي ڪنهن کي پڪڙيو.
هو ڪجهه نه ڪجهه گهڙي ويندو. مون جوانن جو اُمنگ ڏٺو
ڪرڻ ڪوانه ٿي چاهيو. ڪين چيم: اڄوڪو ڏينهن مون کي
سوچڻ ڏيو. سڀاڻي ٽائين ڪجهه نه ڪجهه گهڙجي پوندو.
سڀاڻي شام جو هن ئي وقت هت گڏجي فيصلو ونداسون.
سڀئي چهري سان "ٺيڪ آ.... ٺيڪ آ...." چوندا روانا
ٿيا.

انهيءَ پل کان وٺي مهنجو دماغ ڊوڙڻ لڳو. هڪ من
چوي ته هن نازڪ وقت ۾ چوٿون جهنجهٽ ۾ پوان. وقت

لڳم. جڏهن نه منهنجو هڪ مدت ملهائتو هو. ٻئي طرف ريل جو ڀاڙو به نه ٿورو هو. ٤٨ سال اڳ، (١٩٤٩) اهڙي مفاصلي جو ڪيترو ڪرايو هو، سو نه ياد نه رهيو آهي، پر اوت پوت روپيو ڏيڻ نه ضرور هوندو. جڏهن ڪ مولڪي، هڪ هڪ آني جو حساب ڪري هلڻو پوندو هو. ڪجهه طرح ياد اٿم ته ڪڏهن ڪڏهن منهنجي کيسي ۾ به چار آنا مس هوندا هوا، پر لڳڻ لاءِ ڪڏهن اسٽيشن جي اسٽال تان هڪ آني جو پوندي جو لڏون ۽ هڪ آني جو چانهه جو ڪوپ ۽ هڪ گلاس پاڻيءَ جو فري؛ انهن پهنجو پيٽ ڀريندو هوس. ريلوي ٽڪيٽ خريد ڪرڻ بابت هڪ ٻي ڳالهه ياد ٿي اچيم. انهيءَ سمي سنڌين ۾ عام ريت اهو ويچار هو ته ريل جي ٽڪيٽ خريد نه ڪرڻي آهي، ڇو جو سنڌي شرنارٿين لاءِ مامي لهوري جون گاڏيون فري آهن. مون کي به ٿي ڪڏ ڪٽي، سو هڪ دفعي ٽڪيٽ وٺڻ کانسواءِ ريل ۾ چڙهي پيس. چيڪنگ تي ٽڪيٽ ڪليڪٽر اچي هٿ پاڻهن ۾ ورتو. مدت منٿ ڪري پاڻ ڇڏايم. پر سخت چتاءُ ڏنائين. چي: آئينده مان پوليس جي حوالي ڪندو سانءِ. گهڻو وقت پيا مامي لهوريءَ جا قسم کڻندا ۽ مفت ۾ هلندا؟ ڪافي شرم آيو ۽ شرمندو ٿيس. وري نه اهڙي ڪم کان ڪن ڪپاٿي ڇڏيم.

اسماعيل ڪاليج ۾ پيا ٻه - چار سنڌي شاگرد پڻ داخلا وٺي چڪا هوا. آهستي آهستي هنن سان ڏيٺ ويٺ ۽ پوءِ پهنجائپ ٿيندي وئي. انهن ۾ اهم شخص لڇمڻ راجپال هو، جنهن سان نه ڪراچي ودياري هلچل جي دوران سنبنڌ قائم ٿيو هو. ڪافي ٽڪر ۽ مخالفتون به ٿيون هيون، جنهن بابت اڳواٽ ئي ذڪر ٿي چڪو آهي. ورهاڱي کانپوءِ اهي دشمنيون ۽ ترشيون به سنڌ ۾ دفن ٿي چڪيون هيون. هت هڪٻئي کي اسين ڏاڍو

ڪيائي، جهنگلي سازن جي آواز جو ماحول ۽ شور پيدا
ڪرڻ. پٽن ۽ لٺين مان جوڙيل ڪنڌيون اسان مٿي تي،
ڳچيءَ ۾، چيلهه تي ۽ گوڏن وٽ ٻڌيون، اهڙيءَ طرح جيئن
اسان جو گهڻو بدن جهنگ جي پنن ۽ پٽن سان ڍڪيل رهي.
هونئن به اسان صرف چڏي پاتي هئي ۽ ٻيو بدن اگهاڙو رکيو
هو. ڪارا ۽ اڇا رنگ هٿ ڪري، سڄي بدن تي آڏا ۽ اڀا
ليڪا ماري عجيب و غريب نشانيون ڪڍي ٺاهيوسين. جيئن
ته اسان جي اسم جي پڌرائي ٿي نہ، اسين ٿالهين تي زور
سان ڏونڪا ماريندا، عجيب قسم جا آواز ڪيائيندا، ڏماڏم
مچ لـــي نچي پياسون. مان وچ اسٽيج تي اٿي، "رام رام
ڪيرت رام" ڳائي رهيو هوس ۽ ٻيءَ اڌ درجن ساٿي ٻانڊرن
وانگر ليڪڙ - ٽپا ڏيئي، ٽنگون ٻانهون اڇلائي، مچ تي
گول ڦيرا پائي مون کي ونائي رهيا هوا. اٽڪل ڏهہ منٽ ڪن
ڌما چوڪڙي لڳائي، هلا گلا مچائيندي، ٻاهر نڪري آياسون.
هال ۾ ماڻهن جا زوردار ٽهڪ ۽ تاڙين جا ٺهڪا، ڪافي وقت
تائين گونجندا رهيا. مکيہ مهمان دليپ ڪمار، پنهنجي تقرير
۾ پروگرام تي ڳالهائيندي، اسان جي قبائلي ناچ جو ذڪر
ڪيو ۽ خوشي بہ ظاهر ڪئي. پوءِ گهڻي وقت تائين سنڌي
گروهہ وارا شاگرد، ڪاليج جي شاگردن جي اکين جو مرڪز
بڻيا رهياسون ۽ "رام رام ڪيرت رام" سان ڪيڪاريا ويندا
هواسون.

ان زماني جي رکي، اڪيلي اڪيلي، پنڪندڙ ۽ غير
لڳاتي جيون جي اثر هيٺ، ڀارت ۾ پهرين ڪهاڻي لکي
هئم. "اُس اندر، سچيت جو زمانو" جيڪا اڄوڪ راجپال
ٻاران شروع ڪيل، "نئين دنيا" رسالي ۾ ڇپي هئي. اها
ڪهاڻي جڏهين ادبي ڪلاس ۾ پڙهيم، جنهن کي، منهنجي ڀارت

اڃا تو ويندو .... پيو من چوي ته سنڌي ڀاشا جي سکيا ۽ جوان
جي اجهل ڀاوَنا کان وڌيڪ پيو ڪجهه ٿيندو آهي ڇا؟ هر
رات جا ٻه ڪلاڪ ڪٽي وڌيڪ اوجاڳو ڪجي. دراصل ڳالهه ڇا
آهي ته لنڊين کان، آدرشي پريوار جي اثر هيٺ، منهنجو
جهڪاءُ زياده تر آدرشي جيون طرف رهيو آهي. ڪهڙي به
حالت، ڪهڙي به سوال، ڪهڙي به موڙ، ڪهڙي به مسئلي ۾،
منهنجو من ۽ ذهن هميشه آدرشي قدم ۽ عمل جي فائدي ۾
۾ فتوا ڏيندا آهن. شخصي فائدي جي اک اور گهٽ ڪندا
آهن. پوءِ هن حالت ۾ فيصلو ته مون لاءِ اول ئي اوائل تيل هو.
سوچڻ جي ڳالهه ئي ڪهڙي هئي؟ سوچڻو صرف ان ڳالهه تي
هو ته سنڌي شاگردن طرفان ڪهڙو پروگرام ڏيون، پهرئين اوڏي
مهل ئي هڪ رٿ پي - ميڊ پروگرام ذهن ۾ چمڪي آيو. "رام
رام ڪيرت رام، رام رام...." اڪولي زماني کان وٺي، قومي
هلچل لائين، اهو مذاقي اسم، ان ڪري دفعا ڪاميابيءَ سان ڏنئي
چڪو هوس. مسئلو حل ٿي ويو. من هلڪو ٿي ويو. پڙهڻ
ڪارپوءِ اندر ته فرحت واري اچي وئي.

ايندڙ شام ئي دوستن سان مٽين ڳالهه جو ذڪر ڪيم. ڪين
راڳ ڳائي ته پڌائيم ۽ اچي ته ڏيکاريم. پر بس ٿيا پيا ڏين.
راڳ ۽ ناچ ۾ مون پنهنجي ڇهني کي شامل ڪيو. ان انهيءَ
اسم ڪي زوردار ناچ ڪري پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيو. مقرر
ڏينهن کان اڳ، ٻه ٽي دفعا، اسان پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ ئي ان
جي ريهرسل ڪئي. انهيءَ ڏينهن تي اسان وٽن جا وڏا پٽا ۽
انڌيون ڇاڳون پئي آيا سون. انهن کي سولائيءَ جي ذاڳن
سان ڳنڍيون ڏنيون، ڪوڙ سارئون ڪنديون لڳا ڪري ورتوسون
ڪٽيندن مان ٻه ٽي وڏيون ٿالهيون ۽ هٿ ڪيو اسين ۽ ائيئون
لڪڙيون به حاصل ڪيوسين، جن ٿالهين تي زوردار ٺڪاءُ

ڪيم. ٻه - ٽي سيڪڙو کان فرسٽ ڪلاس هيٺ مان ڇڏائجي ويو. باقي سيڪنڊ ڪلاس مليو. مان خوش هوس. جيستائين منهنجي سامهون مقصد هو ته مان ان ڏس ۾ اڳرو رهيس. هاڻي پڙهڻ خلاص ٿيا ته. اڳين وقت جي اُٽڪل لڳي. رام پنجواڻي، ارجن شهاڻي ۽ ٻين خير خواه دوستن صلاح ڏني ته وڪالت جي سند حاصل ڪرڻ لاءِ امتحان ڏيان. هڪ سال جو ٿي ته سوال آهي، وري هڪ سال لاءِ پاڻ کي ڪير ٻيو پڙهڻ ڪري؟ من مڃي ٿي ته! ڇي: وڪالت جي ڏيڏي جي ديڻ ۾ ڦاسڻ تو چاهين! ڪوڙ ڪپت، گناهه ابراڻ، جهيڙن جهڳڙن، فتني ۽ فساد جي گهٽ پوساڻ جي دنيا ۾ تون خلاصو ساهه کڻي نه سگهندين. پوساٽجي پوندين، جڏهن ته هڪڙو ئي مليو اٿئي، سو، اٿين ڪوڙن ڪٽڻ ۾ وڃائيندين؟ منهنجي من ۾ ماڻڊاڻو هو. پر جڏهن ته مان پنهنجي ذاتي سڀاءَ جو اڳواٽ ئي ذڪر ڪري آيو آهيان ته. آدرشواد طرف آءٌ وڌيڪ جهڪيل آهيان، تنهن ڪري سال ١٩٤٠ کان ڪنهن نه ڪنهن سياسي آدرش سان جڙيو ئي رهيو آهيان، تنهن ڪري هاڻي اُن عقيدي واري پيڙي کي الوداع چئي، ٻيو ڪو ڪس پڪڙيان، منهنجي دل ۽ دماغ قبولڻ لاءِ تيار نه هوا. هاءِ ڪورٽ واري آفيس مان سند جي امتحان لاءِ، وڃي داخلا فارم به وٺي آيو هوس، پر اهو پاڙي ڪولا ڏنم.

وري به سياست جي حق ۾ فيصلو ڪيم. وڃي پارٽي جي ڪميونسٽ پارٽيءَ سان پنهنجو ناتو جوڙيم. ايم. اي. ڊگريءَ لاءِ ته منهنجي داخلا اسماعيل ڪاليج ۾ اڳ ئي قائم هئي، تنهن ڪري ودياراٿي محاذ تي، ٻاڻي اسٽوڊنٽس يونين ۾ ڪم ڪرڻ لڳس. رهندو به مان يونين آفيس ۾ هوس، جتي سڄي رات مڱهڻ، مڇرن ۽ ڪاڪروچن سان راڻيون ڪندو هوس.

۾ اچڻ کان اڳ، ١٩٤٨ ڌاري گوبند مالهي، ڀاريلال چاپڙا، گل آسداڻي ۽ ٻين جي گڏيل ڪوشش سان شروع ڪيو ويو هو. ٻن بزرگ اديبن لالچند امرڏنومل ۽ آسانند مامتورا ڏاڍو داد ڏنو. آدي لالچند ته اُتي به چيو ته هيءَ ته ننڊ ۾ اکل لال لڌو اٿئون. جنس جو تمام کليل اظهار هو، سو بزرگن کي نه ڏاڍو وڻيو هو، پر نوجوان اکڙجي ويا. چي: ساهت ۾ اهڙي اگهاڙپ روانه آهي. جڳت آڏواڻي ته اهڙو ڏمرجي ويو جو ان ڪهاڻيءَ تي پئروڊي لکيائين ۽ سرو ڏنائين: ”شل نه اچي اهڙو محبت جو زمانو!“ ائين هلي، مون کي به محسوس ٿيو ۽ مون اُن جو کليو اظهار به ڪيو ته ڪهاڻيءَ ۾ جنس جو بيان کليو هو، جا ڳالهه سڀني ذائقي واري نه هئي.

دراصل ڳالهه جا هئي ته اُن سمي ساهت ۾ جنس جي کلئي اظهار جو هڪ دور هليو هو، خاص طور تي اردو ادب ۾ اُن چڱو زور پڪڙيو هو. ناميارا اديب به ان فيشن ۾ ڦاسي ويا هوا. خاص طور اهڙي ادب جي تخليق کان اُردوءَ جا ٻه نامور ڪهاڻي نويس سعادت حسن منٽو ۽ عصمت چغتائي مشهور آهن. سنڌي ادب تي ان زماني ۾ اُردو ترقي‌پسند اديبن جو ڪافي اثر هو. اسان مان به ڪي اُن طرف هرکجي ويا هوا. سنڌ ۾ ٻيءَ ڪن سنڌي اديبن ان ڏس ۾ ڪي ڪوششون ڪيون هيون ۽ واد وواد جا مرڪز بڻجي ويا هوا. انهن ۾ آنند گولاڻي، شيخ عبدالستار، رام امرلعل ٻنڀواڻي ۽ شيخ اياز به شماري سگهجن ٿا.

وقت گذرڻ ۾ دير ئي ڪانه لڳي. ايل. ايل. بي. جو امتحان اچي مٿان بيٺو. مون به اهي ٽي مهنا جوڳ ڀڳايو هو. امتحان جو ڪورس ٻه دفعا اُٿلائي ويو هوس. انهن ڪري پوري وشواس سان امتحان ۾ ويٺس ۽ دل گهريو نتيجو به حاصل

وانگر ٿيندا، جيڪي وڏيرا ڳوٺن يا ٽالپٽرن جا پورا ناهي، ٽڪر جو ٽڪرو والاري، هرڪو پنهنجي پريوار جو مٿو ڍڪڻ لاءِ سرگردان ۽ پريشان هوا. کائڻ، پيئڻ، رڌڻ، سمهڻ، پڙهڻ، آرام ڪرڻ - سڀ جو سڀ انهيءَ انڌيري ٽڪري ۾ ڪرڻو هو. پاڻيءَ لاءِ نل ٻاهر هوا. سڀان ته مرد، ٻاهر ڪٿي ميدان ۾ وڃي ڪري سگهيا ٿي، پر زالون ڪيڏانهن وڃن؟ اهي انهيءَ ٽڪري ۾ ڪنب پاسيرو هوندي ناهي، ڪپڙا به سبيندئون هيون ۽ وڄهندئون به هيون. ڪي شرم لڪائي، ڪپڙن سوڌيون ٻاهران وهنجي، اندر اچي ڪپڙا مٽيندئون هيون. ضروري حاجت لاءِ مرد ته صبوح جو سوير اونداهيءَ جو فائدو وٺي، پاڻيءَ جو لوٽو کڻي، جهنگ هليا ويندا هوا. پر زالن لاءِ ته ڇڪڪ ذلت هئي! ٽڪرن جي آسي پاسي پائخانا ته ٺهيل هوا، پر ڏاڍي زبون حالت ۾ هوا، جن مان ڪن کي ته دراڙ دروازا ۽ پڙدان بند ڪرڻ لاءِ ڪڙيون به نه هيون - ٽينڊو اٿين هو جو عڪڙو اندر وڃي ته پيو ٻاهران اهڙي پهرو ڏئي. گهڻا اهڙا جو گهڻو وقت اندر ويهي ته ساهه گهٽجي وڃي. اهڙن پائخانن جي اڳيان، اهي اسان جون مائرون ڀينرون، صبوح سان قطارون لڳائيندئون هيون. جن پنهنجي ڌرتيءَ تي چادرن کانسواءِ در ڪان ٻاهر پير به نه رکيو هو. سچ پچ انسانن جي رهڻ لائق بستي نه هئي. سور به پيا عام جام ڦرندا هوا. وڃن ۾ ننڍڙن ڪان به ڪيترا ئي بيمار ۽ وڏا شڪار ٿيا هوا. هيءَ انڌيرو دوزخ، جنهن ۾ سنڌين ڪيترا ئي ڀيرا سال گذاريا، تنهن جو مان بيورو ورڻن ڪري نه سگهندس. جن سچ پچ انهيءَ جهنم ۾ ڏينهن ڪاٽيا، سي ان جو پوائٽو آڪار چٽي سگهندا. مان جيڪو به ٿورو گهڻو احوال ڏيئي سگهيو آهيان، سو انهيءَ ڪري جو شروعاتي ڏينهن ۾ مان هر آڌوار تي ٻاهم

ٿڪ ھڻي ڪري ٿورا ڪلاڪ لنب اچي ويندي ھئي. جوائيءَ ۾ ڪافي ھئي. ڪاڏو بہ مان ڪاھن ڪڇڻ ۾ ڪانہ ڪندو ھوس، جتي بہ وڃان لاءِ پيچو بہ، روپيا ڏيڻا پوندا ھوا. دال- ڀات ۽ ھڪ اڌ سبزي. اچار بہ پاپڙ بہ ملندو ھو بہ بہ، انھن جي ياد گيري بہ رھي آھي. انھين ڪم ڪندڙن کان وٺي، وڏن ليڊرن تائين، سڀني ھٿ لي تالپتريءَ لي، قطار ۾ ويھي ماني کائيندا ھوا. ھن دؤر جا ڪي ٿورا تفصيل ڀورائين پاڳي ۾ بہ آيل آھن. ٻنھين طرفان ڪاليجن ۽ اسڪولن جي شاگردن جي انھن ۽ طلبن کي ڪٽي آندولن ھلائيندا ھواسون. اخباريءَ وارا جي ڪڏھن ھڙتال کان لڳائيندا ھوا تہ ھڙتال جو سڏ ڏيندا ھواسون. مکيہ لنگھہ (دروازي) تي ٻيھي پڪيٽنگ ڪندا ھواسون ۽ شاگردن کي ھڙتال ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ترغيب ڪندا ھواسون. ھنن ھنگامن ۾ مان بہ شامل ٿيندو ھوس ۽ پاشڻ بہ ڏيندو ھوس. سال ان ۾ ھيءَ معاملو ٿلو ٿي ويو يا جڪر ان بہ چوان تہ مٺھڙي وڃار جو وھڪرو ھڪ ٻيو موڙ وٺي ويو.

امتيءَ جي ونجھو، سنڌين جي وڏي ۾ وڏي شرڻارٿي بستي (ڪيمپ) الھاسنگر آھي، جنھن کي سنڌي پنھنجي ڌرتيءَ سان انوٽ سنبندھ جو اظھار ڪندي، سنڌوانگر سڏڻ جي اڇا رکندا آھن، ان جو بہ ھڪڙو انيڪڙو الھاس آھي. سنڌ مان ڀڄي شرڻارٿي سنڌ رستي، امتيءَ اندر لي اٿا، ان کي گھٽو ڪري ھن بستيءَ ڏانھن موڪلائون. بستي جا ھئي - ٻيرڪ، پٽيون پگھل فوجي بيرڪون ھيون، جيڪي ان مھاڀاري جنگ وقت لشڪر جي رھائش لاءِ ڪم آيون ھيون ۽ جنگ بعد سڃيون ۽ ويران پيئون ھيون. ڪن جون ڇتيون بہ اڌامي ويئون ھيون تہ ڪن جون پٽيون بہ ڀري پيئون ھيون. وڏ شاھي حال ھوا، جن ۾ وڃا ٿي، ڪٽنب پيمان ڪيٽبن کي ليورن

جي سنڌي آبادي سرڪار کي عرضو ڏنو هو ته هن اسڪيم کي **سنڌونگر** نالو ڏنو وڃي. **سنڌو**، نه صرف ٻڪي ڀارت جي مهان ندي هئي، جنهن جي ڪناري تي ويدن جي وائي اُچاري ويندي هئي، پر **سنڌ** هن ديش جو انگ هئي ۽ هن اسڪيم جي ماڻهن جي پياري ڀومي هئي. ڪنهن کي ٽڪرو نٿا ڏيو، جنهن کي **سنڌ** سڏي سگهون ته. گهٽ ۾ گهٽ هن ٽڪر کي سنڌ جو نالو ڏيئي، سنڌين منوگيانڪ ۽ آتمڪ سنتوش لاءِ ته ڪٿي ڪريو. پر اهڙا سندر جذبا ۽ احساس ڏاڍن جي پيرن هيٺ چيڀجي ويا. مهورت وقت سنڌين جي اڳواڻن ۽ گهڻگهڻن اعتراضي سرگس ڪڍيو، اسٽيج ۾ پوسٽرما ڏني ۽ "سنڌونگر" نالو رکڻ لاءِ نعرا هڻندا، مهورت جي جڳهه تي آيا، پر مٿن لٺبازي ٿي، جنهن ۾ ويد **يوڄراج پرسوائي** (ڪميونسٽ اڳواڻ) ۽ ڪيترن ماڻهن کي ڌڪ لڳا، جن ۾ ٻارڙ اوستا جون مهلائون به هيون.

ويد يوڄراج پرسوائي هڪ ڦڙاڪو شخص هو. حيدرآباد سنڌ ۾ ڪميونسٽ پارٽيءَ ۾ ڪم ڪندو هو. صفائي ڪامگارن جي يونين جو نيتا هو. اُن کي سندس ڪافي سرگرميون هيون ۽ تقريرن ۾ غضب جو هو. آريوويدڪ طبابت جو پيشو هلائيندو هو. ڏاڍو کلمکو ۽ مذاقي طبيعت جو مالڪ هو. موڄي اصولي ۾ هن زنده دل شخص کي اسين ڪامريڊ يوڄراج، ويد راج، ڪوي راج ڪري چوندا هئاسون ته ڏاڍو وڻندو هوس. ٿوري گهڻي ٽڪ پيئي به ڪندو هو، هروڀرو اسين غلط نه ڪونه چوندا هئاسين. مان جڏهين ته الهاس نگر ويندو هوس ته اڪثر وٽس رهندو هوس. دل سان خاطري ڪندو هو. پوڙ سان گڏ، ويشنو وسڪي، دراڪشاسوا جو پيڪ به پياريندو هو. ڪچهريءَ جو ڪوڏيو هو. سنڌونگر نامڪرڻ وقت جهڪو

سنڌو وانگر وڌندو هوس.

اهڙي ذلت ۾ ڦٿڪو ڪرڻ ڪاڻپوءِ، سنڌين جي سوڀيان تي جيڪا اِها چوٽ لڳائي وئي، سا اِها جو ڪيئن هر هنڌ تي ٻيڪارن وانگر پيٽ گذر لاءِ، راشن وٺڻ لاءِ هٿ ٽنگي، قطارون ٺاهي بيهڻو پوندو هو. اڌ ڪلو چانور، ٻه ڪلو ڪڻڪ، پاءُ ڪلو کنڊ، هڪ بوتل گاسليٽ، ٻه سو گرام تيل ۽ وغيره وغيره. هيءَ ڳالهه مون صرف مثالي طور چئي آهي. هڪ پراڻين، سڌريل، ترقي يافته، مالدارن گذر واري جاتيءَ سان هن قسم جو قهر ٿي وڃي ته سڀاويڪ بيحد پيڙا جو احساس ٿئي ٿو. هر دفعي اهڙي پيڙا جو احساس ڪٿي، مان اچي موٽندو هوس. انهن کانسواءِ ڪيترن ئي دکي ڪٽنبن جا دل ڏاريندڙ داستان ٻڌڻ لاءِ ملندا هوا، اهڙي قدر جو ڪيترن ڪٽنبن وٽ توفيق نه ڪانه هئي جو پنهنجن ابهمن کي کير پيئي ته پياري سگهن. ڪيترن ابهس ۽ لاوارث شخصن جي موت تي، ڪفن دفن لاءِ پاسي وارن وٽان اوڳاڙي ڪرڻي پوندي هئي. تاريخ سنڌين سان وڏو ڏوهه ۽ مخول ڪيو هئي، سا ته ڳالهه سمجهه ۾ آئي پئي، پر جنهن ديش جي آزاديءَ لاءِ سنڌين پنهنجو سڀ ڪجهه ويندي وطن به نڇاور ڪيو هو، انهن ديش جي سرڪار جي دلسوزي واري نيتي ۽ ورتاءُ سمجهڻ کان ٻاهر هوا. مون هٿ ئي اچي پندو هو ته ١٩٤٨ ڌاري، هن اسٽيٽ جو نامڪرڻ (نالو رکڻ) لاءِ ان وقت جي گورنر جنرل راج گوپال چاريه کي مهورتي رسم ادا ڪرڻ لاءِ گهرايو ويو هو. مهاراشٽرا سرڪار طرفان اسٽيٽ جو نالو الهاس نگر رکيو ويو هو، جاڪاڻ ته ڀرسان الهاس ندي وهندي هئي. ندي ڇا هئي! اُٿ ـ ڏهه فوٽ ويڪري، شهر جي ٻرابر مس هئي، جنهن ۾ صرف برسات جي مند ۾ ڪي قدر پاڻي ڏسبو هو. ٻئي طرف اسٽيٽ

آبادين کي، گهٽ ۾ گهٽ وگيانڪ طريقن سان پرکي ۽ سمجهي سگهجي ٿو ۽ ڪڍيون ته اهڙين آفتن جي پرون پوڻ تي، انهن کي ٽارڻ لاءِ حيلا وسيلا به هلائي سگهجن ٿا. پر تاريخي واقعن، اسرارن، حادثن، انقلابن ۽ گهٽنائن جي اندرين تهن ۾ اڳواٽ وڃي ليئو پائڻ ۽ انهن جي حيرتناڪ ۽ خونخوار نتيجن کان آگاهه ٿيڻ جو علم اڃا ڪي ترقي نه ڪري سگهيو آهي. ان لاءِ مول ڪارڻ اهو آهي ۽ خود سماج - شاستر جا وگياني به ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته تاريخ جو اڄو پيڙو نهايت منجهيل، ڏکيو ۽ پيچيدو آهي ۽ ان جو نتيجو به پورالو ۽ بي نيم آهي. طبعي دنيا جون سڀ ڪريائون، جيئن ته قدرت جي اٽل نيمن ۽ قانونن تي ٻڌل آهن، تنهڪري انهن جي چڪاس ۽ نتيجو گهڻي ڀاڱي ٿوري گهڻي خاطري سان ڇڏي سگهجي ٿو، پر تاريخ جو واسطو جيئرن جاڳندڙن انسانن جي امنگن، آشائن، خواهشن، وچارن، عقيدن ۽ ٻين اهڙين غير جامد ۽ اڻ سڃاتل ڀاونائن سان آهي، جن جو عمل، رد عمل ۽ سندن پراسرار پيچيدو آهي، جنهن کي پسڻ، پرکڻ، سمجهڻ ۽ ان بابت ڪو خاطر خواهه نتيجو ڪڍڻ ڪٺن ڪم آهي. سڀني سماجڪ گيانن سان اهو مت لاڳو آهي. تاريخ سان به اهو ئي اصول لڳي ٿو.

تاريخ جا مت ۽ اصول ڪهڙا به هجن ۽ ان جو پورالو وهنوار ڪهڙو به هجي، پر تاريخ سنڌي جاتيءَ سان ڪٺور ورتاءُ ڪري ڇڏيو. هزارن سالن کان جنهن زمين تي انسان جا آبا ڏاڏا وسيل هوا ۽ جنهن زمين تي دنيا جي اعليٰ، شاهوڪار، پراچين ۽ شاندار سڀيتا جنم ورتو، تنهن زمين تان انسان کي لوڏي ڪڍيو ويو يا انسان کي پٺتي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. ڪو حيلو وسيلو ڪونه هليو. انهيءَ پوتر ڀوميءَ جو هڪ گز به، انسان جي ورثي ۾ ڪونه آيو. سڄيءَ ڌرتيءَ تان هٿ کڻي آياسون. ان لاءِ اسين تاريخ کي ڀل ڪوسيون يا قسمت تي ڏوهه مڙهيون،

اعتراضي جلوس ڪيئو هوائين، انهن جو احوال ڏاڍي فخر ۽ شد مد سان ٻڌائيندو هو. ته: ڪامريڊ، اسان سنڌي ٻيڙين ملاحن کي لال جهنڊا ڏيئي انهن اڳيان ابهاريو هو ۽ مون پنهنجي نعرا لڳائيندا هلياسون. "اسان کان سنڌ نه کسائي آڏي؛ هڪڙي شهر کي مٽڙي سنڌ جو اداو نه رکڻ ڏيو". پر پار هنن انهن اسان جي احساس جو قدر ڪو ڪيو، جو اسان جي ملاحن ۽ پورن کي لئين جو وسڪارو ڪيو. اڄڪي هلي ويد پو پراج اٿيءَ ڪڪ مان ٽاٽا اوڪپورڊ جي معيوريءَ لاءِ ايندو هو. هو نه صرف سنڌي شرنارٿين ۾ اوڪپوڙه کي چڪو هو، پر آسپاس جي ڪارخانن جي مڪاني پورهيتن ۾ پيارو ٿي ويو هو. اوڪپورڊ جي چوائب جو جڏهن نتيجو ظاهر ٿيو ته هو سڀني اميدوارن ۾ مٿي ايندو هو. انگريزي روزاني اخبار ٽائمس آف انڊيا، انهن وقت، پهرين صفحي تي ايڪس ۾، اها خبر هيٺين سرخي سان ڏني: Red Tops The List هن جي پنهنجي ڪراول، طرف هڪ ڪان وڏي ڪميونسٽ هئي. ان زماني ۾ ته هيءَ شخص چوائب لڙڻ لاءِ پيسي جي لڳي ڪارڻ پنهنجي گهر جي هڪ ڪي سڀڻ جي مشين وڪڻي آيو هو. مان ته هفتي کن لاءِ پڇن کي ڪميون ۾ پيئي گاڏيءَ تي جهنڊو لڳائي، پوسٽر چنبڙائي سندس پرچار ڪندو هوس. مشين وڪڻڻ جو ڏڪو سندس پڇيءَ کي اڌو ٿيو، جو ان صدمي ۾ هوءَ ڏهي پيئي. پڌو هوم ته هڪ رات جو هوءَ پنهنجي استري ڏاڻ اٿي، اٿم اهوشيءَ ۾ وچي گهوڙ جي استري تي سمهي ۽ ڪيس چنبڙي پيئي. ابترو نه رڳائين جو سڏڪا سڃي انڪ ۾ پڌڻ ۾ پيئي آيا. پوءِ گهڻو وقت ڪيي ڪال سگهي،

زلزلا ٻه قهر رڳو قدرت جي طرفان نه ٿيندا آهن. انساني تاريخ جا ب— زلزلا ۽ قهر ٿيندا آهن. طبعي دنيا جي انهن

جذبن ۾ وڃو، جنهن جو مطلب هو ته پنهنجي الڳ سڃاڻپ ۽ هستيءَ کي مٽائي ختم ڪري ڇڏيو. پنهنجي جاتيءَ کي هڙئي نازڪ نارائي وقت، صحيح ۽ دورانديشيءَ واري اڳواڻي نه ڏيڻ جي ڀاري ڀُل جي احساس هيٺ، وڏا ٿي هڪٻئي پٺيان غلطيون ڪندا ۽ جاتيءَ جي هستيءَ کي ڪاٽ هڻندا. اُن پٺيان منووگيانڪ ڪارڻ اهو هو ته پنهنجي بنيادي ”ڏوهه“ کي ميسارڻ لاءِ مورڳو ٿي جاتيءَ کي بنياد کان اکوڙي ميساري ڇڏجي - نه هوندو بانس نه وڄندي بانسري.

اهڙي منووگيانڪ مرض ۾ مبتلا ٿي، هنن اڳواڻن سنڌي ٻوليءَ تي وار ڪيو. سنڌي وڏيرا اڃا ورهاڱي جي ڇڪيت کان سنڀالي رهيا هوا ۽ پاڻ کي وري وسائڻ جي مونجهار جدوجهد ۾ سرگردان هوا؛ لڏ پلاڻ اڃا چالو هئي، ماڻهو ڪئمپن ۾ ذلت جا ڏينهن ڪاٽي رهيا هوا ته سنڌي ليڊرن کي سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي پٺيان وڃڻ وائي. ڇي: سنڌي ٻوليءَ جو مسلمانڪو ويس بدلائي، هندڪو وڳو ته پاتو اٿس. نتيجو اهو، اپريل، جو ۱۹۴۸ ۾ ٿي انڪل نيهارو ڪن پنهنجن همراهن جي، جن ۾ ساهتڪار ۽ تعليمدان گهٽ، سياسي ۽ سماج شيوڪ وڌيڪ، هڪ ”جڙاو“ ڪانفرنس ڪوٺائي، ان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي (عربي) لپي بدلائي ديوناگري ڪرڻ جو ٺهراءُ پاس ڪري، ڀارت سرڪار کي موڪلي ڏنو ۽ سرڪار ڏاهي اسار وارا ڪري، بنا جاتيءَ جي راءِ وٺڻ يا ودوانن کان صلاح ڪرڻ جي حڪم جاري ڪري، ۹ مارچ ۱۹۵۰ جي تعليم کاتي جي سرڪيولر رستي سنڌيءَ جي لپي بدلائي ڇڏي. ۽ اهو به ڌيان رهي ته هن ڪانفرنس ۾ جن ودوانن ۽ ساهتڪارن اعتراض اُٿاريو ۽ ڳالهائڻ ٿي چاهيو، اُن جو واس بند ڪيو ويو ۽ ٻئي طرف

جنهن گهڻي ڀاڱي لٽي ڇڏيو. پر انسان جي جاليءَ جي جن شخصن هن لاڙائيءَ آفت اچڻ کان اڳ ، لوڙي ڇڏيو جا عقل جي ڪوتاهي ڏيکاري، جاليءَ سان اخلاقي ٻڌو. ڪيو، ان لاءِ اهمت جانچو ونڃڻ، صحيح صورت حال پيش ڪرڻ ۽ رڪاوٽ سان ڪرڻ مشڪل ضروري آهي، جنهن تاريخ جي ٻين ٽي اچو - ڪارو پڌرو ٿي پيو هي.

سنڌ جي پراڻن ڪالڳرين ليکڪن جهڙڪي سنڌي جالي جا مڃيل اڳوان هوا ۽ ڪين جاليءَ جو پورن وشواس، عزت ۽ پيار پڻا حڪمت جي حاصل هو. ان پڌهجي فرض ۾ ڪوتاهي ڏيکاري ۽ دورانديشي جو اهو ڪو سٺو ثبوت ڪين ڏنائون. پڌهين فرض ۾ ڪٿا: اڪو سنڌ ان لاءِ زمين جي ٽڪري گهرڻ جي طلب ڪيائون، جهڙڪا ڪرڻ حقي، روا واجب هئي ۽ ڪن گهڻگهرن ۽ دورانديش سنڌي سڄڻن اها طلب اٿاري ئي هئي. پر ان ٽي اهو اڪ، پوٽي ڇڏيائون ۽ پوءِ جا قيامت سنڌ ان مٿان اچي ئي وئي هئي اهو لڏ پلاڻ وقت هئن اڳوان، سنڌ ان کي، ليکن ديش ۾ صحيح رهنمائي امولي ۾ ڪنهن هڪ هنڌ ٽي وسائڻ لاءِ اهو ئي وڏا ڏاڍا ڪالهه هئي. اڳهڪري سنڌي جالي وڃي هڪ ٽڪ جهڙن ٽوهي اٿڪن ۾ پيئي، جنهن جو ٿورو احوال مٿي ڏنل آهي، اهو اهو ايءَ طرح سڄي ڀارت ديش ۾ داڻو داڻو ٿي وئي، جڻ جاليءَ کي سراپ مليو هو، يا جوالا-مکي ڦاٽو هو. اهو صرف انترو پر مٿان وري ڪين اڳڪهالي صلاح ۽ ڏنائون اهو سنڌ ۾ سنڌي ڀاشا ۽ سنڌ سان هر واسطو رکندڙ چيز کي وساري ڇڏيو، جو سنڌ هاڻي ڏارين ملڪ جو حصو ٿي وئي آهي، جنهن سان اسانجو ٻرڀوجن ڪونهي. سنڌ ان کي وڌيڪ اها ۽ صلاح ڏنائون ته جتي ئي وڃڻا آهيو، اتان جي مڪاني ماڻهن سان گڏجي - مسجي وڃو ۽ انهن ۾

جي ڏوران قرضدار دوستن مون کي سنڀالي ورتو هو. هاڻي مونکي پاڻ لاءِ پاڙو هو ۽ بهتر گذر ڪيڻو هو. پنهنجي آدرش صدقي، مون وڪالت نه ڪرڻ جو نه فيصلو وٺي ڇڏيو هو. سچي وقت جي نوڪري ڪرڻ جو به نه سوال ڪونه ٿي پيدا ٿيو، ڇو جو نوڪري نه هيڪاري ٻين جي نوڪري هئي، جنهن لاءِ مونکي ڪوبه اُرواح ڪونه هو. مونکي آزاد رهڻو هو ۽ گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ پئسا وڌيڪ هٿ ڪري، وڌ ۾ وڌ وقت ڪارڻ کي ڏيڻو هو. اُن لاءِ ٽيوشن ڏيڻ ٿي عمدو طريقو هو. گهٽ جهنجهٽ ۽ اعليٰ پيشو! ٽيوشن وٺي ڏيڻ ۾ سڀ وارو جهولو ڪميونسٽ پيتا سواءِ انگريزي، جيڪو ورهاڱي کانپوءِ ممبئي ۾ اچي رهيو هو ۽ گوڙهه پنجابي واهر ٿيا. ٽيوشن گهڻو ڪري ڇوڪرين جون مليون، جيڪو هڪ نازڪ ڪم هو. باهه ۽ ڪپهه جو رشتو هو. پهرين ڀاڱي ۾ مون هڪ اهڙي واقعي جو ذڪر ڪيو آهي، جنهن ۾ معصوم ٻالڪا جي اڻ ڏٺل جدائي مان غلط فهمي پيدا ٿي وئي هئي. اِها ٽيوشن ٽئي نه به پيون مليون. اهي ٻئي ننڍڙيون ڀيڻر، پاڳڙي ڀاٽ مان هيون. سندن شاديءَ لاءِ آڇ ٿي رهي هئي. هن ذات ۾ اُن زماني ڌيئرن کي تمام وڏي تعليم ڏيڻ جو، خاص طور واپاري ورگ ۾، ايترو رواج ڪونه هو، پر گهٽ ۾ گهٽ مئٽرڪ جي پڙهائي جيتري لائقي نه سڪو ٻڌهيل گهر شرطانيندو هو. ڪين مئٽرڪ ٿي پاس ڪرڻي هئي. هرو ڀرو هوشيار ڪونه هيون، پر صفا ڏڏ به ڪين هيون. ٻئي عمر جي حساب سان چلوليون هيون. اَچڻ سان سندن "ڪين ڪين" جي سيشن شروع ٿي ويندي هئي. وڏي البت سنجيده هئي، پر ننڍي ڪيس، لڪائي پاسي ۾ آڱر لڳائيندي هئي، ته سندس سنجيدگي به هلڪي ڦوڪڻي مثل ڦاٽي پوندي هئي، پر جي اِڪا ڏڪا ري،

حيرت ٿي ٿيندو، جڏهن اڳوڻي ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ لاءِ ايترا
ٻي - آرام ۽ اٿارا هوا، ته مان کي اڳوڻي پارٽي جي جوڙجڪ
ٺاهيندڙ اسيمبليءَ ۾ موجود هوا. ۽ جڏهن وزان ۾ پارٽي
ڀاشائن جي فهرست پيش تيار ٿي ته. اُن ۾ سنڌيءَ جو نالو
داخل ڪرائڻ لاءِ هنن مٿن ڪونه ڪيو. سنڌي ڀاشا سان
وڏو انياءُ ٿي گذريو، پر هنن لاءِ مڙئي خير هو! پورا سورهن
سال سنڌي ڀاشا مانيل ماءُ وارا ٿنب سهندي رهي ۽ زبردست
وڙهه ڪانپوءِ مس، وڃي سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾
ٻين ڏيهي ٻولين جهڙو مان مليو. اُن سڄي جدوجهد جو احوال
پنهنجي موقعي ۽ محل تي ڏنو ويندو.

سنڌي جاتيءَ سان هن قسم جي انياءُ ٿي رهي ٿي سنڌين
۾، خاص طور پڙهيل ڳڙهيل ۽ نوجوان طبقي ۾ ڪافي رنجش
پيدا ٿي وئي. سنڌي ساهتڪار، ودوان، تعليمدان ۽ ٻيا ڀاشا
جا شيدائي قوم سان ويساگهاتي ۽ هن قسم جي مذاق برداشت
ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه هوا هو جوش ۾ افسوس ڪرڻ لاءِ تيار
ٿي ويا. سنڌي ليکڪن ٻوليءَ جي لپي بدلائڻ جي گهاتڪ
نيتي جي مخالفت ڪئي ۽ هڪ تحريڪ شروع ٿي وئي. شروع
شروع ۾ گوبند مالهي، ڀاريلال چاپڙيا ۽ ڌرمداس ڪشتريا، اُن ۾
سرگرم ڀاڱو ورتو ۽ ٻين وڏن به کين پٺڀرائي ملي، خاص طور
ٺاڪرداس اگناڻي پنهنجي روزاني اخبار ”سنسار سماچار“
جا صفحا انهن لاءِ کليل رکيا. هو پاڻ به سمپادڪي ليکن ۾
لپي جي بدلاءَ خلاف زوردار لفظن ۾ لکڻ لڳو ۽ ٻين اديبن جا
ليک به ڇپيندو رهيو.

منهنجي ڀارت ۾ اچڻ (٨، مئي، ١٩٤٩) کان اڳ هي سڄو
مالداڻ منهنجي چڪو هو. منهنجا پهريان ٽي چار مهينا ته امتحان
جي تيارين ۽ پاڻ کي ٺهڪائڻ جي چڪر ۾ لنگهي ويا. امتحان

مضبوط هوس. پڙهائيندو هوس ته سنڌس اکيون اڪثر ڪتاب ۾ هونديون هيون. منهنجي سمجهاڻي ۾ اکيون هيٺ جهڪائي ٻڌندي هئي ۽ باقي جڏهن پنهنجو پورو ڏيندو هو ته منهنجي لاءِ چانهه جو ڪوپ ۽ پليٽ ۾ بسڪيٽ کڻي ايندي هئي، ۽ ڏاڍي پيار ڀري مرڪ سان، منهنجي سامهون ٽيبل تي رکي هلي ويندي هئي، هڪ شائستگي واري ادا سان. ڪلاڪ، ڪلاڪ جي ٽيوشن لاءِ مون کي مهيني ۾ سؤ روپيا ملندا هوا. اڪيلي سر لاءِ ڪافي هوا. ڇو ته رهڻ ته مفت ۾ هو ۽ کاڌي لاءِ ٻن ويلن لاءِ پنجويهه روپيا ڏيڻا پوندا هوا. صبح ۽ شام جي ناشتي ۽ ٻئي مٿ خرچ لاءِ باقي ڪوڙ هوا.

سنڌي ٻوليءَ جي لپي بدلائي جيڪا ناواجب هٿ چراند ڪئي وئي هئي، انهن اداري مرڪزن ۾ ڏاڍو تاءُ پيدا ڪيو هو. اخباري اعتراض ۽ مخالفت ۾ ليک ته لکجي رهيا هوا، پر اهو ڪافي نه هو. سنڌي ٻوليءَ تي سخت وار ٿيو هو، جنهن جو زوردار جواب ڏيڻو هو، گڏجي مقابلو ڪرڻو هو، انهن لاءِ ڪنهن پليٽفارم جي ضرورت هئي. بمبئيءَ جي سنڌي مکيه اديبن، عالمن ۽ ٻين گهڻگهرن جو پرنسپال ڏ رمداس ڪشترپا جي اسڪول (گرانٽ روڊ) ۾ ميڙ سڏايو ويو، جنهن سرڪار جي نادري، غير قانوني ۽ حاڪمڪار حڪم خلاف هلچل هلائي. بمبئيءَ جا سڀ قابل – ذڪر ساهتڪار ۽ تعليمدان ميڙ ۾ آيا. ٻن ٻن وڏارن جي معتبر شخصن جي هڪ ڪشادي سنسٿا – سنڌي ٻولي ۽ لپي ڪاميٽي – کڙي ڪئي وئي. پروفيسر ليکراج عزيز کي صدر، شري ڏ رمداس ڪشترپا کي خزانچي ۽ مون کي سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ٻيا سڀ پرک اديب ۽ عالم ميمبر طور صلاحڪار ڪاميٽيءَ تي کنيا ويا، جن ۾ مکيه هوا – پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي، پروفيسر چيتن ماڙيوالا، ٿاڪرداس

دڙڪو ڏيندو هوس ته ڪلاڪ لاءِ سانت ڏيڻ سان ويٺيون هونديون هيون، پر جيئن ئي ٽيوشن جو ڪلاڪ پورو ٿيو ته، جمع ٿيل ”کين کين“ جو ڦوهارو ڇٽڪي پوندو هو. گهر مان نڪري رستي تي هوندس ته به سندن ڇرڙاٽ ٽهڪڙا پيا ٻڌڻ ۾ ايندا هوا.

هڪ ٽيوشن جهڙي جوڳي گهڻو مواڃنداٽي آڇ ڪئي. اُن ڇوڪريءَ کي هو پاڻ خود ٽيوشن ڏيندو هو. ڳالهه ڇا هئي ته کيس هڪ اسڪول ۾ سڄي وقت جي ماستريءَ جي آڇ ٿي هئي. هن اهو وجهه، وڃائڻ نٿي چاهيو، پر ڇاڪاڻ ته ڇوڪري ساماڻيل هئي ۽ وڏ- گهراڻي، هڪ پنجابي ڪوڙي جي واپاريءَ جي ڌيءَ هئي، انهن ڪري کيس هڪ پروسي ۽ خاطريءَ جهڙي شخص جو الو اجواز ڪري ڏيڻو هو. لڳو هو ته هن پنجابي سيٺ کي منهنجي قابليت ۽ چڱڙيءَ بابت خاطري ڏني، مڃايو هو، جنهن ڪري هن سان منهنجي ملاقات ڪاڻ ئي هئي. گهڻو مون کي رڳو اشاري طور چيو هو ته عزتدار خاندان آهي - انهن ماڻهوءَ لاءِ سندن من ۾ عزت هئي پر مون مسڪاري چڱي آهي. مسئلو هت به اهو ئي هو، ڇوڪريءَ جي سنگ اڪيلائي جو. ڇوڪريءَ لاءِ انگريزي پاشا ۾ ڪم- چلائو، علم ضروري هو. پر- ٿي درجا انگريزي پڙهي هئي، پوءِ شايد ڪنهن جي انگ- پسند واپارن ڪارڻ، سندس پڙهائي کي اڌ ۾ ڪٽيو ويو ها پيو به ڪو ڪارڻ ئي سگهيو ٿي. گهڻو مون کي پاڻ وٽي سيٺ جي گهر هليو. پراڻي ڪرائيندي منهنجي لاءِ سيٺ کي خاطري ڏياري. اٿي ڏينهن کان ئي ولي پڙهائي شروع ٿي ويئي. ڇوڪريءَ سان گڏ سندس ماءُ به اچي ويهندو هو، پر هفتي کن ۾ سندن ڏب يا شڪائون واڳون رهيون. ڇوڪري واقعي سهڻي، سڊول ۽ موهيندڙ هئي، پر لبج- ڪماءُ جو پرڏو ا.

لاءِ سڀني طرفان ڇهه چوپڙيون ڇپائي، انهن خلاف پرچار ڪيو ويو ۽ عام سنڌين کي لاءِ تبديل جي اڳرين نتيجن کان آگاهه ڪيو ويو.

سجاڳ، ايماندار ۽ سنڌي ٻوليءَ سان پيار رکندڙ سنڌي اديبن ۽ عالمن اڳيان تاريخ هڪ وڏو چئلينج اڇلايو هو. هڪ طرف هو پنهنجي اباڻي ڌرتيءَ کان پٽجي لڏيا هوا. ٻئي طرف سنڌي ٻوليءَ تي حملو ٿيو هو ۽ ٽئين طرف تمام خطرناڪ سازش ۾ شروع ٿي ويئي هئي ته سنڌي پنهنجي شاندار ۽ شاهوڪار ماضيءَ کي وساري ڇڏين، انهن ڪري نوجوان اديبن کي ان ميدانن ۾ اچڻ لاءِ سنڌ ۾ پڌرو پيو - هڪڙو هو ٻوليءَ تي حملي خلاف مقابلو ۽ ٻوليءَ جو بچاءُ ۽ ٻيو هو، سنڌي ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتي کي سوگهو جهلي رکڻ ۽ ان جي اوسر لاءِ اڳڀرا ۽ ڪارائتا پنڌ ۽ ڪوششون وٺڻ. ٻنهي فرضن کي هي- ادال لاءِ ڪامڻي سنڀاليو. پوءِ بيا به ڪيترا اڳتي قطار ۾ بيٺا. ساهت ۽ ڪلا جي ترقيءَ لاءِ ٻنهي جي اديبن هڪ پليٽفارم اسٿاپت ڪيو. مون شروع ۾ چيو آهي ته ڪن اديبن جي ڪوشش سان ڪراچي ۾ سنڌي ادبي ڪلاس شروع ٿي ويو هو، جتي بزرگ ۽ نوجوان اديب پنهنجون رچنائون پڙهندا ۽ انهن تي تنقيد ڪندا هوا. انهن هفتيوار گڏجاڻين مان سنڌي ساهت جي نو نرماڻ جو احساس اڀرڻ لڳو ۽ انهن گڏجاڻين کي سنسٿائي روپ ڏيڻ جي ڀاونا به پيدا ٿي. ايئن سن ١٩٤٩ ۾ ان جي پرڪلپنا ٿي. نئون ساهت منڊل وجود ۾ آيو، جنهن جو اڳتي هلي نالو بدلائي، سنڌي ساهت منڊل رکيو ويو. پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ کي پرڌان ۽ گوبند مالهيءَ کي سيڪريٽري چونڊيو ويو. ادبي ڪلاس جون بيٺڪون الڳ الڳ وقتن تي جدا جدا هنڌن تي ٿينديون رهيون. ايئن منڊل

اڏواڻي، گوبند مالهي، ڀوڄي هيراننداڻي، پروفيسر ڀوڄراج ناگراڻي، ٽيڪم واڌواڻي، گوبندرام ڪيسواڻي، سڳن آهوجا، گوبند پنجابي، موتي پرڪاش، پرڪاش راهي، موهن ڪلپنا ۽ ٻيا نوجوان ليکڪ.

اسان جو مقابلو ٻه طرفو هو. هڪڙو قانوني، ٻيو آندولن وارو. قانوني وڙهه لاءِ اسين سنڌيءَ جي پرک. وڪيل رام جيٺملاڻيءَ وٽ وياسون. جيٺملاڻي شري ڌرمداس وٽ سنڌ ۾ سنڌس اسڪول ۾ پڙهيو هو، جنهن مٿس اخلاقي ۽ جاتي - ڀلائيءَ جي جذبي جو زور ڀريو ۽ کيس سرڪار جي غلط قدم خلاف لڙڻ لاءِ راضي ڪيو. جيٺملاڻي ڀارت جي وڌان جو ماهر ڄاتو هو، انهن ڀارت سرڪار جي تعليمي وزير مولانا عبدالڪلام آزاد کي خط لکي سندس کاتي جي ٩ مارچ ١٩٥٠ جي آرڊر. زوراوري حڪم، جنهن موجب سنڌي لپيءَ کي بدلائڻ جو سرڪيولر پرانتڪ سرڪارن کي موڪليو ويو، انهن کي چئلينج ڪيو، زبردست اعتراض اٿاريو ۽ واپس وٺڻ جي طلب ڪئي؛ اهڙي حالت ۾ تعليم کاتي کي ڪورٽ ۾ گهلڻ جـو دڙڪو ڏنو. جيٺملاڻيءَ جي دڙڪي جو اثر جهٽ پٽ ٿيو. ڀارت جي تعليم کاتي ١٠ جنوري ١٩٥١ تي نئون سرڪيولر جاري ڪري، پرديشڪ سرڪارن کي هدايتون ڪيون ته، اڳين (٩ مارچ) فيصلي کي ڦيرائي، نئون فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن موجب سنڌي ٻولي، ٻنهين، سنڌي (عربي) ۽ ديوناگريءَ ۾ لکيون وينديون. لپيءَ جي چونڊ ٻارن جي مائٽن تي ڇڏي ٿي وڃي. سنڌي ٻوليءَ مٿان لٽڪيل خطرناڪ تلوار ته هٽي ويئي، پر سنڌي ڀاشا لاءِ ٻن لپين وارو اصول به اهڙو ئي خطرناڪ هو، جو اهو جڙ لپيءَ جي سوال تي جاليءَ جو ٻيو ورهاڱو هو، انهن خلاف جنگ جاري رهي. آندولن جي سطح تي سنڌي ٻولي ۽

احساس نه پالو آهي. سندس کي انهن کان مٿي ٻيو ڪو آدرش نه رهيو ائم.

شري ڏيمداس ڪشنچند سان منهنجي ڪاميٽيءَ ۾ ڪم ڪندي ڏاڍو ويجهو اچي ويس. هر هفتي ڪم جي پورائيءَ لاءِ گڏبا هواسون ۽ مهني اڌ صلاحڪارن جو ميڙ پڻ ٿيندو هو ۽ لڳون رٿون سامهون ايندڙون هيون. ليڪن جي سوال تي ڏيمداس جنهن ڏرمي عقيدي سان ڪم ڪندو هو. اصل ڪٽر اهڙي ڀڳت هو. هلچل لاءِ ڪاله رقم ڪيئي ڏيندو هو ۽ جيڪي نه ڇڏيو هوس نه ڇڏي ڪڏهن، اهڙو آهو هوندو هو. هن ڪارڻ سان هو پورن ريت وچن پڙهو. ٿورن شخصي ملاقاتن کانپوءِ مون کان پڇيائين ته ڇا ڪندو آهين. پڌايو ماس ته هڪ ڀن ٽيوشن مان گذارو ڪندو آهيان. فورن چيائين: منهنجي اسڪول ۾ هليو اچ. ٻه-ٽي ڪلاڪ ٽي ته صبوح جي وقت ڪم ٿيندو آهي. پوءِ سڄو ڏينهن فارغ هوندين. گهٽو ٽي پڙهجو ته ڪم ڪري سگهندين. في الحال مٿين درجن جي انگريزي مضمون لوڀسيءَ جي اوٽ-پوڪن کي درست ڪرڻ جو ڪم ڪجانءِ. ان ٽن مهنن اندر نئون سال شروع ٿيندو، پوءِ توکي پڪيءَ طرح اسڪول ۾ ماستريءَ جي جڳهه تي رکنداسون. مون پڪدم آڇ قبول ڪئي. سال جي شروعات سان ئي مون کي، هڪ سؤ چاليهه روپيا ماهوار تنخواهه سان پڪي نوڪريءَ جو حڪم هٿ ۾ مليو. هاڻي مان وڏيڪ ڏاڍيڪو ٿيس ۽ ڪجهه وقت لکڻ پڙهڻ کي به ڏيڻ لڳو هوس. ٻيو رچنالمڪ ڪاره ڏانهن اها پڙهجو پورو ڌيان نه ڏئي سگهيو هوس.

هٿي طرف پارت ۾ اچڻ کانپوءِ گوپيءَ سان منهنجي ڪاله ملاقات نه ٿي سگهي هئي. صرف ايتري خبر ملي هئم ته هن

أچي، جٿ هند ڪاليج هاسٽل، نمبر روم ۾ ٺڪاڻو ڪيو، جتي ملڪاڻي صاحب هاسٽل جو سپرنٽينڊنٽ هو. جنهن جو وڌيڪ ذڪر ايندڙ صفحن ۾ ايندو.

هڪ دفعو جڏهن آئون سنڌي ٻاشا جي سلامتي ۽ ترقيءَ لاءِ ايندڙ ادراڪ سان جڙي ويس ته جڙيو ئي رهيس، ايڪ ان ۾ وڌيڪ گهرو ۽ سرگرم ٿيندو ويس. پنهنجو گهڻو وقت، هاڻي سنڌيت جي هلچل کي ڏيندو رهيس. اهڙي وڏيارئي ٻولين سان ڳنڍيل هوس، پر هيلتائين، سنڌي جڳت جي انهن حالتن سان روشناس ٿي چڪو هوس ۽ محسوس ڪيم ته هت ڀارت ۾ سنڌي جاتي، ٻولي ۽ سنسڪرتي سنڪٽ ۾ آهن. جاتي پنهنجي الڳ سڃاڻپ گنوائڻ جي خطري ۾ آهي، ڇاڪ اُن جي پوري هستي ئي جوکي ۾ آهي. هن ڳالهه، منهنجي وجود کي هلائي ڇڏيو. منهنجي اندر واري چيو، منهنجي من ۽ ذهن جو اهو فيصلو هو ته اهڙين حالتن ۾ سنڌي جاتيءَ کي زنده رکڻ جي جد وجهد ڪرڻ کان وڌيڪ ٻيو ڪو نه. مقدس آدرش منهنجي لاءِ ڪونه آهي. ڪميونسٽ ادراڪ کي ڪيرت جهڙا ٻيا به، ڪيترائي ڪم ڪندڙ ملي ويندا، پر سنڌي ادراڪ کي منهنجي ضرورت آهي. منهنجو فيصلو ته اٽل ٿي ويو، ته هن سڄي جاتيءَ سان پنهنجي قسمت ڳنڍي ڇڏيان. فرض جي اهائي تقاضا آهي. هن فيصلي اڳتي هلي مون کي ڪيترن ڳالهين کان واقف ڪيو آهي، جن جو هت ذڪر نه ڪندس، پر ايتري ڪهڻ ضرور وقت ٿي. أن فيصلي تي مون کي ڪڏهين ارمان نه ٿيو آهي، ايتر فخر ٿي محسوس ڪيو آهم. اٽڪل پنجاهه سال سنڌي جاتيءَ جي سيوا ۾ ارپت ڪيا اٿم، جنهن مان مون کي اندرو سنتوش ۽ خوشي ملي آهي، جنهن جو مٿو جهڙائڻ کان ٻاهر آهي. ۽ ان ۾ ئي مون پنهنجي سڦلتا ۽ پرڦلتا سمجهي آهي؛ فخر جو

آهن. اوهين پڙهيل ڳڙهيل آهيو. اهڙن فرسوده ويچارن کي
ڇڏڻ پيا هوندا نه. سماج جو سڌارو ڪيئن ٿيندو؟ ڪيترا
جهڙي شريف نوجوان سان شادي ڪرائي ڇڏيوس. هو ڪيس
ڏاڍو سکي رکندو. ديوان صاحب وٽ، پريتم جي دليل جو ڪو
خاطر خواهه ۽ عقل - پرستيءَ جو جواب نه ڪو هو، سو جهٽ
سنڌيءَ ۾ پڇاڪو آهي - ڏاڏو ۾ پير هڻڻ - چوائينس: هن کي
نه گهر آهي، نه نوڪري آهي، ڌيءَ ڪيئن ڏينديوساس؟
پريتم چيس: هن کي سٺي تعليمي لياقت آهي، نوڪري سان
ٿو وٺي ڏيانس ۽ پنهنجي گهر ۾ ٿو رهايانس، جيستين هو پنهنجو
گهر ٺاهي وٺي. پريتم جي حاضر جوابيءَ جي نه کيس ڪل ٿي
ڪانه هئي. ڪڪو وڪو ٿي ويو، پر ٻنڌو اٽڪو ڪري ڇڏيائين.
ديوانپڻي جي آڪڙ اڃا به قائم رهي. ٿوري وقت اندر ٿي
ديوان صاحب الڳيري اسٽيشن تي ڏاڪڻ تان ترڪي هيٺ
ڪري پيو ۽ راهه رباني وٺي ويو. اها چئبي ته هاڻي پڻ ٿي
واڻي ۽ اولاد پنهنجي پيءُ جي ويچارن خلاف فيصلو ڪرڻ
لاءِ تيار نه هو.

هڪڙو اسرندڙ سهڻو گل، اڻين اپوقتو، اي قصور مرجهائجي
ويو! گويا قد جي ڀندري هئي. پر بدن سڊول هوس. سهڻي
هئي، چهرو نه گول نه ڊگهو ۽ موهيندڙ هوس. روش ڏاڍا سٺا
۽ مرڪندڙ مهانڊو هوس. ڏاڍي ڪلهڪ، چنچل ۽ دل کسي
ڇڪيندڙ هئي. نه پوءِ ڇا اهو انياءُ نه هو جو سندس جيون کي
گهٽيو، پوسائيو ويو. ڪير آهي، اهڙي انياءُ لاءِ جوابدار؟
ڪنهن کان وٺجي اهڙي انياءُ جو حساب - ڪتاب؟ ظاهري
طور نه ڀاڀر ڪي شخص، اهڙن گناهن لاءِ سڌيءَ طرح ذميوار
آهن، پر جي ڏسو ته وچبو نه اهڙا فرد ئي ڪنهن سماجي پاليسي
۽ پرمپرا جا پابندي آهن، غلام آهن. اگر اڃا به ڏسو ۾ وچبو نه،

جا مائٽ امبئيءَ ۾ اچي وسيا آهن. سندن گهر الفنسٽريءَ ۾
ڪنهن دور هنڌ تي هو. پر جاچ ڪير ڪري ته هوءَ هت اچا
ئي. "ٿيٽر" ۾ ٻنڌ آهي يا آزاد ٻڪي آهي. هن اجگر شهر ۾
ڪنهن کي ڳولهي ڪڍڻ ڪو آسان ڪم نه. ڪولهه هو ۽ مرياڊا
جي حدن ۾ ٻنڌل، مان هر ڪنهن کان نه. ڪوله پيو ڏس پڇو
پڇندس. سندن جو هڪ ٻيو ڀاءُ دوست، پرتم ٿهراماڻي، جنهن کو
وديارٿي هلچل ۾ اڳرو هو ۽ جشو ڪيولراماڻيءَ سان ان ڪارڻ
۾ ٻانهن ٻيلي هو ۽ هت امبئيءَ ۾ مڪيو لسچل ڪارڪرن ۾ سول
انجنيئر طور ڪم ڪندو هو، سو اوچتو ٿورڙت اتفاقيءَ ۾ ملي
ويو. هن کي منهنجي ۽ گوپيءَ جي قصي جي خبر هئي. مونکي
سان ئي اڱولو ئي پڇائين: گوپيءَ سان پرتم جي قصي کي
ڪٿي پهچايو اٿئي؟ ذرا مذاق ڪندي، مون چيو: جتان شروع
ٿيو، اتي ئي جميو پيو آهي. هڪ قدم اڳتان، هڪ قدم پٺتان.
هوءَ ڪوٽ ۾ ٻنڌ آهي ۽ مان ٻاهر ٿيو ويٺو آهيان. هو ڏاڍو
جذبالي، پر همت وارو شخص آهي. چيائين: اهو ڪيئن ٿيندو!
هيءُ ته ٻيو زور ظلم چئبو. هن صديءَ ۾ اهڙي ڏاڍ ڏولاس!
مان ٿو ڇوڪريءَ جي پيءُ سان ڳالهايان. مون کي ڄاڻ آهي ته
فلاڻي فرم جو هو قانوني صلاحڪار آهي ۽ فلاڻي هنڌ وهندو
آهي. مون کي ٿورو ڌڪو آيو. چيم: پرتم، ڏس ڀاءُ، ڪٿي
ڪم بگاڙي نه وجهين! تون هيءَ ڳالهه ديوان سان ڪندين، ته
سچ پچ هن کي ناگوار لڳندي. هن حڪم انداز ۾ چيو:
تون ماٺ ڪري ويهو ڏس! هو، مون کي اڪ ماريندو هلندو ويو.
جڏهن تون ڏينهن ڪالهوءَ گڏيو ته چيائين، تون صحيح نڪتين.
مون ديوان صاحب کي گهڻو سمجهايو ته ٻنهي جي حالي
خراب نه ڪريو. دنيا اڄ ڪٿي وڃي پهتي آهي! اهي جالي،
ظلمي، ڌرم جا سندا ۽ فرق اڄ جي دنيا ۾ افسوس لائق چڪا

گڏجي گهمڻ نڪري ويندا هواسون. نوابشاهه اسٽيشن جي پليٽفارم تي چڪر لڳائي دلپذيريءَ جون ڳالهيون ڪندا هواسون. هت کيس وارڌا آشرم مان خط آيو ۽ هوءَ پنهنجي پتا سان گڏ اتي پهچي وئي. اُن ڏينهن جي رهائش ۾ آشرم جي جيون جون پابنديون ۽ کاڌي وغيره جا پنڌن، خاص ڪري چانهه جو نه ملڻ وغيره پڌي، هن جو اُتساهه گهٽجي ويو. پوءِ هو وڃي هردوار پهتا، جتي مهلا وديالي، هڪ آدرشي اسڪول ۾ داخلا ورتائين. ٻه سال پڙهائي ڪري مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. پنج درجا انگريزي سنڌ ۾ پڙهي هئي. پوءِ مهلا وديالي جي نيم مطابق هنديءَ ۾ اُن جي پريکشا پاس ڪري، انگريزيءَ جو مئٽرڪ جي برابريءَ جو امتحان ڏنائين ته کيس مئٽرڪ جو سرٽيفڪيٽ عطا ڪيو ويو. اُن وچ ۾ آيو، بد بخت ورهاڱو. هوءَ هردوار مان سڌو دهليءَ پهتي، جتي هن نئون آکيرو اڏايو هو ۽ هوءَ اُتي نوڪري ڪرڻ لڳي.

ڊسمبر ۱۹۵۰ ڌاري اوچتو گلاب ڀڳوانائيءَ جو خط آيو ته مان دهلي ڇڏي رهيو آهيان ۽ پنهنجو ڏيرو بمبئيءَ ۾ اڏائڻ ٿو چاهيان. منهنجون ٽي پيٽيون ئي مون سان گڏ رهنديون. سوچي رکج ته ٺڪاڻو ڪٿي ٺاهيون. بمبئيءَ کان نئون آهيان، اسٽيشن تي ملڻ وڃڻ اچج. مان کين اسٽيشن تي وٺڻ ويس. ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي، اسين اچي مهم ۾ گوبند پنجابيءَ جي گهر پهتاسون. اُن ڏينهن ۾ مان گوبند پنجابيءَ جي ڌيءَ اندرا کي، بنا اجوري ٽيوشن ڏيندو هوس. منجهند جي ماني به مان وٽن ئي کائيندو هوس. هت هُن سندن پارٽي ڪري، ماني کاڌي. پوءِ مان کين الهاسنگر وٺي آيس، جتي عارضي طور تي پوڄراج پرسوانيءَ جي گهر ۾ رهڻ جو بندوبست ڪيوسين، جيسين ڪو پڪو رهڻ جو هنڌ ڳولي هٿ ڪريون. پهرين ملاقات ۾ ئي

پوءِ سماج شاستر جي گورک ڌنڌي جي گُتين ۾ اٽڪي پونداسون، جنهن لاءِ همت گهرجانئس نه آهي. مون دل تي پٿر رکي ڇڏيو. اڳتي هلي، پنهنجي من، ذهن ۽ آتما (جنهن جو مطلب آهي پنهنجي انفرادي چيتنا) کي سنتوش ڏيڻ لاءِ مون گوپيءَ جي ”قرباني“ تي هڪڙي ڪهاڻي لکي ”شردا جا قول“ جنهن ۾ مون ڏيکاريو ته، وشو اَمن جي آندولن ۾ هڪ جلوس جي اڳواڻي ڪندي، هوءَ پوليس جي گوليءَ جو شڪار ٿي ۽ هڪ اعليٰ ڪارج لاءِ آهوتي ڏنائين. مون ڪنهن هڪ ڪهاڻيءَ وسيلي شردانجلي پيش ڪئي.

سوبتا جي منهنجي زندگيءَ ۾ اچڻ سان، منهنجي جيون ٻن پٽن تي هلڻ لڳي - هڪڙو پٽو هو سنڌيت جو، جنهن تي هلي رهيو هوس. سوبتا جي اچڻ سان ٻيو پٽو ٿيو گرهست جو، جنهن تي هلڻ لڳو هوس. اها ئي اڌيت ڪهاڻي آهي.

سوبتا کي مان سنڌ کان وٺي سڃاڻندو هوس. اسين ٻئي نه صرف ساڳئي شهر نوابشاهه ۾ رهندا هواسون، بلڪ هوءَ منهنجي ويجهي ۾ ويجهي، جگري دوست گلاب ڀڳواڻيءَ جي ڀيڻ هئي. سندن گهر مان عام جام ايندو ويندو هوس. سندس هڪ ڀيڻ ڪنول، جنهن جو اڳواٽ ئي پهرين ڀاڱي ۾ ذڪر ٿي چڪو آهي. ٻي ڀيڻ سوبتا، جنهن جو ڇٽيءَ جو نالو پتلي آهي، ان سان پڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ جو سنئون سڌو وسيلو هو. آدرشي ۽ آزاد ويچارن جي هوندي هئي. ان زماني ۾ (١٩٤٥) ٿي سندس من ۾ آيو ته هوءَ سنڌ مان ٻاهر وڃي ڪنهن آشرم ۾ رهي وديا پرائي اچي. مهاتما گانڌيءَ جي وارڌا آشرم سان لکپڙه ڪندي رهندي هئي. ڳالهين ٻولهين ۾ مون سان ذڪر ڪندي هئي ته، مان ته ڪيس همٿائيندو هوس. شام جي وقت ڪڏهن ڪڏهن اسين

گهٽ ٻوساٽ ۾ سمهڻ بجاءِ، ٿلهارن ۽ وهاڻا ڪڍي، ڇت تي اچي سمهندا هواسين. سويرا ۽ منهنجي چاچي هڪٻئي جي ڀرسان وڇايون وينديون هيون، تنهن ڪري آڌي رات تائين اسين اوٻاسيون – لهواريون ڳالهيون ڪندا رهندا هواسين. ٻيو صبح جو سوير جاڳي مان هيٺ هليو ايندو هوس، جو صبح جو اٺين بجي تائين اسڪول ۾ پهچڻو هوندو هو. سويرا به، منهنجي پٺيان هيٺ لهي ايندي هئي. ان وچ ۾ مان تيار ٿي ويندو هوس. هوءَ منهنجي لاءِ چانهه جو ڪوپ تيار ڪندي هئي، ان چار بسڪيٽ به پليٽ ۾ وجهي، ٽيبل تي رکندي هئي. اها هلڪي شرط ڪري، "ڇڱو وري ملنداسين"، چئي، مان پيادل ٿي ٺٺي وستي کان ٻوربولي اسٽيشن تان گاڏي پڪڙي گرانٽ روڊ اسٽيشن تي لهي، سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول پهچي ويندو هوس.

اڄو هوليءَ جو ڏڻ هو. مون ڪالسواءِ بمبئيءَ مان گوبند پنجابيءَ جو ٻولوار به آيل هو – پاڻ، پنهنجي شالتي ۽ سنڌس ڌيءَ اندرا به هئي، جن کي گلاب دعوت ڏني هوليءَ جي موقعي تي گهرايو هو. صبوح کان وٺي رنگن، پچڪارين ۽ گلال جو طوفان اُمڙي آيو هو. آسي پاسي جي بنگلن وارا ٻرش، عورتون، ٻار ۽ جوان به، موج مستيءَ ۾ پچڪارين سان هڪٻئي کي ڀڄائي رهيا هوا ۽ هٿن سان رنگ. ڳوڙهي ڳلال منهن ۽ مٿي تي ملي رهيا هوا. واقعي رنگن ۽ ڪل خوشيءَ جو هنگامو هو. آئي مان پاڻ به ٻڌو اٺجي، بنڪ واري ڪمري ۾ اخبار تي اونڌو ٿيو پيو هوس. سويرا کي الائي کهڙو راڄڪ آيو ته مستي سجهي آئس، منهنجي بيخبريءَ ۾ هوءَ لڪي لڪي منهنجي پٺيان اچي اٿي، پنهنجي هٿن سان منهنجي منهن تي گلال ملي، ڀڄي وئي. مرداني مڙسيءَ کي للڪار هئي.

لڳو ته اسان جي وچ ۾ ڪو نفيس سنهڙو ڄاڳو رهيو هو. ٻاڻ
به قبول ڪيو هئائين ته، مون کي هيڏن سالن کان پوءِ ڏسي
الائي ڇو شرمائجي رهي هئي. ڪارڻ ٻڌائڻ ته، ڪونه ڄاڻي
سگهي هئي. اسين ڪلاڪن تائين ٻاڻ ۾ ڳالهيون ڪندا رهياسون
۽ اندر ئي اندر ۾ ڪو رشتو جڙندو رهيو.

ڇوڪرن کي ٽاليڪو ڪري مان ۽ گلاب جڳهه همت ڪرڻ
جي ڳولا ۾ نڪري پياسون. ڳولي وڃي ٻوريواليءَ جي دڪان
لڳ ۾ هڪڙو ٽن رومن وارو بنگلو همت ڪيوسين، جنهڪو ٻاهرين
مهين جي پيشگي مسواڙ ٿي انهن کي ملي. گلاب جو پريوار
استرا ٻوريون ٻڌي اچي ٻوريواليءَ ۾ مقامي ٿيا. اچا تائين ته،
منهنجي دستوري جيون برقرار رهي، جنهن جو اڳواٽ ٿي بيان
ڪيو آئم — ٻه ٽيوشن، سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ شاگردن جي
مضمون — لونسيءَ جي لونبوڪن جي درستي، امبئي اسٽوڊنٽس
يونين جي آفيس ۾ رات جو آرامي ٿيڻ ۽ ڪڏهن ڪڏهن لپي
ڪاميٽيءَ جا ميڙ سڏائڻ ۽ ڇنڇر ڏينهن سنڌي ساهت منڊل
جي ساهتڪ ميڙن ۾ شرڪت ڪرڻ. هاڻي منهنجي روٽين ۾
هڪڙي وڏي تبديلي اچي وئي، جو آرتوار يا موڪلن جا ڏينهن
مان گلاب جن وٽ وڃي رهندو هوس. صبوح جو سوير آئي
لوي اچي ڌاري پهچي ويندو هوس. سڄو ڏينهن ۽ رات و
ٿي رهندو هوس. ڏسندو هوس ته سوٽا ڪاڏي پئي ۾ گلاب
۽ منهنجو ڏاڍو خيال رکندي هئي. هوليتن ۽ اسانجي سماج
مرد کي هر ڳالهه ۾ اڳرائي ٻئي ڏاي ويندي آهي ۽ عورت پٺ
رکيو ويو آهي. خير، ان امت کي ڇڪيندس ته ڳالهه ٻڌڻ
ٿي وڃي، سماج شاستر جي ڪمان ٿي پهچندي، جنهن جي اُپٽ
ڪرڻ جي هيءَ جاءِ نه آهي.

ارڏهاري جي موسم هوندي هئي. اسين ڪمرن جي

اچي اسان تي مهر ڪئي. ٻوندون ٻرسڻ لڳيون. موٽ ڪاڻ ٻيسين. پر برسات جو لطف وٺڻ سانگي، ٽور ساڳي رکيسين. پسندا رهياسون، پر بچڻ - لڪڻ جي ڪوشش ڪونه ڪئيسين. اوچتو اچي وڏو وسڪارو ڪڙڪيو. ڀڄي وڃي هڪ ڇاپادار وڻ جي هيٺان، ٽڙ کي ٽيڪ ڏئي، هڪٻئي سان لڳي بيٺاسون. اهو وسڪارو ڪافي وقت هليو. سويتا جي ڳچيءَ جي چوڌاري ٻانهن ورائي، کيس ڇڪي ايا نه، پنهنجي ويجهو آندم، برسات کان بچائڻ لاءِ، پر هڙئي ورکا کان پاڻ بچائي نه سگهياسون. پسي پٽ ٿي وياسون. سويتا جا ڪپڙا، سندس بدن کي چهٽي پيا هوا ۽ سندس بدن جون لڪيرون ۽ گولايون اُڀري نڪتون ٿي بيٺيون هيون. اُن کي ڏسڻ جي لالسا کي روڪڻ ۾ ناڪامياب وڃي رهيو هوس. آڏي اک سان اهڙي سندر اُڀار کي ماڻي رهيو هوس. هن کان منهنجي اها "حرڪت" ڳجهي ڪونه رهي. هوءَ شرمائيندي رهي، مرڪندي رهي. گهر موٽياسون ته ڪافي دير ٿي چڪي هئي. گلاب ۽ پيرون انتظار ۾ ويٺا هوا.

پوءِ هڪ ڏينهن اهو نه آيو، جو آرتوار جي رات گذارڻ ڪاٽيجءِ، مان هميشه وانگر ڪڏ ٽان هيٺ لهي آيس ۽ اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿيس. سويتا نه، هر مطابق چانهه جو ڪوپ ۽ بسڪيٽ ٽيبل تي رکي، ٻرسان پهل سيڙهيءَ تي اچي ٻيٺي هئي. چانهه بسڪيٽ نوش جان ڪري، چيم: چڱو وري ملنداسون. هلڻ لڳس ته منهنجي هٿ کي سوگهو پڪڙي ورتائين. مان پيار جي دعوت کي سمجهي ويس. گوڏا کوڙي سيڙهيءَ جي ٻرسان جهڪيس ۽ سندس ٻرانڊڙ چپن تي پنهنجا ٿڙڪندڙ لب رکي ڇڏيم. وري به منهنجو هٿ ڪونه ڇڏيائين، ڏهين نئو دفعو ۽ نئون دفعو کيس زور سان چميون ڏنم. هاڻي سندس

مون سندس ننڍي ٻچڙ کي اندر سڏي، ٻه ٽي ڳالهيون ورتيون، ٻڌهي هٿن جي مٺين ۽ ٻيرتي، هٿ ٻنهي اڳيان کڻي لنوڙ ۽ ادب رهيس. وچھ ملي ويو. ڏٺم هوءَ اڳ ۽ ٿوري اونچي آهي. پر، پير ۽ ٻانهي وڃي سندس ٻنهي اچڻ؛ ٻڌهي هٿن سان ڳالهه سندس منهن تي ملڻ ويٺس. ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين ته اچي منهن جي ٻاڪر ۾ قاٿي، جنهن ٻچڙيءَ جو شاڪ اچي ويو. مون هٿ ٻلا ڪري ڇڏيا، هن جو منهن لعل ٿي ويو هو، شرمائيندي رڌڻي طرف هلي وئي.

راڳن جي هنگامي ڪالهوءَ، هوليءَ جي مجلس تي مارو ٿيو- ڪڙهي، چانور، لوڪ، سمبوسا، ڪچوريون، پاپڙ، ٻوڏي، ڳيهر ۽ وغيره وغيره. آنند اچي ويو. الائي ڪهڙين سان ڪالهوءَ اهڙا سڳنڌي سنڌي طعام کاڌا هئم. شام جي وقت گوبند پنجابيءَ جي ڪٽنب سان گڏ دولتنگر جي هوا خوريءَ تي نڪري پيس ۽ اندرا سان ڏاڍي پنهنجائي سان گهل مل ٿي ويس. گهر موٽيس ته سوپتا جو منهن ڦوڪيل هو. اهو به سڀاوڪ هو. استريءَ جي من جي سوڪيمتا ڪجهه اور آهي؛ ان جو رد عمل به ڪجهه نرالو ٿي آهي. مان اها رات اتي ڪونه ترسيس. شام جو ئي موٽي آيس. ايندڙ آرلوار تي ننڍائڻو مان سندس گهر ويس. نه هن ورجايو، نه مون ورجايو؛ "رات گذري بات گذري" واري ڳالهه ٿي. مون کي لڳو ته اها به هڪ پيار جي پرولي هئي؛ سمجهڻ وارا سمجهن!

هيءَ هڪ ٻي آرلوار جي ڳالهه آهي. سانوڻ جي مند هئي. مان ۽ سوپتا شام جو ٽهلڻ لاءِ گهر کان ٻاهر نڪري، رستو ڀلائيندا، نگر جي هڪ ڇيڙي تائين اچي پهتا هواسون. نڪتا هواسون ته برسات جو ڪو امڪان ڪونه هو. تنهن ڪري ڇٽي وغيره جي ڳڻتي ڪانه ڪئيسين. نه ڄاڻان ڇو منهنجو دل ...

آهس. جواب پوءِ به ڪونه ڏنائين. ٻار ٻار پڇڻ تي به جواب نه ڏنائين ته چيم: اگر جواب نٿي ڏين ته پوءِ مون کي سڏايو ڪهڙي ڪارڻ اٿيئي؟ هن ڪانپوءِ نه ٻڌس. آخرين ٻار پڇيان ته، مون سان ٻاهر جي پڌرن ۾ هلڻ چاهين ٿي؟ ڪنڌ لوڏي "ها" چيائين. هردي اندر سنگيت جا فوهارا ڇٽڪي اٿيا. آروڪ جدائي جي اٿر هيٺ، ڪمس ٻاکر ۾ ڀري چمڻ چاهيم، پر کليل فضا جي دٻاءَ ڪارڻ، مون کي وري به ائين ڪرڻ کان روڪيائين. مرد ذات جي ڳالهين ۾ ڏاڍو الاولو، جذباتي ۽ ظاهر ظهور (Extovert) آهي. حجاب وغيره جون لڪون ڀڃائي ڪونه چاهي. پر عورت بنيادي طور، ان جي برعڪس ڌيرج-وان، جذبي وهڻي نه، انترمکي آهي. هن جي چوڏاري لڄ-حياءُ جون ريکائون هردم ڪينچيل رهن ٿيون. وس پڄندي نه ٽوڙيندي آهي ۽ نه ٽوڙڻ ڏيندي آهي. ڪي شايد منهنجي هن ڳالهه جو کنڊن ڪن، پر منهنجو عرض آهي ته اڄ صدي اڳ جي استريءَ جي مرادا ۽ بنيادي فطرت جي تصوير اها ئي آهي؛ باقي جي جديد عورت پنهنجي بنيادي گڻن ۽ انجي فطرت کان بغاوت ڪئي آهي ته اها ڪا خاص سورهيائي ڪانهي. سماج اهڙي رحجان کان فيض ياب ٿيڻ واري نه آهي.

گلاب پنهنجي پريوار جي آجيوڪا لاءِ، عمر ڪاڙيءَ ۾ ڪٽي پرانگهه پرهس وڌي. پر خاص اُپراسو نظر نٿي آيو. هوڏانهن دولت نگر جي ٻاڙي جي گهر واري، ٻارهن مهين جي پيشگي مسواڙ ته، اڇي ختم ٿيڻ تي ايندي هئي. پنج سؤ روپيا مهني تي مسواڙ ڀرڻ اُن زماني ۾، جڏهن آمدنيءَ جو ڪو خاص پورهيو ڪونه هو، مشڪل مسئلو هو. گهٽ مسواڙ واري گهر جي اڻهوند ضرورت هئي. مون ڪميونسٽ پارٽيءَ جي مدد وٺڻ چاهي. ان وقت ڪميونسٽ پارٽيءَ جو جيڪو

هٿ ڇنڊي ويو ۽ مان هڪ ڀرپور آنند ۽ ڌڙڪندڙ دل سان
اسڪول ڏانهن روانو ٿي ويس.

منجهند ڪلاڪ پوءِ سندس ننڍي ڀيڻ هڪ سٽ واري چٺي
کڻي آئي - "اڄ شام جو اسان جي گهر ضرور اچجُ - سويتا".
پيار جو سڏ هو. انڪار ڪرڻ جو نه سوال ڪونه هو. پر هيءَ
جو ٻيو قدم اوراولي وجهي رهيو هوس، انهن لاءِ ٻهانو ڪهڙو
ڏيڻي ٿي سگهيس؟ اڳيا ڪالهه ٿي نه رهي ويو هوس؛ صبوح
جو موٽيو هوس. گلاب کي ڪارڻ ڪهڙو ٻڌايم، جاڻ نه، ائم
پر شڪي ڳالهه ضرور ٿي. شام جي ماني کائي هميشه وانگر
اسين ٽهلڻ لڳاسون. نگر جي ڇوڙي وٽ، اوساس جي ٻاٽي
جي امڪال لاءِ ٿهل موريءَ جي اٿهي لي، هڪٻئي جي ٻڪل
نزديڪ ٿي ويٺاسون. مون سندس هٿ پڪڙي پنهنجي هٿ
۾ سوگهو جهليو. شرم جي ماريءَ هٿ ڇڏائي ورتو. مان ور و
ڪري هٿ پڪڙيندو رهيس؛ هوءَ ور ور هٿ ڇڏائيندي رهي
چيم: ڇو گهرائو اٿئي؟ جواب نه ڏنائين. ڏاڍي مٺاڪڻي ڪيم
پر جواب ڪونه ڏنائين، گويا مونهن تي تالو لڳائي رکيو هجيس
هيءَ حياءَ جو مثال نه درلڀ هو. ڳالهه ڦيرائي چيم: ڀلا ڪ
راڳ ٻڌاءِ. هڪ جي اجاءَ نه ٻڌايائين. هندي فلمن جا لوڪ پر
پرلم ٻڌڻ وارا گيت: "ها، نه ٻتا سڪولگا مٿن، لمسي ه
پيار ڪيون" ۽ "ها، چاند نهون، لوري آرسي هٿ". اسان ج
دلين ۾ پرلم جو مور نچي رهيو هو؛ سويتا جي هڻن پرلم-رس
وارن گيتن نه هيڪاري وڌيڪ دل ۾ ولولو پيدا ڪري ڇڏي
هو. مون چڪي ڪيس چمڻ چاهيو، پر ائين ڪرڻ نه ڏنائين
جو آسپاس گهر هوا، جن جي درين مان روشني اچي رهي هئي
۽ رستي تي اڪڙ ٻڪڙ ماڻهو ٻئي آيا ويا. ٻيوءَ دل ٻڌي
چيومانس: مون سان پرلم جو پيچ ٻڌائيندينءَ؟ اڄ تو جهڙ

هئي. ٻاڪر ۽ ٻاري مون کيس خوب پيار ڪيو. پوءِ مون کيس چيو: هل ته هلي ٿا ٻاهريون وانسواءِ وٺون. سڌو اچي مران ڊرائيو جي ڀرسان وهي لي وياسون. هڪڙي کي لڳو لڳ هواسون. سو پيتا جي ان چوڻين مان هڪ چوڻيءَ کي چٽڪي، سندس مٿو پنهنجي چاليهه سان لڳايم. شرمائجي ضرور وئي، پر هٿائڻ جي ڪوشش ڪانه ڪيائين. مون سندس چوڻي ڇڏي ڏني، جو مائٽن جي اچ وڃ ڪري هڪ محسوس ڪري رهي هئي. سندس من اسڪيءَ جي ياري ۽ ور ور پڇڻ لي ايٿ هوءِ ٻاهريون ڊنو چاهي پئي. اسان شڪائون کيس مڪجهائي رهيون هيون - هڪڙو اهو ته ڪميونسٽ گهر پار ڪوه سڀاليندا آهن؛ سڀو وقت پارٽيءَ جو ڪم ڪندا آهن، ۽ باقي وقت جيلن ۾ گهاريندا آهن. ٻيو ته هن کي ان ڳالهه پڻ جي آئيندي جو فڪر هو. اڃا ته وڏي پڇڻ جي حيثيت ۾ مٿس جوابداري هئي. ۽ هڪ ٻي ڏکو ڏيندڙ ڳالهه ڪيائين. چي: اوهين ڌرمي عقيدي ۾ وشواس ڪنا رکو ته سمجهه ۾ اچي سگهي ٿو، پر پنهن شخص جي عقيدن جي بي-عزتي ڪري ڪهڙن ڏک پهچائڻ اسان اوهان جي ڀيٽڪن ۾ لڪيل آهي ڇا؟ مون پڇيو اهو وري ڪيئن ٿي چوڻ؟ چيائين: مون کي پنهنجو شخصي آزمودو آهي. منهنجو ڀاءُ گلاب اوهان جو ڪميونسٽ دوست، جڏهن ته منهنجي ٻيڙي ڏاڏي کيس ڪٿاءُ پرساد ڏيندي هئي ته اهو وٺي اڇلائي ڇڏيندو هو. واقعي مون کي ڏک آيو. هيءَ ته بلڪل نا سمجهي هئي، بيهودو وهنوار هو ۽ واهيات حرڪت هئي، ڪميونسٽ هلت چلت جي بلڪل خلاف! آئون پڪار آهي ته ڪميونسٽ وڃار ڌارا ۾ ڌرمي عقيدي کي ڪا جڳهه ڪونهي، پر اهو پنهنجي ليکي هڪ عقيدو آهي، جنهن کو سماجڪ اوسر جي وڪالڪ اوکي ٻوڪي. ۽ ڏارڻي ارٿا جي

مون کي تمام وڏو ڪامياب ياد آهي ۽ وديارٿي مهان تي اساڻي
مٿان هو، سو هو ودود خان، جنهن کي وديارٿي ٻڌوائن ۾ ڪم
ڪرڻ ڪالسواءِ، زائر زمين سرگرمين ۾ پڻ ساٿ ڏيندو هوس. هن
تي خاص ڪم هوندو هو، وڏن ڪميونسٽ ليڊرن کي گرفتاريءَ
کان بچائڻ لاءِ ڇڪڻ (زائر زمين) نموني هنن جي رهڻ جو
بندوبست ڪرڻ ۽ هر هر انهن جي رهڻ جي جڳهه بدلائڻ،
جيئن پوليس کين کو سڳهه پتو نه ملي سگهي. مان ان ڪم ۾
سندس واهرو هوس، جو لڪل ليڊرن کي هڪ هنڌان ٻئي هنڌ
پهچائڻ يا کين نياپا پهچائڻ جو ڪم ڪندو هوس. ودود خان
سان حجت هئي. ساڻس ڳالهه ڪيم ته سنڌ کان ٻاهر هڪ
ڪامياب کي پرچار لاءِ مڪان جي سخت ضرورت آهي. اسان
جا پاڻ زور هوا. ودود خان وٽ بالندرا جي ابارگيٽ اسٽريٽ
۾ هڪڙو ننڍيڙو مڪان هڪيو حاضر هو، ڇاڪاڻ جو ڪي ايوان
هاٽي (۱۹۵۱ ڌاري) الٿها پسندي واري دور ۾، مالڪي اچڻ
ڪري، ٻاهر نڪري، ڪلڪتي نموني ڪم ڪرڻ لڳا هوا. جيائين:
ٻارنيءَ جي هڪڙي ٿوري مسواڙ واري جڳهه آهي، پر انهيءَ
شرط تي ڏيندس، جو، جڏهن ۽ ٻارنيءَ کي اها جڳهه گهرال
هوندي، ته هن ٻدا دير خالي ڪري ڏيندا. مون شرط قبول
ڪيو ۽ چابيون ورتي، انهيءَ رات خوشخبري ڏيڻ لاءِ اورلويءَ
پهچي ويس. ٻئي ڏينهن لڏي منجهند، سوٽا سان گڏجي باندرا
واري پتي تي پهتس. اسان کي رهائش لاءِ هڪ لڳي - هڪڙو
چگو رانڌو، ضروري حاجت ۽ سنان لاءِ نڪيون، پر الڳ الڳ
ڪوٺيون، وچ ۾ هڪ وڏو هال ۽ ان سان لاڳيتي وڏي بالڪني.
فليٽ ۾ پراڻي ٻيالگ، جو ڪارائتو فرنيچر به پيل هو. اسان کي
جڳهه ڏاڍي راس آئي ۽ خوش ٿياسون.

پهريون ڏهو سوٽا ۽ مون کي هن نموني جي اڪيلائي ملي

وارن آدرشن جي لڙائيءَ کان ڇرڪي ٿو ۽ ٻچي ٿو. مون چيو: ڪميونسٽ ته پوري انسان ذات جي سنڀال ڪرڻ ٿو گهري، سو پنهنجي گهر جي سنڀال نه ڪندو؟ جيڪو سنسار جي هر انسان کي پيار ٿو ڪري، سو پنهنجي پرِوار جي باشندن کي پيار نه ڪندو؟ اها ڏند ڪٿا آهي، حقيقت نه آهي. رهيو سوال جيل وڃڻ جو، سو جيڪڏهن جيون ۾ اعليٰ آدرشن لاءِ لڙندي ڪڏهن سختي سهڻي پئي ۽ جيل ۾ به وڃڻو پيو ته ان ۾ نه ڊڄڻ جي ڳالهه آهي. گانڌي جيل ڪونه ويو هو؟ نهرو جيل ڪونه ويو هو؟ سڀاش جيل ڪونه ويو هو؟ اروندا جيل ڪونه ويئي هئي؟ .... هت ڪا اهڙي ڳالهه ٿيڻ واري ڪانهي، ٻنهي جي اتفاق سان اهڙي نوبت اچي ڪڙڪي نه. مون کي پورو وشواس آهي ته تون بهادريءَ سان منهن ڏيئي ويندينءَ.... هاڻي اٿ ته هلون. ٻيئي انتظار ڪندا هوندا. مون کي ڄاڻ نه آهي ته منهنجي سمجهاڻيءَ جو ڪيترو اثر ٿيو، پر هڪ پڪ هئم ته سندس دل اندر اٿيل شڪائن جو طوفان ڪڏهن جو ٿائين ته ضرور ٿيو هوندو ۽ کيس ڪجهه آٿت مليو هوندو.

ٿورن ڏينهن ۾ ئي نوڪريءَ مان لنڌو ويئي، گلاب ٻچن سوڌو اچي ٻاندرا واري جڳهه ويٺو ٿيو. مون به وڏائيءَ ٿورن مان ٿوري ڪٽي اچي ٻاندرا ۾ رهڻ جو فيصلو ڪيو، جتي منهنجي پگهار ۽ ٽيوشن جي ڪمائيءَ مان گهر خرچ ڪڍي هٿي ملي ۽ سوبتا کي پڻ منهنجو ساٿ مليو. پگهار آڻي سوبتا جي هٿ ۾ ڏيندو هوس. مون کي ياد نه آهي ته ڪهڙي خرچ لاءِ مان گهڻو ڪڍندو هوس، پر ان زماني جي سستائيءَ ۾، جڏهن ڪ لوڪل گاڏيءَ جي مهيني جي پاس جا پنج نه ڇهه روپيا ڏيڻا پوندا هوا ۽ چانهه جو ڪوپ هڪ آني ۾ ملندو هو ته منهنجي هٿ خرچ لاءِ ويهه - پنجويهه روپيا ئي ڪافي هوندا هوا. ضرورت

ڳوڙهي ۽ اڳاڻار اتهاس جي بنياد تي ٻڌل آهي. هر ڪميونسٽ، انسان جي هر اسرار ۽ وهنوار کي هڪ تاريخي ۽ سماجڪ اوسر جي پس منظر ۾ ڏسي، سمجهي ۽ عقلپرستيءَ تي ٻڌل نتيجا ڪڍندو آهي ۽ واقعن جي پرک ڪندو آهي ۽ ائين هو هن نموني جي اي - عقلي ۽ انسانيءَ جو مظاهرو ڪندو آهي، جيڪو ڪميونسٽ فلاسافيءَ جي بنيادن، مت مراد ۽ مقصدن جي مڪمل ورق آهي........ مان سويتا کان اهڙو سوچيندو رهيس جو هن چيو: ڪيڏانهن گم ٿي وئين؟ مون پنهنجي اندر ۾ اٿل پٿل ۽ غصي کي ٻاهر ڪڍڻ لاءِ مذاقي لهجي ۾ چيو: هاڻي تو وٽ ٻڌڻ وارو آهيان، نه ڪم ڪيئن ٿيندس؟ تون ڇا هاڻي مون کي ڪم ڪرڻ ڏيندينءَ؟ شرارت واري اک ماريم.

سويتا جي ٿڌي شڪاين جا جواب نه ڏيڻ تي هوا، جنهن ان آلمائن جي وچ سچي پريم سان گڏ پڪو ويساهه ۽ ٻڌا ٿئي اهي ٿي ٻه مضبوط ٿنڀا آهن، جن تي ان پريمين جي جيون جو رهڻ ٻڌا لوڏن لهن هلي سگهي ٿو. ٻوئين شڪان، مون پهرين ڪيئن. گلاب جي وهنوار کي مون غلط، اهڙا جهڙو ۽ ٻالڪپڻ جي حرڪت ڪري سڏيو. ٻي شڪا لاءِ چيم ته هاڻي جڏهن تو مون سان همت هٿ ۾ ملايو آهي، تڏهن حالت ۾ پنهنجي پنهنجون جي جوابداري، انسان سڀني جي جوابداري آهي، گڏجي ان کـــي منهن ڏينداسون. باقي جيڪا اهم شڪا هئي تـــ ڪميونسٽ گهر نه سنڀاليندا آهن، تڏهن لاءِ ڪيس ڌيرج سان سمجهائڻو پيو ته. اهي ڳالهيون جيڪي هن غلط پرچار ۽ افواهن تي ڪنٽ ڪيا آهن يا "ٻڌي، ٻڌائي" واري ڪاناڦوسي تي ڏاهيا آهن، سي ڪميونسٽن کي بدنام ڪرڻ ۽ ماڻهن کي سندن طرف بدظن ڪرڻ ۽ ڀڙڪائڻ لاءِ آهن. اهي هڪ خاص طبقي طرفان آهن، جيڪو ڪميونسٽن جي عام ڀلائي ۽ ...

۾ پڙهندو هوس، ننڍپڻ جو سواگت ڪندو هوس ۽ ادبي محفل جي پسنديءَ جي ڇاپ لڳڻ ڪارڻ ئي ڇپڻ لاءِ ڏيندو هوس. انهيءَ عزت هوندي هئي، اديبن جي گڏيل راءِ لاءِ. انهيءَ جي ادبي ڪلاس مان آنساهه پائي، سنڌ ولگر جي اديبن ٻڻ آرتوار ڏينهن اهڙي محفل لڳائڻ جي پرمپرا شروع ڪئي، جنهن ۾ پرسرام ضيا، چوهڙمل هندوجا، موهن ڪلپنا، ايشور آنچل ۽ ٻيا اديب دوست پاڻ ۾ محفل لڳائيندا هوا. مان به انهن محفلن ۾ اڪثر شامل ٿيندو هوس.

ننڍي محفلن ۾ گرما گرمي، جوش ۽ ويچارن جو سخت ٽڪر به ٿيندو هو، خاص طور ٻن گروهن / ويچار ڌارائن جي وچ. مقابل ۾ ڇٽا ٻن ويچارن / متن وارا اديب هوندا هوا – هڪڙا هوندا هوا مارڪسواد کان متاثر ٿيل ساهتڪار، جيڪي ”ڪلا زندگيءَ لاءِ“ آدرش جا طرفدار هوا، ٻيا ”ڪلا، ڪلا لاءِ“ اصول جا حمايتي هوا. ڪي وري ٻنهي ويچار ڌارائن جي وچ ۾ به هوا. پر ٽڪر اڪثر ٻنهي ان گروهن ۾ ٿيندو هو. ڪن وقتن تي ته نوبت رڙين ۽ واڪي واڪا تي به پهچي ويندي هئي. شاباس هوندي هئي بزرگ اديب پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ کي، جيڪو پنهنجي تحمل، بردباري ۽ پتا جهڙي سنيهه سان، جلد ئي اهڙي حالت تي قبضو ڪري وٺندو هو. کيس خبر هئي ته جيڪي هن وقت هڪٻئي مٿان رڙيون ۽ واڪا پيا ڪن، سي پنهنجن مٽن کان پوءِ گڏجي ويهي چانهه پيئندا. سچ پچ هو به ائين. اسين ڪيترو به پاڻ ۾ جهيڙيون ڀلا زباني طور وڙهون، پر محفل جي مرياد ۽ سڀيتا وهنوار کي ڪڏهن به ٺوڪر ڪونه هڻندا هواسون. جيئن ئي محفل کان ٻاهر نڪتاسون ته سمورو ڪاوڙ غصو ٿلي ڇڏيندي، ٻاهر اچي ايراني ريسٽورانٽ ۾ گڏجي چانهه پيئندا هواسون، پنهنجي خرچ

ٻوٽ ٽي وڌيڪ ٻه ڪٿي وٺندو هوس.

هاڻي مان ذهني ۽ جسماني طور ٿانئيڪو ٿيس ته منهنجون ادبي سرگرميون وڌي ويون. هڪ طرف هوندو هو، سنڌي ساهت منڊل جي سهاري هيٺ هلندڙ ادبي ڪلاس، جنهن ۾ لکڻيءَ ادب جو ابياس ٿي رهيو هو. هر هفتي ڇنڇر لاءِ واچها ٿيندا هواسون. پروفيسر ايم. يو. ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ ٻنڊر روڊ تي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج جي هاسٽل جي ڊائننگ روم ۾ شام ڇهين ٻجي ڪلاس سڏبي، اهي اهم ٿيندو هو. سنڌي ساهت جا سڀ ٻزرگ، مهارٿي ۽ نوجوان نصل جا سڀ اهم ساهتڪار شرڪت ڪندا هوا. ملڪاڻي صاحب ته هوندو ئي هو، ان کان سواءِ لالچند امرڏنومل، ٽڪراج عزيز، آسانند مامتورا، ڀيرولعل هگوراڻي، پروفيسر رام پنجواڻي، پروفيسر جهمٽمل ڀاولاڻي، پرسرام ضيا، گيهيمل مولچنداڻي ۽ نوجوان اديبن مان ٻيءَ گوبند مالهي، اياز، سندري اتمچنداڻي، گوبند پنجابي، سگن آهوجا، موهن ڪلپنا، آنند گولاڻي، ڪرشن راهي، مولي پرڪاش، انشور آنچل، ڪلا پرڪاش، نارائڻ ڀارتي، موهن گيهاڻي، ايسر ڪلاڻي ۽ ٻيا انيڪ نوان اديب جن سڀني کي شماري نٿو سگهجي. چوڻ جو خاص مراد اها آهي ته اجوڪي دور جا سڀ ٻرک ساهتڪار ڪنهن زماني ۾ منڊل جي شوڀا هوندا هوا ۽ ساهت جي نئين نرماڻ ۾ سندن اهم رول رهيو آهي. ادبي محفلن ۾ اديب پنهنجون نيون ڪوتائون رچنائون پڙهندا هوا، جن تي صحتمند تنقيد ٿيندي هئي. ڪيترائي نوان اديب انهيءَ صحتمند ۽ ڪارائتي اتساهيءَ جي فضا ۾ اسريا ۽ اڀريا ۽ اڳتي هلي قابل ـ ذڪر حيثيت جا قلمڪار ٿيا. مان به پنهنجون رچنائون ـ ڪهاڻيون، ناٽڪ، اسڪيچون، لوڪ ڪهاڻيون ۽ آزاد نظمون ادبي ڪلاس

گوبند پنجابيءَ جي هوزري فيڪٽريءَ ۾ سڏبو ۽ سندن اڳيان رت رکيل لــــ ترقي پسند وچارن ۽ ساهت جي ڦهلاءَ لاءِ اسين "نئين دنيا" رسالو، ترقي پسند گروپ طرفان هلايون، جنهن لاءِ اسان مان هر هڪ پنهنجي پنهنجيءَ سارو، هر مهني ۾ ڪجهه رقم ڏيڻ جو واعدو ڪري. رٿ سڀني کي پسند پئي. هرهڪ پنهنجو مهني جو چندو چاڙهيو ۽ اهين ترقي پسند رسالو وري شروع ٿي ويو. سمپادڪي منڊل لاءِ منهنجو ۽ گوبند پنجابيءَ جو نالو رکيو ويو. جدا جدا وقتن تي ٻيا اديب به سمپادڪي منڊل ۾ شامل ٿيا هوا - گوبند مالهي، اي. جي. اُتم. ڦتن ٻرسواڻي وغيره. "نئين دنيا" رسالو ترقي پسند ادب ۽ سنڌيت جي هلچل لاءِ هڪ زبردست هٿيار بڻجي ويو. ڀارت جي الڳ شهرن ۾ نئين دنيا جا همدرد ۽ عاشق لکري اوار ٿيا، جيڪي نه صرف ٻاڻ رسالو پڙهندا هوا، پر پنهنجي شهر مان شاڳين کان چندا وٺي موڪليندا هوا ۽ ڪاپيون گهرائي انهن جو وڪرو پڻ ڪندا هوا. چوڌاري "نئين دنيا" جو ڌاڪو ڄمي ويو. ڀارت جا اڪثر اديب ۽ شاعر دوست پنهنجون رچنائون "نئين دنيا" ۾ ڇپائڻ جي زوردار آرزو رکندا هوا ۽ پنهنجون سٺيون رچنائون موڪليندا هوا، ڇاڪاڻ ته "نئين دنيا" اهم سٺو معيار مقرر ڪيو هو. جيڪي سنڌي ليکڪ اڳ ۾ "ڪلا، ڪلا لاءِ" اصول جا طرفدار ٿيا هوا، سي به شروعات ۾ نئين دنيا ۾ ڇپجڻ ۾ چاهه وٺندا هوا، جن ۾ خاص هوا - موهن ڪلپنا ۽ لال پشپ. ڪافي سالن تائين، سنڌي ساهت جي ڦهلاءَ ۽ سنڌي هلچل جي رهبريءَ ۾ هن رسالي زبردست رول ادا ڪيو. پوءِ ترقي پسند گروهه ۾ پڻ آپسي متڀيد اڀي پيدا ٿيا. ڪيترن دوستن چندا ڏيڻ بند ڪري ڇڏيا. باقي رهيل دوستن گڏجي فيصلو وٺي، اي. جي. اُتم کي رسالو سونپي ڏنو، جنهن ڪافي

ٿي. هرڪو پنهنجو آلو ڪيڏي نمونو ٿي رکندو ۽ انسان مان ڪو،
اهي گڏ ڪري ڪالونيءَ ۾ ڏيندو هو. اسين ٽهڪ ڏيندا،
پنهنجي ماڳ، راهي ٿيندا هواسون. لڳاتار ٽيهن سال، جيستائين
اداري ڪلاس پروفيسر ملڪاڻيءَ جي سرپرستيءَ هيٺ رهيو،
اهو سلسلو هلندو رهيو. پر جڏهين ملڪاڻي صاحب اهتي ڇڏي،
ڪلڪتي هليو ويو، ته حالتون ٿورن سالن ڪالونيءَ اسان ٻنهي
وٽيون ۽ ساهت منڊل ۾ سنگت آيو، جنهن بابت ٻئي ڪنهن
هنڌ سوچينداسون.

سنڌي ساهت منڊل جي اداري سرگرمين مان لکڻيءَ ادب
جي هڪ لهر ڇٽي لڪٽي، جنهن اڳتي هلي هڪ زوردار
وهڪرو ٻٽي ۽ ورهاڱي بعد جو سنڌي ساهت مالامال ٿي ويو.
و ٻين پنجويهن سالن ۾ مقدار توڙي معيار، ٻنهي توڙي گوناگونيت
۾ سنڌي ساهت، ڀارت جي ٻين جديد ٻولين سان برابري
سگهيو. خود، ڪي رچنائون ته انتر راشٽري سطح جي شهرت
پاڻي چڪيون آهن. هي جو وهڪرو هليو ته ان لاءِ ڪس ٻه
گهڻو هو. ڪنهن ا. لحاظ لاءِ اظهار جو واهڻ ڪار ضروري
آهي. پنهنجي وچارن کي ٻين تائين پهچائڻ جو ساڌن لازمي
آهي. اسين مارڪسواد کان متاثر ٿي ترقي پسند ادب جي
ڦهلاءَ لاءِ واهڻ ڪيندو هو. ترقي پسند ادب جي اظهار لاءِ سند
۾ ٿي "نئين دنيا" رسالو گوبند مالهيءَ جي سمپادڪيءَ هيٺ
شروع ٿيو هو، جنڪو ورهاڱي ڪالونيءَ ٻهارلال چاٻڙيا انڪل
سالن تائين هلائـو ۽ پوءِ راجپال جي حوالـي ڪري ڇڏيـو
جنڪو سال کن مس هلائي سگهيو. "نئين دنيا" هڪ الهاسڪ
ٿام سٺي معيار وارو، اداري مرڪزن ۾ مقبول رسالو اسان ل
هڪ وڏان هـو. مـون اميٽي ۽ الهاسنگر (سنڌونگر) جـ
دوستن، جن ۾ اديب ۽ ٻيا همدرد مترا هئا. هوا، جـو هڪ

سنڌي ٻوليءَ جي لسانيءَ، يعني ڀارت جي جوڙجڪ ۾ سنڌي ڀاشا کي مانيتا لاءِ شروعاتي ڪوشش پروفيسر ايم. ايڇ. ناگراڻي ڪئي. هن هڪ تفصيلي عرضو تيار ڪيو، جنهن ۾ هن اها حجت اُٿاري ته سنڌي ٻوليءَ کي وڌان جي اٺين فهرست ۾ حق ڏجهه. ته ڏيڻ وارو فيصلو / قدم هر ڪنهن کان غير واجب هو- قانوني طور تي اهو فيصلو ڀارت جي آزاديءَ واري قانون (١٩٤٧) جي ورڌ هو؛ ڀاوانا ۽ مراد جي سطح تي اهو قدم خود ڀارتي وڌان جي ابرعڪس هو، ڇاڪاڻ ته. جهڙي راشٽر، ڀاشا کي شاهوڪار بڻائڻ ۽ ان جي اوسر ۾ مدد ڪرڻ جو سوال آهي، ته سنڌي ڀاشا اُن مراد ۾ ٻين مڙني ڀارتي ڀاشائن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ شڪتيشالي آهي، ڇاڪاڻ جو سنڌي، ڀارتي ٻولين جي ماءُ سنسڪرت کي اڄ به ٻين سڀني ٻولين کان ويجهي آهي؛ راجنيتي طور تي ته سنڌي ڀاشا تمام اهم آهي، جو اُن جا ڳالهائيندڙ سرحد جي ٻنهي پاسن تي رهن ٿا، جن جي وچ ۾ سنيهڪ ڳنڍ قائم ڪرڻ لاءِ ٻڌائڪ ٿيندو ۽ اهو لاڀ راجنيتي سطح تي تمام اهم ڳالهه آهي؛ اخلاقي ۽ منووگيانڪ درشٽيءَ کان ٻڌ سنڌي ڀاشا سان ٻين ڀارتي ڀيڻن جي ڀيٽ ۾ ڀيدي ورتاءُ ڪرڻ ڀاري ڀُل آهي، جيڪا سنڌين جي من تي سخت چوٽ ڪندي ۽ ڀارتي قومپرستي ڏوڙي لوڪشاهي بابت شنڪا پيدا ڪندي. ناگراڻي صاحب، هن زوردار عرضي تي، جيترو به ڪانئس ٿي سگهيو، سڀني سنڌي عالمن، تعليمدانن، ساهتڪارن، اخبارنويسن، سماج سيوڪن ۽ ٻين ٻڌيمانن ۽ معتبر شخصن جون صحيون گڏ ڪيون هيون. ساڳئي وقت سنڌي ٻولي سڀا، پرنسپال لالسنگهه اجواڻي (پرڌان) گوبند مالهي (سيڪريٽري) جي اڳواڻي هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي مانيتا لاءِ ٻه عرضا ڏنا هوا، هڪڙو ڀارت جي پرڌان منتري پنڊت

سال انفرادي بنياد تي رسالو هلايو ۽ پوءِ بند ڪري ڇڏيو.

١٩٥٠ ۾ انهن ڏينهن سنڌي تحريڪ جي اتهاس ۾ وڏي اهم
تي ويٺل رهندي جڏهن آزاد ڀارت جو وڌان روشنيءَ ۾ آيو
ته سنڌي جاتيءَ کي وڏو ڌڪ پهتو. وڌان جي اٺين فهرست
۾ ڀارت جي جديد ڀاشائن کي شمار ٿيو آهي، جنهن جي مراد
هئي ته اهي ڀاشائون، قومي (راشٽر) ڀاشا جي اوسر ۾ سهائڪ
ٿينديون ۽ مدد ڪنديون. حيرت جي حد نه رهي جو ان يادداشت
۾ ڀارت جون سڀ مکيه ٻوليون موجود هيون؛ رڳو سنڌيءَ کي
نيڪالي ملي هئي. هن اڻوڻي جو اسورو ناحق سڀاويڪ
ڌڪ ڏيندڙ هو. جاتي جنهن، ڀارت جي آزاديءَ لاءِ سڀ
ڪجهه قربان ڪيو هو، ونڊي پنهنجو وطن نه ڇڏيو هو، انهن
سان هن اڻوڻي جي اي - انصافي ڪرڻ سمجهه کان ٻاهر هئي
۽ دل ڏکائيندڙ به هئي. اها ڳالهه وسارڻ نه گهرجي ته جوڙجڪ
اسيمبلي، جنهن وڌان تيار ڪري، ديش کي ڏنو، انهن
سنڌي جاتيءَ جا ٻه پرسد اڳوان - آچاريه جي. بي. ڪرپلاڻي
۽ جيرامداس دولترام ٻئي ميمبر طور ويٺا هوا، ان سنڌي ڀاشا
کي يادداشت ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ٻڙڪ به ڪانه ٻولي، نڪ اسيمبلي
جي ڪارروائيءَ مان اها ڳالهه ملي، نه ڪن خير خواه غير -
سنڌي ميمبرن سنڌي ڀاشا کي شامل ڪرائڻ لاءِ اشارو ٿي ڏنو
ته هنن صاحبن ڪن لاتار ڪري ڇڏي. اهڙي وهنوار کي
جڏهن سنڌي اديب "غداريءَ" جو لقب ٿا لڳائين ته انسان
جا ڪي مٿو اهڙو اکر استعمال ڪرڻ تي ناراض ٿا ٿين. اسين
پڇون ٿا، سنڌي جاتيءَ سان اهڙو ناحق ٿيندو ڏسي به خاموش
رهڻ واري هلت ۽ عمل کي اوهين ڪهڙو نالو ڏيندا؟! ڀارت
ته انجو نرپکش فيصلو ڏيڻ واري آهي ......

نامور بزرگ ساهتڪار لالچند امرڏنومل ڪئي. هن سميلن ۾ زوردار ٺهراءُ پاس ڪري، سرڪار کان سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي آئين فهرست ۾ داخل ڪرڻ جي زوردار گهر ڪئي ويئي. ان موقعي تي سڀا طرفان سنيتڪ پروگرام به ڏنو ويو، جنهن ۾ مکيه طور سنگيت ۾ لوڪو هيمراجاڻي ۽ ڀڳونتي ناواڻي اڳرا آيا ۽ ناٽڪ ۾ داس طالب پنهنجو مذاقي ايڪفصلو "ممٽرو ۽ ليڊي" پيش ڪيو. جنهن ۾ سندس ساٿيون ٻيو جئه هند ڪاليج جو ودياارٿي بلراج دت هو، جيڪو پوءِ هندي سئنيما جو مايه ناز اداڪار سنيل دت جي نالي سان پرسڌ ٿيو. ساهت منڊل، ساهتڪ سرگرمين کي اوج ڏيڻ سان گڏ سنيتڪ سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ به يتن ورتي رهيو هو. منڊل جي سالياني جلسي وقت يا پوءِ جيڪي هڪ ڏينهن جا ساهت سميلن آيوجت ٿيا، تن جي آخر ۾ ڪلاڪ ڏيڍ جو ڪلچرل پروگرام ڏيڻ جي پرڻ روايت شروع ڪئي. انهن پروگرامن جي رهرسل شروعاتي سالن ۾ منهنجي باندرا واري گهر ۾ ٿيندي هئي. انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مان به ناٽڪ ۾ رول ادا ڪندو هوس ۽ منهنجون ٻه ننڍيون ساليون - ڪملا (هاڻي ڪملا وڌواڻي) ۽ درو (هاڻي درو گدواڻي) به پارٽ ادا ڪنديون هيون. شروع وارن سالن ۾ اهي ننڍي پيماني تي تيار ڪيل سنيتڪ پروگرام پرنسپال ڌرمداس ڪشترپا جي اسڪول جي ننڍڙي رنگ منچ تي ڪيا ويندا هوا. بعد ۾ پبلڪ هال ۾ جهڙوڪ ڪاما هال ۽ ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ پڻ ڪري ڏيکاريااسون، جتي عام پبلڪ کي نوتو ڏيئي، کين به سرگرمين ۾ شامل ڪندا هواسون. پوءِ سنيتڪ سرگرمين لاءِ الڳ سنسٿا، **سنڌي ڪلاڪار منڊل** جي نالي سان استاپت ٿي، جيڪا گوبند مالهي* جي سرپرستي* هيٺ ڪلاڪار منڊل جي نالي سان ٽيهارو سالن کان به مٿي

جواهرلعل نهروءَ کي، ٻيو ٻوليوار پرانتن جي نئين رٿا ڪميشن کي، جنهن جو چيئرمين اي. جي. کير هو.

ساڳئي وقت دهليءَ ۾ پڻ سنڌو سماج جو پايو وڌو ويو. ان سمي هشو ڪيولراماڻي سنڌو سماج جو صدر هو. ٻيا ٻه ڪ اديب ۽ معزز شخص به ساڻس شامل هوا، جهڙوڪ، تيرٿ ٻسنت هرومل سدارنگاڻي، جيو گرسهاڻي، شيام ڀاڳيا، ڪيئو سنداڻي ۽ ٻيا به ڪيترا هوا. هشوءَ جي رهبريءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ صحيون گڏ ڪرڻ جي مهم هلائي وئي. نوجي اُتساهه سان ڪم کي هٿ ۾ کنيو ويو. ٿوري وقت جي اندر هزار قريب هڪ لک صحيون گڏ ڪري ورتيون. لک صحيحن جو وڏو بنڊل هشوءَ ڀارت جي پارليامينٽ جي اسپيڪر کي هڪ وفد جي اڳواڻي ڪندي پيش ڪيو. هشوءَ انهيءَ الهاڪ ڪارنامي کي پنهنجي جيون جو اُهو ا، هنيو. اسپيڪر کي عرضو پيش ڪندي، ڪمس ڪراچي حلوي جي هڪ چڪي پيش ڪئي، ته مٺو وات ڪرايو ۽ اسان جي ٻوليءَ کي مانيتا ڏيو. ٻاهر اچي انهن پارليامينٽ جي ميمبرن کي ٻه حلوي جون چڪيون آڇيون ويئون ۽ سنڌين جي هئي طلب کي قبولڻ لا اپيل ڪئي وئي. سنڌين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ انوکو ۽ شانتيمئي مثال پيش ڪيو، جنهن جي سالن تائين پئي چرچا هلي.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ هلچل آهستي آهستي زور پڪڙيو. سنڌي ساهت منڊل پڻ ان ۾ اڳتي آيو. ممبئيءَ مڪاني سطح تي سنڌي سميلن جي شروعات ڪئي وئي جنهن ۾ ٻزرگن ۽ نوجوانن گڏجي ڀاڱو ورتو. لاڳيتا ٻه ساهت سميلن سنڌي ساهت منڊل جي زير - سايع ۱۹۵۱ ۽ ۱۹۵۲ سڏايا ويا. ان مان پهرين سميلن جي صدارت سنڌيءَ جي

لاهور ۾ بزرگ ساهتڪار لالچند امرڏنومل ڪيئي. هن سميلن ۾ زوردار ٺهراءُ پاس ڪري، سرڪار کان سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي آئين فهرست ۾ داخل ڪرڻ جي زوردار گهر ڪئي وئي. ان موقعي تي سڀ طرفان سنسڪرتڪ پروگرام به ڏنو ويو، جنهن ۾ مکيه طور سنگيت ۾ لوڪو هيمراڄاڻي ۽ ڀڳونتي ناواڻي اڳرا آيا ۽ ناٽڪ ۾ داس طالب پنهنجو مذاقي ايڪ فصلو "مٽرو ۽ ٻبرني" پيش ڪيو. جنهن ۾ سندس ساٿيون پڻ جڳ هند ڪاليج جو وديارٿي ٻراج دت هو، جيڪو پوءِ هندي سنسٿا جو مايه ناز اداڪار سنيل دت جي ڀائي سان پرسڌ ٿيو. ساهت منڊل، ساهتڪ سرگرمين کي اوج ڏيڻ سان گڏ سنسڪرتڪ سرگرمين کي وڌائڻ لاءِ به ڪن وٽي رهيو هو. منڊل جي ساليانه جلسي وقت يا پوءِ جيڪي هڪ ڏينهن جا ساهت سميلن آيوجت ٿيا، تن جي آخر ۾ ڪلاڪ ڏيڍ جو ڪلچرل پروگرام ڏيڻ جي پڻ روايت شروع ڪئي. انهن پروگرامن جي ريهرسل شروعاتي سالن ۾ منهنجي ٻاندرا واري گهر ۾ ٿيندي هئي. انهن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مان به ناٽڪ ۾ رول ادا ڪندو هوس ۽ منهنجون ٻه ننڍيون ساليون - ڪملا (هاڻي ڪملا واڌواڻي) ۽ درو (هاڻي درو گدواڻي) به پارٽ ادا ڪنديون هيون. شروع وارن سالن ۾ انهي ننڍي پيماني تي تيار ڪيل سنسڪرتڪ پروگرام پرنسپال ڌرمداس ڪشنرياڻي جي اسڪول جي ننڍڙي رنگ منچ تي ڪيا ويندا هوا. بعد ۾ پبلڪ هال ۾ جهڙوڪ ڪاما هال ۽ ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ ٽڪيٽ ڪري ڏيکاريااسون، جتي عام پبلڪ کي ٻولو ڏيئي، ڪين به سرگرمين ۾ شامل ڪندا هواسون. پوءِ سنسڪرتڪ سرگرمين لاءِ الڳ سنسٿا، **سنڌي ڪلاڪار منڊل** جي نالي سان استاپت ٿي، جيڪا گوبند مالهي جي سرپرستي هيٺ ڪلاڪار منڊل جي نالي سان ٽيهارو سالن کان به مٿي

جواهرلعل نهروءَ کي، ٻيو ٻوليوار پرانتن جي نئين رچنا ڪميشن کي، جنهن جو چيئرمين ايڇ. جي. کير هو.

ساڳئي وقت دهليءَ ۾ پڻ سنڌو سماج جو پايو وڌو ويو. ان سڀني هشو ڪيولراماڻي سنڌو سماج جو صدر هو. ٻيا نامور اديب ۽ معزز شخص به ساڻس شامل هوا، جهڙوڪ، ٽيرٿ بسنت هرومل سدارنگاڻي، جيٺو گرسهاڻي، شيام ڀاڳيا، ڪيئو سڳناڻي ۽ ٻيا به ڪيترا هوا. هشوءَ جي رهبريءَ هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ صحيحون گڏ ڪرڻ جي مهم هلائي وئي. ڏاڍي اُتساهه سان ڪم کي هٿ ۾ کنيو ويو. ٿوري وقت جي اندر هنن قريب هڪ لک صحيحون گڏ ڪري ورتيون. لک صحيحن جو وڏو بنڊل هشوءَ ڀارت جي پارليامينٽ جي اسپيڪر کي هڪ وفد جي اڳواڻي ڪندي پيش ڪيو. هشوءَ انهيءَ الهاڪ ڪارنامي کي پنهنجي جيون جو ٿيو اسو هنيو. اسپيڪر کي عريضو پيش ڪندي، ڪيس ڪراچي حلوي جي هڪ چڪي به پيش ڪئي، ته منهنجو واس ڪرايو ۽ انسان جي ٻوليءَ کي مانيتا ڏيو. ٻاهر اچي ٻين پارليامينٽ جي ميمبرن کي پڻ حلوي جون چڪيون آڇيون ويون ۽ سنڌين جي هڪ طلب کي قبولڻ لاءِ اپيل ڪئي وئي. سنڌين پنهنجو حق حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ انوکو ۽ شانتيمي مثال پيش ڪيو، جنهن جي سالن تائين پئي چرچا هلي.

سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ هلچل آهستي زور پڪڙيو. سنڌي ساهت منڊل پڻ ان ۾ اڳتي آيو. ادبيءَ ۾ مڪاني سطح تي سنڌي سمان جي شروعات ڪئي وئي، جنهن ۾ بزرگن ۽ نوجوانن گڏجي ڀاڳ ورتو. لاڳيتا ٻه ساهت سمان سنڌي ساهت منڊل جي زير - سايه ١٩٥١ ۽ ١٩٥٢ ۾ ملهايا ويا. ان مان ٻنهي سمانن جي صدارت سنڌيءَ جي

شادي تمام سادگيءَ سان ٿيندي. خرچ گهٽ ۾ گهٽ ٿيندو – هڪڙو وڳــو، هڪڙي ساڙهي، هڪڙو ننــڍڙو هــال ۽ پنجاهه دوستن کي دعوت، جن لاءِ هڪ هڪ آئسڪريم جو انتظام. اِها رٿ ڪنهن به راس نه آئي. موٽي اچي، سونتا کي گلاب جي جهجهڪ کان واقف ڪيم. چيائين: اسين گــلاب کــان خــرچ ڪونــه ڪرائينداسون. مان ٿي پنهنجي پيءُ کي دهليءَ لــکي موڪليان. اِها ننڍي رقم اسين گهرائي وٺنداسون. اِها رقــم پنهنجي وٽ ئي.

شادي نــه صرف تمام سادگيءَ سان ڪرڻي هئي، پر ڪنهن به ڌرمي يا روايتي رسم رواج جي پابندين جا ٻئي گورک ڌنڌي کان بــلڪل آجي رکڻي هئي. منهنجو ڪنهن به غير عقلي يــا انــڌ وشواسي رسم ۾ اعتبار ڪونه هو ۽ ڪونه آهي. اهڙي روايت پرستيءَ جي سخت خلاف هوس ۽ آهيان. سونتا ته جنم کــان وٺــي ڌرمي وشواس جي استري هئي ۽ اهڙن ڳالهين جو مٿس ڪافي زوردار اثر هو. هوءَ ٿورو گهٻرائي ۽ منجهي پئي. پنهنجي شنڪا ظاهــر ڪندي چيائين: ساٿ سوچ، منتر جنتر پوڄا پاٺ نه ٿيندا ته پوءِ اِها شادي ڪيئن ٿي؟ ان جي شڌتا ۽ سنڌ ڪهڙي ٿيندي؟ اهڙي شادي سماج ڪيئن جائز ٺهرائيندي، اِها قانوني ڪيئن سڏي سگهبي؟ سنتان جي جائزگي وغيره جــو ڳوڙهو ۽ نازڪ سوال جو پيدا ٿيندو، وغيره وغيره. مون سندس من جون شنڪائون ڀليءَ ڀت ڄاڻيون ٿي. سندس اوسر صدين جي انڌ وشواس ڇانيل پٽي ۾ ٿي هئي، سا بـــه سمجهه آئــي ٿي. روايت پرستي جا پيڙن، جڪڙ ۽ پڪڙ بــه سڀاوڪ هوا. مون کيس ڌيرج سان سمجهايو ته اِهي سڀ من جا وهم ۽ ڄارا آهن. اسين نئين جيون ۾ جنهن پوتر سنڌ ۽ دل وشواس سان پير ٿا پايون، تنهن ۾ اهو سڀ، پــاڇريان کوکلا ليکا ڪٿيل

انهيءَ کيتر ۾ ڏاڍو چمڪندي رهي. اڳتي هلي ساهت منڊل جي سهاري هڪ ساليانو مخزن، ساهت سنگم نالي شروع ڪيائون، جنهن ۾ سمپادڪن ۾ ٻين ڪيترن مقالن سان گڏ، ٻين ساهتڪارن ۽ شاعرن جون رچنائون پڻ شايع ڪندا هواسون. اها هڪ اعليٰ معيار جي مخزن ثابت ٿي، جيڪا پنج - ست سال لڳاتار نڪرندي رهي ۽ پوءِ منڊل جي ٽٽي پوڻ سان مخزن به بند ٿي وئي.

ڀاڳندرا ۾ سوبتا ۽ مان چوويهه ڪلاڪ گڏ هواسون، هڪ چت هيئاسون. اسانجو ايڏو نزديڪيءَ جو ناتو گهڻو وقت اڪٺ وارو ڪونه هو. چئن ديوارن اندر، ٽن ڄڻن ۽ هڪ ٻئي جي وچ لڪچپ رانده، جنهن مڪڙ جي شڪل ٻڌائڻ ڪٺن آ، وڏيڪ مشڪل هئي. ٽن دلين جو پيار ڪيئن روڪجي سگهجندو؟ رات جي وقت اسانجون لوهي ڪرسيون هڪٻئي جي ڀرسان هونديون هيون. آڌي رات تائين پيا ڳالهيون ڪندا هواسون. ٽيئي ڄڻا ٻاهران ماٺڪڙيءَ ۾ آرامي هوندا هوا. هر وقت اڪو رهندو هو. دوستيءَ ۾ ڪڏهن به غلط فهمي پيدا ٿيڻ جو امڪان هو. سوبتا جو چوڻ هو ته گلاب سان صاف ڳالهائي، پنهنجو رشتو چٽو ڪري ڇڏڻ گهرجي ۽ شاديءَ بابت به فيصلو وٺڻ گهرجي. وچ ۾ وٺي گلاب ڪنهن هڪڙي شام جو ڪاڏي ڪالهوءَ ڀاڳندرا جي سمنڊ ڪناري وٺي ويس. مون دل کولي هن سان ڳالهايو: مان ۽ سوبتا هڪٻئي کي چاهيون ٿا ۽ شاديءَ جي بندن ۾ جڪڙجڻ گهرون ٿا. اهيءَ حالت ۾ سڀاڳي چت هئڻ، پنهنجو سنهه اڪائڻ ناهي ڏکيو آهي. ٽنهين ڄڻن لئي پڻ غلط اثر ٿيڻ جو انديشو آهي. ڳالهه ته ٺيڪ هئي، پر شاديءَ جي لاءِ ڪس لاڳوار لڳي، خاص طور انڪري جو پريوار جي مالي حالت ٺيڪ ڪانه هئي. مون هن کي وشواس ڏياريو ته—

آشا ظاهر ڪيائين. سوڀيتا مون کي هار پائي جيئون ساٿي ٿيڻيو،
مون به ڪيس گلن جي ڪنٺي پاتي ۽ جيئون ڀر ساٿ جو اقرار
ڏنو. دوستن ۽ مائٽن تاڙيون وڄايون، پنهنجي سنيهه، پسنديگي
۽ آسيس جي مهر لڳائي ۽ آئسڪريم کائي منهن مٺو ڪيو.

حيرت ڀري حقيقت اها هئي، جو باندرا واري گهر ۾ اسان
وٽ ڪو اڪيلو خانگي (خلاصو) ڪمرو نه ڪونه هو، جتي
شاديءَ رات (سهاڳ رات) گذاريون. منهنجو قربدار دوست
پرنٽم ٽهلراماڻي، ڪشادي دل وارو شخص هو. چيائين: سهاڳ
رات منهنجي ڪولابا واري گهر ۾ منهنجي سمهڻ واري ڪمري
۾ گذارڻ جو بندوبست، منهنجي لاءِ ٿي ويو آهي. ڪيڏي
نه اُدارتا! هن کان نه وڌيڪ اُدارتا، سندس پنهنجي وڏا جي
چئي، جڏهن پنهنجي سهاڳ رات وارو ڪمرو اسان کي ڪڍي
ڏنو. اسين ٻه ڏينهن اُتي رهيا پيا هواسون. ٽين ڏينهن باندرا
موٽي آياسون. پرنٽم جي منهنجي پيءُ جو رول ادا ڪيو. ان
لحاظ کان اڄ به هو سوڀيتا کي ڪنوار (ڀينهن) ڪري سڏيندو
آهي. ٻه ڏينهن لهِ وقت - ٿيڻو بندوبست ٿي ويو، پر اڳتي
ڇا؟ ٽن ڪنوارن جي وچ هڪڙو شادي شده جوڙو ۽ ڇت وارو
سمهڻ لائق، هڪڙو ئي وڏو ڪمرو - ڳالهه ڪجهه عجل ٿي نه
کائي! ايمت رستو ڳولهي لڌوسين. الهيءَ وڏي ڪمري جي
مٿان، اڱڻيءَ جي اڌ جي ڇت ڪڙي ڪري، ديوچي ٺهرائي
ورلسين ۽ هڪ قولدڙ پڪو به مستر ڪري ورتوسين. رڳو سمهڻ
وقت ئي رات جو ڇت تي ويندا هواسون، باقي سڀ ڪاروبار
هيٺ ئي ڪندا هئاسون. ان عارضي ۽ ڪم ٿيڻو گهر ۾ اسين
اٽڪل پنج سال رهياسون. سوڀيتا پنهنجا پهريان ٻه ٻار
اُدوپ ۽ ارون ٻڪ. اُتي ئي ڄڻيا ۽ ٽورا سال اُتي ئي پاليا.
اتي ئي ٻهي پيرن - درو ۽ ڪملا جا هٿ پيلا ڪيا ۽ پنهنجي

جي برابر آهي، جنهن جو اسان جي خوشيءَ ڀري جيون ۾ ڪوبه دخل ڪونهي. اسان جي پريم جي شڪتا ئي ٻنهي جي سچي گرانٽي آهي. اسانجو هڪٻئي ۾ پورن وشواس ئي اسان جي شاديءَ جي رشتي کي دائميت بخشيندو. پوءِ به چيائين: ڀلا، ننڪاڻي ۾ هلي گرو گرنٿ جي اڳيان پنج ڦيرا پائينداسون. مون چيو: ڏس، سويتا، اهڙي رسم جي به ڪا ضرورت ڪونهي. ڇا جن، ننڪاڻي ۾ انهن ڦيرا پاتا آهن، سي سڄي عمر پاڻ ۾ سچا رهيا آهن؟ رهي رسمي سند، ان لاءِ اسان جا پنجاهه دوست ۽ مٽ مائٽ اتي موجود هوندا. ننڪاڻي ۾ ڦيرا پائڻ کانپوءِ به مان ٿري وڃي سگهانٿو، پر دوستن جي اڳيان لوڪي هار پائڻ کانپوءِ، مرڻ دم تائين، تنهنجو ساٿ نه ڇڏيندس. منهنجي واسطي لـي ڪٿي هٿ رکيائين، جو مان شاديءَ جهڙي شڀ موقعي وقت مرڻ جهڙو اشڀ شبد منهن مان ڪڍي رهيو هوس.

سوامي الڪد دلو، ان وقت ٻنهيءَ ۾ اڃا ڪنهن دوست وٽ رهيو هو. هو وقت بوقت اسان ٻنهي - سويتا ۽ مون کي، ڌار ڌار وقتن تي هڪٻئي کي جيون ساٿي ٺاهڻ جا اشارا ڏيندو رهيو هو. شايد ڪنهن اڳواٽ ئي پورن ٺهڪي ويا هوا. هو ڪميونسٽ وچارن جو هڪ انقلابي درويش هو. دل ۾ آيم ته هن کان وڌيڪ ڪهڙو بهتر ”پنڊت“ اسان کي شاديءَ جي رسم ادا ڪرڻ ۽ آسيس ڏيڻ لاءِ ملندو؟ سواميءَ کي رسم ادائگيءَ لاءِ وينتي ڪئيسين. رسم ڇا هئي؟! ڪاما هال ۾، پنجاهه - سٺ دوستن، جن ۾ گهڻي ڀاڱي ٻنهيءَ جا ادبي ۽ ڪي سويتا جا عزيز هوا، جي سامهون اسان شاديءَ جي رسم ادا ڪئي. سواميءَ اسان ٻنهي جي سادگي ۽ آدرشي جيون جي باري ۾ ٻه - ٽي منٽ ڳالهايو، آشيرواد ڏني ۽ سڦل جيون جي

واهه جو شايع ٿينديون هيون. هفتيوار اخبارن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونه هو. هڪ وقت تي مون کي ياد آهي ته ست اهڙيون هفتيوار اخبارون ڇپجن هيون. هن وقت به انهن ٽي سگهن ٿيون - ٿوريون گهٽ وڌ به هجن. روزانيون اخبارون به درجن کن ته واهه جو ڇپجن ٿيون، جن مان گهڻيون سنڌ ولگر مان ٿيون نڪرن. سينيما گهرن ۾ پڻ ناٽڪ ۽ سنگيت ٽوليون وجود ۾ اچي ويون. هاڻي ته ڀارت جون ٽوليون به اڳيان آيون آهن. هنن انيڪ ٽولين، ناٽڪ، سنگيت، ڀارت، لوڪ سنگيت وغيره جي ڌوم مچائي ڏني. چوڌاري سنڌي ٻولي، ساهت، ناٽڪ، سنگيت وغيره جو ٻول ٻالا هو. جن سچن وشواس رچائي، اي - همٿ ٿي هٿيار ڦٽا ڪيا هوا ۽ سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي خاتمي جون فتوائون به صادر ڪيون هيون، تن جا حوصلا به ڪجھ سڌا ٿيا ۽ سنڌي ٻولي ۽ جاتيءَ جي جياپي لاءِ دعائون ڪرڻ لڳا. اٽڪل ڏهاڪو سال هيءَ ڌوم جاري رهي. سنڌيت جي هلچل هڪ سيلاب بڻجي رهي هئي. پوءِ زوردار هڪ الهاسڪ واقعو ٿيو. سنڌو سماج (دهلي) جي سنڌيت جي شيدائن، اکل ڀارت سطح تي دهليءَ ۾ **سنڌي ٻولي ڪنوينشن** ڪوٺائڻ جو سڏ ڏنو. حالتون راس ٿي چڪيون هيون. سنڌيت جي هلچل جي اڏام جو سمو اچي ويو هو. ڊسمبر ۱۹۵۷ ۾ جدا جدا شهرن ۾ جيڪي سنڌيت جون (ننڍيون ننڍيون) لهرون اٿيون هيون، سي سڀ اچي دهليءَ ۾ هڪ ساگر بڻيون.

۱۹۵۷ سال سنڌي جاتيءَ جي ورهاڱي بعد جي تاريخ ۾ هڪڙو اهم ٽرائن سال آهي، جڏهن سنڌي جاتيءَ جا گهڻگهرا، سنڌي جاتيءَ جو شعوري ۽ ذهني طبقو اچي دهليءَ ۾ گڏ ٿيو، پنهنجي روشن آئيندي لاءِ سوچڻ ۽ ان بابت اهم فيصلا

پاڻ گلاب کي به، اُن شاديءَ جي پڄاڻان ۾ ڪراچي ڇڏيو. سندس هڪڙي وڏي شڪا، پيرن ڏانهن جوابداريءَ جو امام سهڻي ۽ خاطر خواه سمولي حل ٿي ويو. هوءَ خوش هئي. باقي مون سان رشتي جي شڪا / دپ بابت ۽ جيون جو سفر جو انڪل اڌ صديءَ تائين خوشگوار گذريو آهي، انهن بابت ۽ اُن جي ڪٿي متي احوال ۽ ذاتي لاءِ اوهان کي ٿورو انتظار ڪرڻو پوندو.

سنڌيت جي هلچل جو ڪاروان ڌيري ڌيري رفتار ۽ زور پڪڙڻ لڳو هو. ورهاڱي جو سنڌي ساهت منڊل پنهنجن سرگرمين سان چوڌاري روشني ڦهلائي رهيو هو. ڪيترن ئي شهرن ۾ منڊل جي ڪارگذارين جو سنديش ۽ هاڪ اخباري ماڌيم معرفت ڀارت جي الڳ شهرن ۾ پهچي چڪا هوا. جنهن مان اتساهه پائي، انهن شهرن ۾ پڻ، ساهتڪارن، ڪلاڪارن ۽ ودوانن سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ڀاشا جي حق ۾ آواز بلند ڪرڻ شروع ڪيو ۽ انهي جذبي ۽ ڀاونا جي اظهار کي سنستائي روپ ڏيڻ لاءِ جدا جدا هنڌن تي منڊل، سڀائون، سنگٺون، سميتون، سماجون، فورم ۽ فرلات ايڪا ڪري ڇڏيا. اهو، اهو زمانو هو، جڏهن هر هڪ سنڌيءَ جي دل ۾ پنهنجي ڀاشا ۽ جاتيءَ جي سلامتي ۽ ترقيءَ لاءِ بيحد اتساهه ۽ اُمنگ هو. خاص طور پڙهيل طبقي جي دل ۾ ته سچ پچ ٻري رهيو. هڪ پاسي مڙني، ميٽنگون ۽ محفلون آيو ڏينهن ٿينديون رهيون ۽ سنڌين جي واجبي طلبن کي اڳيان آندو پئي ويو ته ٻئي طرف ڪتاب، مخزنون، اخبارون، رسالا ۽ ٻيو ساهت ڏڙاڏڙ ڇپجندو رهيو. اهو اهو زمانو هو، جو ريڳو ورهاڱي مان انڪل اڌ درجن ساهتڪ مخزنون جاري ٿينديون هيون. دهليءَ مان ٻه چار اهڙا رسالا نڪرندا هوا ۽ ٻين وڏن شهرن مان ٻه هڪ - ٻه مخزنون ته

سميلن ۾ پيش ڪيو ويندو، جنهن لاءِ بمبئيءَ جي ڀاليگيڙن گڏجي دعوت ڏني. اها ڪنوينشن سنڌيت جي هلچل ۾ هڪ- نشان هئي.

ورهاڱي سال، ١٩٥٨ ۾ اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن بمبئيءَ ۾ ڪوٺيو ويو. بمبئي سنڌيت جي هلچل جو مرڪز هئي. بمبئيءَ ۾ نہ صرف سنڌين جو چڱو آدم رهندو هو، پر ڀرسان وڏي ۾ وڏي شرڻارٿي بستي (الهاسنگر) هئي، جتي لکين سنڌي اچي وسيا هوا. انهن ڪانسواءِ سنڌي جاتيءَ جي ٻڌيمان طبقي جو گهڻو حصو- ليکڪ، ڪلاڪار، تعليمدان، عالم اخبارنويس ۽ ٻيا پڻ بمبئيءَ ۾ موجود هوا. انيءَ جي مڪيد کي ڀاسيرو رکي سڀني جو سهڪار هٿ ڪيو ويو. شاهي پيمائي تي سواگت ڪاميٽي ٺاهي، ڪم جي ورڇ لاءِ انيڪ ڪاميٽيون ٺاهي کين الڳ الڳ ڪم سپرد ڪيو ويو. سواگت ڪاميٽيءَ جو چيئرمين اوڪ اڳڀرو سوداگر هوانچند آڏوانيءَ کي ڪيو ويو، جنرل سيڪريٽري پروفيسر جهمٽمل ڀاوناڻي، خزانچي گوپال گرڌشانيءَ کي مقرر ڪيو ويو. باقي ڪم جي ونڊ لاءِ جيڪي ڪاميٽيون مقرر ٿيون، انهن مان هر هڪ جو چيئرمين هڪ بزرگ ساهتڪار ۽ سيڪريٽري نوجوان اديب چونڊيا ويا.

بمبئي سميلن هڪ شاندار ميلو ثابت ٿيو. سميلن جو مهورت ڀارت سرڪار جي وزير همايون ڪبير، بمبئي يونيورسٽيءَ جي ساڻي پڌر ۾ هڪ خوبصورت شاميائي اندر ڪيو. ڀاليگيڙن جي اپنڪ جي صدارت شري جيرامداس دولترام ڪئي. سڀ ڪاليج جي راما وانوبل هال ۾ ڪئي. اندازن چار- پنج سو ڀاليگمت نہ واهه جو حاضر هوندا. سميلن جي مکيہ ڪشش هو، سنڌ جي شاهوڪار سنسڪرتڪ ورثي جو نماءُ، جهڙو اسان وري ڪونہ ڏٺو آهي. پرسڌ سنڌي چترڪار چندرسين واسواڻيءَ کي

وٺڻ لاءِ. ڪنوينشن جو مهورت پيڪدار لموليءَ ۾ ڀارت جي
آف - پرڌان ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن سپرو هال ۾ ڪيو. شري
جئرامداس دولترام اجلاس جي صدارت ڪئي. ساهتڪ اجلا
جي صدارت پروفيسر لالسنگهه اجواڻيءَ ڪئي. سڄي ڀارت
جي الڳ الڳ شهرن مان مکيه اديب، تعليمدان ۽ ودوان پهريون دفعو
ڀاڱي ۾ ٻئي رهيا هوا. سندر الفاق اهو هو جو ٻنهي ڏينهن
سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جا طرفدار ساڳئي پليٽفارم تي
سنڌي ٻوليءَ جي مکيه طلب - "ڀارت جي جوڙجڪ ۾ سنڌي
ٻوليءَ جي تسليمي" لاءِ ٺهراءُ آڻي ايڪا هوا. ڊاڪٽر را
ڪرشنن سنڌ جي شاهوڪار سڀيتا ورثي جي ساراهه ڪئي
۽ سنڌين جي گڻن - سهڻشيلتا، ديش ڀڳتي ۽ ٻرشارٿ کي ڀ. کو
داد ڏنو. ڊيليگيٽ اجلاس جي صدارت لالسنگهه اجواڻيءَ ڪئي
جنهن ۾ انڪل اسي سون ڊيليگيٽن ڀاڱو ورتو، جتي سنڌ
ٻوليءَ جي مکيه مڳي، ٻوليءَ جي مانيتا لاءِ ٺهراءُ پاس ڪ
ويو. شام واري سڀيتاڪ پروگرام ۾ دهليءَ جي ڪلاڪا
خوب نڀايو، ٻيڙي آڏواڻيءَ جي "گانڌو ڊاڪٽر" خو
والداڻو ۽ آچاريا ٻرهمانند جي ڪلاسيڪل طرز ۾ ڳايل ساه
جي سلوڪن ته. حاضرين کي عرش تي پهچائي ڇڏيو. ڪ
ڊاڪٽر راڌا ڪرشنن مٽر مگن رهجي ويو. ٻيو حسن اتفا
اهو ٿيو هو، جو ان موقعي تي پاڪستان مان آيل ڪئبنيٽ
وزير پيرزادي عبدالستار سنڌي ڪافي ڳائي واهوعبدل ۾
جي سڪ ۽ سڳنڌ جون لهرون پيدا ڪري ڇڏيون. سنڌين
ڪاروان کي جماعتي روپ ڏيڻ جي ڀاونا اسا. اڄ ٿي،
هلچل کي اسانيم اڳتي وڌي وڃي سگهجي. ان مراد کي ڏيا
رکي ٢٧ جون جي هڪ عارضي ڪاميٽي ٺاهي وئي، جن
ان ڏس ۾ خاڪو تيار ڪري وٺندي، جيڪو ايندڙ سال ج

رهيا آهيون. اوهين اهڙي سازش ۾ اٽڪيا ڪيئن ڦاٿل رهيا آهيو. مهرباني ڪري هتان ماٺ ميٺ ۾ هليا وڃو، نه ته اسان جا جوشيلا جوان اوهان جي عزت ۾ هٿ وجهندي نه دير ڪونه ڪندا. هو ڪپڙا ڇنڊي، هليا ويا. پر اسين اها راس آئي، سانوڻائيءَ جي ڪارڻ، ٿڪي پيا هئاسون. ساڳي ٽي تي جڏهين ڪليل اجلاس ٿيو، جنهن جي صدارت شري جيرامداس دولترام ڪري رهيو هو. اتي به، انهن عناصرن شرارت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر اسين هڪدم اٿي بيٺاسون ۽ زوردار رڙ واڪو ڪري صدر کي ذهن نشين ڪرايوسين ته اهو سوال اوهين ڪٿڻ ڏيندا ته اسين سيشن ڦٽائي ڇڏينداسون. هن گوڙ ۾ مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته ٻن ڄڻن ناري گرسهاڻي ۽ ديارام غريبداس اسان کي ساٿ ڏنو هو ۽ جيرامداس کي ڏڙڪو ڏيڻ لاءِ اسين ڪارروائي هلڻ نه ڏينداسون، جيسين هن سوال تي نبيرو نه ڪيو. جيرامداس ماهر سياستدان ۽ ديرينو شخص هو. هڪدم ڀانپي ويو ته ديوناگريءَ وارن جي اها چال شڪست کائي ويندي ۽ جي سيشن بند ٿيو ته ديوناگريءَ وارن تي ملامت پوندي ۽ سندس نيڪناميءَ کي به ڌڪ لڳندو. هڪدم ارادي سان ٻڌرائي ڪيائين ته لپيءَ جو سوال سيشن ۾ نه آندو ويندو. وايومنڊل شانت ٿي ويو. هڪ ٻيو ٺهراءُ پاس ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌي ڀاشا کي ڀارت جي جوڙجڪ ۾ حقي ۽ جائز جڳهه ڏيڻ واري گهر دهرائي وئي هئي.

انهيءَ سيشن جي دوران سڀيتڪ پروگرام پڻ عاليشان نموني جو پيش ڪيو ويو. سنڌي جاتيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جا ڪلاڪار شامل ٿيا هوا. هڪ مزيدار ۽ سندر اسٽيج تيار ڪيو ويو هو، جنهن ۾ رام پنجواڻي، هوندراج دکايل ۽ لشو جاگيردار، سنڌ جي عظيم شاعرن جي نموني - شاهه، سچل ۽ ساميءَ کي

مکيه طور انهن جو ڪم حوالي ڪيو ويو هو، پر ڪيس ۾ جستا پاڻهون
پهچي ات. ڏٺا ويا هوا، جن ۾ خاص طور وشني ملڪاڻي ۽
ٿاڪري جڳتاڻي سرگرم هيون، جن ڪتان گولهي وڃي
درلڀ شيون هٿ ڪيون هيون، پارٽ جا ڪم، هٿ جو هنر،
سنڌي پوشاڪون، ٿانو، زيور، جهولا پسٽڪ، هٿ جون
لکاڻون، جنڊيءَ جو ڪم، سنڌي ساز، چتر، ڪتاب،
مخزنون، اخبارون ۽ ٻيون سوان لهڻيون وڏيون سنڌ جي ماضيءَ
جو شان ڏيکارينديون چيزون هيون. پردرشني هڪ الوکي حاصلات
هئي. ان ۾ سنڌين ۾ هڪ ٻيو ئي اهم ڪارڻ ٿيو هو. ٻيو پاشاٿي
مشاعرو ڪوٺايو ويو هو. اهو ڪي. سي. ڪالهج جي
لائبريري خالي پلاٽ تي منعقد ٿيو. ليکراج عزيز ان ڪاميٽي
جو چيئرمين هو ۽ ارجن شاد سيڪريٽري. اردو جا ماهانه شاعر
ساحر لڌيانوي ۽ ڪيفي اعظمي پڻ شامل ٿيا هوا.

هن موقعي تي ديوناگريءَ جي طرفدارن شرارت ڪرڻ جي
ڪوشش پڻ ڪئي. ٻه ڪانگريسي ليڊرون، پرسرام ٽهلراماڻي
۽ چوٿرام ولهچا، ڪانڊي پنهنجي ڪانفرنس جي رهائش
جي هنڌ تي اچي هڙن ۾ پرچار ڪرڻ لڳا ته سڀاڻي تي جڳ
ڪانل اجلاس ڪي. سي. ڪالهج هال ۾ ٿيندو، اتي ديوناگري
لپي اپنائڻ جي حق ۾ هڪ ٺهراءُ ايندو، هو ان جي تائيد
ڪن. اسان جن سنڌي لپيءَ جي همراهن پڪڙ اسان کي اطلا
ڪيو ته هن قسم جي حرڪت ٿي رهي آهي. مان ۽ هڪ ٻه
دوست ديونڊا رهائش جي هنڌ تي پهتاسون. پنهنجي اچوال
کي ڏسي اسان کي پاهه لڳي وئي. اسان کين سخت بوليءَ
چيو ته هن قسم جي پرچار جو الٽو اثر ٿيندو. سنڌين
ويندو. هن وقت سنڌي ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ جي سوا
تي اسين پنهنجي ڏرين جي ايڪتائيءَ ۽ اتحاد تي زور ڏيڻ

مراد لاءِ سنڌ ۾ پبلشنگ سوسائٽي ٺاهڻ ڪئي ويئي، جنهن جي پاران **سنڌ وڌارا** هفتيوار شايع ڪرڻ جو فيصلو ورتو ويو. سوسائٽيءَ جو صدر ٿيو وڪيل رام چندملاڻيءَ کي ۽ سيڪريٽري مون کي چونڊيو ويو. ٻيا به ٿيا اديب ۽ عالم جيڪي هن سنسٿا سان لاڳاپيل هوا، ان مان کي هوا: پروفيسر ايل. ايڇ. اجواڻي، ٿ. رمداس ڪشنوڻيا، گوبند مالهي، اي. جي. اتم، پوپٽي هيراننداڻي، ٽي. ٽي. واڌواڻي، نهالرام آزاد ۽ بمبئيءَ کان ٻاهر ڪرشن کٽواڻي ۽ سدانند لولاڻي. سڀني پاسن مان اٽڪل سوَ ڪن سوسائٽيءَ جا دائما ميمبر ٿيا، جن مان هر هڪ سوَ روپيا ميمبريءَ لاءِ ڏنا. باقي سدانند لولاڻي (ڪانپور) ٻه هزار روپيا موڪليا. **سنڌ وڌارا** جو پهريون - جنم جو پرچو سال 1959 جي پهرئين ڏاري تمام شاندار نموني ۾ نڪتو ۽ ڇو ڏاري واهه جو پسند پيو. ڪيترن ئي مرڪزن ۾ سنڌ وڌارا جي آمد چڙتا پيدا ڪئي ته سنڌي ٻوليءَ وارا **هندواسي** هفتيوار کي، جيڪا ديوناگريءَ جي طرفداري ڪندي هئي، سهڻو ڏئي ويندا، پر اهو ممڪن ڪونه هو ۽ ٿي به ڪونه سگهيو. تنهن هوندي به سنڌي حلقن کي سنڌ وڌارا زوردار هٿي ڏني ۽ ٻئي طرف مقابلو به ڪيو، جاڪاڻ ته **هندستان روزاني ۽ هندواسي** هفتيوار کي سنڌي ٻوليءَ جي مکيه پترڪائن جي حيثيت هئي ۽ شري جيرامداس دولترام جي رهنمائيءَ هيٺ، ٻئي اخبارون پنهنجي هڪ هٽيءَ جو فائدو وٺي، هڪ طرفو پرچار (ديوناگريءَ جي فائدي ۾) ڪري، ٻئي طرف جي وچارن ۽ خبرن کي اڪائي / دٻائي بي انصافيءَ وارو ورتاءُ ڪري رهيون هيون. "سنڌ وڌارا" جو آواز ڀلي محدود هو، پر سنڌيت جي حلقن ۾ سنڌس يوڳدان، اهم، اثرائتو ۽ لڳڙو هو. "سنڌ وڌارا" اٽڪل ١٣ سال لڳاتار نڪرندي رهي. سوسائٽيءَ هڪڙو سيٽيڪ پروگرام

سرڳ - نگريءَ ۾ هڪ شاعراڻي محفل ۾ پيش ڪيو. پنجواڻي صاحب سهڻي - مهار جي امر ڪهاڻيءَ کي پڙدي تي (شڪل و ٻاني) پيش ڪيو. ڏيک آشا وري ايشور مخلص جو علائقي ناٽڪ پيش ڪري خلق کي کلائي ڪيرو ڪيو. ماستر چندر ۽ ٻلو سي. راڻي ۽ پنهنجي ڪماري رنگ ۾ هوا. تنهن ڏينهن تي سڀني سنڌو نگر ۾ رکيو ويو، جنهن جي جوابداري ترقي پسند ۽ مشهور شاعر ڪرشن راهيءَ تي رکي وئي، جنهن وان سب ڪاميابيءَ جو سهڪاري هو. شام واري سيشن پروگرام ۾ ڏه هزار لوڪ حاضر هوا. سنگيت ۾ شوي رامداڻي، سشي آهوجا، گلشن خالصا ۽ ڀڳون واڌت وڄايا ۽ ڪشن ۽ دوارو جي پڳمت پارٽي، صبوح جو اسر ٿائين، خلق کي جڪڙي ويٺا رهيا.

مطلب ته، سنڌيت جي تحريڪ جڻ اڏام واري منزل تي پهچي وئي هئي. ڪاروان مضبوط قدمن سان اڳتي وڌي رهيو هو. سنڌي ساهت، ڪلا ۽ سنسڪرتيءَ جو پوهڪي گل کڙي رهيو هو. اکل ڀارت سنڌي ساهت سڀان گهرائڻ جو سلسلو سال بسال قائم رهيو، جنهن ۾ ڏاڍيون لاهيون چاڙهيون آيون جنهن جو ذڪر اڳتي هلي ڪبو. پر هت پهچي هڪ ٻئي اوسر جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. ابتي سڀان جي سوچ مان سنڌي ادبي ڪيتر اندر اُمنگ جو وهڪرو اُڀري آيو سنڌيت جي هن وڌندڙ سيلاب کي صحيح ۽ لاڳاپيدار ڏيڻ ۽ هلچل جي آدرش جي چٽائي ڪرڻ لاءِ هڪ مضبوط واڌڻ (گهٽ ۾ گهٽ هفتيوار) جي ازحد ضرورت هئي. ا وقت السلام. ڇيدان ٿار هو. مون ابتي لوڙي سنڌو نگر ج ترقي پسند اديبن، سنڌي هلچل جي شيدائين ۽ ابن گهڻگهرن مڙ ڪوٺايو ۽ هفتيوار اخبار ڪڍڻ جي رٿ هنن اڳيان رکي انهن ٺهي لڳو ڄڻ مون سڀن من جي ڳالهه ڪئي هئي.

منتخبون ڪري، انهن تيار ڪري ورتو هو. گانڌيڌام سمجهان ٿو
سنڌي ۾ گهڻو ڪٽي ويو. ٻنهي ڪمن جو انداز موٽي اسلوب ۾
ارڙهن سؤ نئي وڇي پهتو، وڏيڪ هولنڊ گهٽ ان. ڪارڻ
ظاهر هئا - چئن سالن جي دؤران سنڌي ساهت سمجهان جو ڀالو
ڀارت جي ڪنهن ڪنڊ ۾ پهچي ويو هو، گويا سنڌين جو قومي
ميلو هو. ٻئي طرف گانڌيڌام جو شهر سنڌين لاءِ اڏيو ويو هو.
ڪيترا ئي سنڌي ٻاهر ۽ ٻيرون جلدي سطح تي ان سان
جڙيل هوا ۽ ڏسڻ لاءِ چڪبي آيا هوا. شايد روزگار ۽ وسڻ
جون امڪانون ان ڪري آيا هجن. گهڻي ڀاڳي ته راڄي روپ ۾
گهمڻ جا شوقين هوا - ٽن ڏينهن جو کاڌو پيتو ۽ رهائش مفت،
ريل جي اوڀت موٽ ٽڪيٽ اڌ ڀاڙي ۾، مٿان وري گانڌيڌام!
ٻيو ڇا گهرجي! ٽن ڏينهن جي موج مستي!

ساهت سمجهان کي عوامي روپ ملي رهيو هو، جنهن حقيقت
ڪم ڪندڙن کي اخلاقي ٻل، همت ۽ وشواس پڻ ڏنو. اکل
ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا سنڌين جو هڪ ڪشادو ۽
سنڌي طبقن ۽ عناصرن کي ٻاڪيءَ ۾ ٻڌي هڪ ميدان تي گڏ
ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي رهيو هو. سنڌي جاتيءَ جا ترقي پسند
اديب، ڪن ٻزرگ سنڌي عالمن ۽ ٻين نوجوان اديبن کي پاڻ
سان ڪٽي، هن لئين سڀاڳيءَ جي رهنمائي ڪري، هلچل کي
اڳتي ٻردان ڪري رهيا هوا. هملتاڻين سنڌيت جي هلچل ۾
سنڌي ليکڪن جي هڪ نئين ٽولي اڀري آئي هئي - مالهي، آلم،
ڪيرت، جيڪي جنهن جان سان سنڌي هلچل ۾ ڪم ڪري
رهيا هوا. سنڌي جاتيءَ جي ايڪتري ۽ سنڌي ٻوليءَ ۽ سنسڪرتيءَ
جي سمپورڻ ترقيءَ سان هڪ ارادي سان وچن ٻڌ هوا ۽
سنڌي سرگرمين ۾ چست ۽ اڳرا هوا. انهي ٽولي ڇڏاري قبول
پنهنجي ڇڪي هئي ۽ ڏاڍي عزت ۽ سنهه سان ڏٺي ويندي هئي.

ڪري، انڪل پندرهن هزار روپيا گڏ ڪيا ۽ پنهنجي پرنٽنگ
پريس ۾ وڌي. ڪجهه طور ڪاروبار لوڙي سمپادڪي جوابداريون
منهنجي مٿان هيون، الڳ الڳ وقتن تي گوبند مالهي، پوپٽي
هيرانندڻي ۽ واسديو لعل سمپادڪي منڊل ۾ مون سان
همشريڪ هوا. ڪرشن راهي ۽ ٺڪن پرسواڻي پڻ ڇپرا ڪالم
لکندا رهيا. ذاتي تڪليف ۾ هيڏا سال اخبار هلائيندا رهياسون.
ڪڏهن ته پڇي لاءِ به پيسا ڪونه هوندا هوا، جو مان نهراڻ
آزاد ڪري سوڀيا جي آفيس ۾ موڪلي سندس پگهار مان پيسا
گهرائي وٺندو هوس. اهڙين حالتن هيٺ، سپتاهڪ گهڻو وقت
پاڻ ماري سگهيو! "سنڌ ورتارا" سڏڪي پنڌ تي وڌيو.
پر هلچل جو زور اڃا به رهيو.

انهيءَ سميلن جي دوران ناگپور جي سنڌي سرڪردن
روچيرام ٿانواڻي، ديو ناٿاڻي، امر ڪلياڻي، لڇمڻ داس ايڊاج
ٿين سميلن لاءِ پنهنجي شهر لاءِ دعوت ڏني. سميلن اڳين ڪان
اڳرو ٿيندو ويو. ناگپور ۾ ڊيليگيٽن جو تعداد اٺ سؤ تي
پهچي ويو. مهورت هڪ درويش گانڌيوادي ڀڳوانداس ڪي
۽ صدارت ٻئي گانڌيوادي نارائڻداس ملڪاڻيءَ ڪئي. سڀيتڪ
پروگرام گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل ڏنو، جنهن
ڀڳونتي ناواڻي هڪ لوڪگيت ڳايا. ڳائڪا جي روپ ۾ اڀري آئي
هئي. اکل ڀارت سطح تي اڳين ان سميلنن ۾ اڏيل ڪيل عارضي
ڪاميٽين کي پڪو ڪونه ٻڌو، تنهن ڪري نئين سر عارضي
ڪاميٽي ٺاهي وئي ته جوڙجڪ ٺاهي وٺي. جيري ۽ سرگرم
ڪارڪن اي. جي. اتم کي ڪاميٽيءَ جو ڪنوينر مقرر ڪيو
ويو ۽ جڏهن ۱۹۶۰ ۾ چوٿين اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن
وقت گانڌيڌام ۾ مليا سون ته سنسٿا جي جوڙجڪ جو ڊرافٽ
اسان وٽ تيار هو، ڪاميٽيءَ جي سرگرم ميمبرن جون ا- چ

ياد آهي ته ان موقعي تي پوڙهي هيراننداڻيءَ ساهتڪ ٻيٺڪ
جي صدارت ڪندي اهڙي پرزور، اثرائتي ۽ دلسوز تقرير
ڪئي هئي، جو ڇوڪري "واهه! واهه!" ٿي وئي هئي. مان
سمجهان ٿو ته پوڙهي پهريون دفعو خانگي آکيرو ڇڏي پبلڪ
اڳيان آئي هئي ۽ سندس علميت ڀوڙي تقرير بازيءَ جو
حاضرين تي خوب اثر ٿيو هو. پوءِ هوءَ سنڌيت جي هلچل ۾
گهڻي آئي، زبردست رول ادا ڪيائين، جنهن جو احوال ايندڙ
صفحن ۾ ايندو. ڊيليگيٽن کي ڪنڊلا پورٽ جو پڻ سير
ڪرايائون، جتي بيهي اسان مان ڪيترن پنهنجون نظرون
ڪراچي بندر طرف ڊوڙايون، سنڌ جي ڌرتيءَ جو تصوري
ديدار ڪندي، اکيون اشڪبار ٿيون. ڪلچرل پروگرام ۾
پروفيسر رام پنجواڻي، ٻين شهرن مان آيل ٽولين ۽ مڪاني
ڪلاڪارن خوب ڀاڱ ورتو. ڏهن هزار ماڻهن جي اڳيان جيڪو
مشاعرو ٿيو، سو اڄ به يادگار آهي. ڀارت ۾ جيڪي به ڪلاڪار
ٽوليون اڳتي هلي مشهور ٿيون، سي گهڻي ڀاڱي سنڌين جي
پناهگيرڪئمپن تان آيون ۽ اُسريون هيون.

گانڌيڌام سنڌين جي وڏي ۾ وڏي حاصلات اها هئي، جو
اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا جي نالي سان آل انڊيا
سنسٿا استاپت ڪئي وئي. تيار ڪيل مسودو، ٿورو ڦيرو ڪري
ڊيليگيٽن جي اڪثريت مت سان پاس ڪيو ويو. سڀا جون
چونڊون پڻ ان پاس ڪيل وڌان جي بنياد تي گهڻي ڀاڱي
بڪراءِ ٿيون. سڀا جو پهريون چونڊيل پرڌان، پروفيسر ايم. يو.
ملڪاڻي ۽ پهريون چونڊيل سيڪريٽري اي. جي. اُتم ٿيو.
ٻيا عهديدار ۽ ڪاميٽي ميمبر به، اڪثر عالم ۽ اديب جدا جدا
شهرن مان کنيا ويا. هلچل کي اکل ڀارت سطح جو روپ ۽
اختياري ملي وئي. سڀا جو مکيه اُديش ۽ اهم مدو، سنڌي

انڪل ويهارو سال ٿوريءَ جو اهو مضبوط ڳنڍ هلچل لاءِ وردان
ثابت ٿيو. پوءِ آهستي آهستي آءٌ پنهنجي ڪڙي سڀ، ...
هلت ۽ انتهاپسند رخ سبب ڪيترن اديب دوستن ۽ ٻين ڪم
ڪندڙن کي وڃو آهستي آهستي ناراض ڪندو، جيڪي
هلچل کان پري ٿيندا ۽ ٿوريءَ ثابت غلط الزام ڪيلندا
رنجش طور پاسيرا ٿيندا ويا. ان ڪنهن وقت آءٌ پڻ غل
پاولا ۽ غصي ۾ اچي سيا ۽ هلچل کان الڳ ٿي ويو. جنهن کي
ان انڪل ويهارو سال ٿيا. هن قصي ثابت اڳتي هلي وڌيڪ
احوال ڪبو.

گاندي‌ڀڳوان سنڌين پڻ ڪيترين ڳالهين ۾ نرالو ثابت ٿيو. ان
صرف تعداد جي لحاظ کان هندستان ٿيل سنڌين ۾ وڏي ۾ وڏ
هو، پر رهائش لاءِ پڻ سڌ و رستيمت ڪاروبارن جا ٿيرا
پڪلا کولي ڏنا اٿون ته ان آرام سان رهڻ ۽ ڪاڏي لاءِ
ڏيکيون انهن ئي لٿون، جن هڪ ئي وقت ڏهاڪو ڇپون اچ
لٿون هيون. سنڌين جو ادگهاٽن مشهور گانڌي‌وادي وڊ
ڪاڪا ڪاليلڪر ڪيو، جنهن سنڌي جاتي، سنڌ، ڀاشا ۽ سنڌ
جي ڳڻن جي ساراهه ته ڏاڍي ڪئي، پر ديوناگري لپي اپنائڻ ج
چوچڙي لڳائي ڇڏيائين، پر ڪو گهٽو گوڙ ٿيڻ ڪري ڪوڙ ٿيو
ڳالهه ڇٽي، ٽٽي، وساري ويٺي. هڪاري خانگي طور اس
مان ڪن ڪيس ڇيو ته پڙهان ته اوهان گجراتي ڀاشا لاءِ ديوناگ
لپي اپنايو. اوهان کي ته اکرن جي معمولي ڦيرڦار ڪري،
متان لپ ڏيڻي آهي. ڪاڪا صاحب ڪاوڙجي ويو. چ
مان ته گجراتي لپيءَ جي هڪ ماترا ۾ ڦيرائڻ لاءِ تيار نه آه
ته پوءِ ڇا سنڌي ڀاشا صدقي جي اڪري آهي؟ هيءَ ته
"ڏو جهان متيان ڏيوي" واري ڳالهه! پروفيسر المر. لو. مل
سنڌين جي صدارت ڪئي ۽ هڪ شهاڻو ڀاشڻ ڏنو. مون

سو هتان جي نوڪريءَ ڪانپوءِ، ٽيوشن جو بوجو به لاهي ڦٽو ڪيو هوم.

ڀاءُ ۽ ڀيڻن جي شاديءَ ڪانپوءِ اسان پنهنجو ڌار آکيرو اڏڻ جو سوچيو. پر گهر لاءِ جاءِ ڪٿان ملي؟ اهڙي ڏراوت به هئي ڪانه. شادي به سڪي پڪي ڪئي هئيسين. وڏا قرض کڻڻ جي به توفيق ڪانه هئي. پر هڪڙو سائينءَ جو سڌوارو ملي ويو. سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ هڪڙو همڪار شولداس ڪشترياڻي، شري ڏيرداس جو سؤٽ هو، جيڪو جاگرافي وشيه ۾ ڀڙ هو، اسان جو مددگار ٿيو. در اصل پاڻ ۾ ملي، اسان هڪڙو جنرل ناليج جو ڪتاب تيار ڪيو هو. هن سڀ انگ - اکر، حقيقتون ۽ اهم احوال گڏ ڪري مسودو تيار ڪيو هو ۽ مون کي ڏنائين ته مان ان کي سُڌي ٺاهي، ٻوليءَ کي تراشي، رٿائتو بڻائي ڪيس ڇپائي ڏيڻ ۾ مدد ڪريان. ڪتاب جي ڇپائيءَ جو خرچ هو ڀريندو، ڪتاب تي ٻنهي جا نالا همشريڪ ليکڪن جي حيثيت ۾ ايندا، فائدي ۾ اڌ حصيداري ٿيندي. ڪتاب ان زماني ۾ (١٩٥٣ - ١٩٥٤) سنڌيءَ ۾ پهريون ئي اهڙي قسم جو ڪتاب هو ۽ عام پسند پيو. ڪيترن اسڪولن ۾ شاگردن کي خريد ڪرڻ لاءِ سفارش ڪيو ويو. اسان کي ڪو گهڻو آسرو ڪونه هو، جو قيمت تمام واجبي رکي وئي هئي. مراد هئي ته سنڌي شاگردن ۾ عام فهم علم لاءِ چاهه پيدا ٿئي. شولداس سان ڏاڍو قرب جو ناتو پڪجي ويو هو. پنهنجو ويجهو ساٿي ۽ همڪار سمجهي پنهنجي مشڪلات جو ذڪر ڪيم. سچ پچ عام ڪهاوت وانگر هو منهنجي لاءِ ”فرشتو“ ٿي آيو. چيائين: حال في الحال تون پنهنجي لاءِ هڪڙي ننڍي مسواڙي جڳهه وٺ. ان بعد گهر ٺاهڻ لاءِ شروعات ۾ رڳو ضروري گهرال چيزون خريد ڪري پوءِ آهستي ڪري ٺاهيندو وڃجانءِ. پاڻ ئي پنهنجي

ٻوليءَ جي تعليم لاءِ جدوجهد ڪرڻي پيو. انهيءَ سال ۾ (١٩٦١) سڀا طرفان سنڌي ٻارن ۾ سنڌي ٻولي تعليمي ڏينهن ملهائڻ جو سڏ ڏنو ويو، جنهن سنڌي ٻارن ۾ ايڪ سڀائن، سنسٿائن، پنچائتن ۽ مدرسن طرفان ملهايو ويو. سوين تارون ۽ ٺهراءُ ٻارس جي پردان منتري ۽ راشٽرپتيءَ جي دفترن ڏانهن موڪليا ويا. سڀا گويا سنڌي ڀاشا جي تعليم جي جدوجهد هلائڻ جو اهڙو ڪيو.

هتي پهچي مان وري پنهنجي خانگي زندگيءَ طرف موٽان ٿو. مون اڳواٽ ئي چيو آهي ته— منهنجي جيون ۾ ٻن ٿي ساڳئي وقت هلي رهي آهي. هڪ طرف آهي سنڌي جاتيءَ جي الڳ هستي ۽ ان جي سڃاڻپ ورثي کي قائم رکڻ ۽ وڌائڻ جي جدوجهد، ٻئي طرف آهي، منهنجي ذاتي شخصي جيون، جنهن کي مان جيڪر ان ٻن ڀاڱن ۾ ورهايان — هڪڙو آهي گرهست جو حصو، جنهن ۾ گهر ۽ ٻارن جون جوابداريون وغيره اچي ٿيون وڃن. ٻيو آهي، منهنجو نوڪري ادا ڪارڻ. گرهست جي ميدان ۾ مان ڏاڍو نصيب وارو آهيان. سوڀاڳ، منهنجي سچي معنيٰ ۾ اڌ - شريري، جيڪر اڃا به اٿمن چوان ته اڌ کان به وڌيڪ حصيدار آهي. ٻن پٽن ۽ هڪ ڌيءَ جي شادي ٿيڻ ڪالهوڻ سندس من هلڪو هو. جوابداري پوري ڪرڻ جو سنتوش به کيس خوشي ڏيئي رهيو هو. ان وچ ڪيس مشهور انگريزي ڪمپني برماشيل ۾ ڏري گهٽ ٻن سون روپين ٿي ماهوار جي نوڪري ملي وئي هئي، جڏهن ته مون کي گرانٽيونيٽ جي، ماستريءَ ۾ پگهار هئي هڪ سو چاليهه روپيا. پر اها منهنجي پسند هئي، ڇاڪاڻ جو ماستريءَ ۾ مون کي گهڻي ۾ گهڻو وقت ڪارڻ ڪرڻ لاءِ ملندو هو. اسڪول صبح جو چار ڪلاڪ ڪن هلندو هو ۽ سڄو ڏينهن مان آزاد هوس.

ٻارهن ۾ ٽي وڳندا هوا. سوئيا گهٽو ڪري چوندي ڪجهه نه نه هئي. پر سندس رنجش لڪي ڪانه سگهندي هئي، جيڪا ڪڏهين ڇاڪي ٿيندي هئي ۽ وڌ ۾ وڌ منهن سڄائي وهڻ ۾ اظهار پائيندي هئي. هوءَ منهن ٻئي طرف ڪري سمهي پوندي هئي. رڳو ڇڪي چالي سان لائيٽ جي ڏار هوندي هئي. غصو اِرف والگر رجي ويندو هو. ٿورا ڏينهن خيال رکندو هوس ۽ گهر جلدي پهچي ويندو هوس. پر جڏهن ڪارنه سان مان جڙيل هوس، تڏهن ۾ اوٻر سوٻر جو نه هر وقت امڪان رهندو هو. رسڻ - پرچڻ جو سلسلو ۾ هلندو ئي رهندو هو. سونٽا منهنجي هڪڙي ڳالهه - ڏار سان اچڻ ٿي، روسامو ڪندي هئي، پر اسانجو پاڻ ۾ هڪڙو ٿاهه هو نه ٻارن کي اصل نه خبر پئا سٽس ان ٻوڻ گهرجي نه سندن، ماءُ پيءُ پاڻ ۾ رٺل آهن. ڪڏهين ڪ ۾ - ٽي ڏينهن نه روسامو هلندو هو، پر ٻارن کي مجال جو سٽس پوي! ايو ٿاهه لهو نه ڪري ڇڏيواسين نه "رات گذري، ڳالهه گذري". زندگيءَ جو وڏو ۽ پيچيدو سفر اهڙي سندر منتر سان انهايت ڪاميابي ۽ مڙرا سان گذرندو رهيو آهي. اهو منتر اسان اين ڪيترن ٻارن منتر کي نه جيون جي گاڏي هلائڻ لاءِ ٻئي لجواز ڪيو آهي.

ٻئي طرف سونٽا منهنجو سچو جيون ساٿي هئي. ٻارن جو اهترو خيال رکندي هئي، جو اهڙو ڪو اوزار ئي ايجاد نه ٿيو آهي، جنهن سان انداز لڳائي سگهجي. جڏهن نه ڇنڇر آهي، پيت ڪوري ڪارائجي، انڪل اهڙي ڪار هئي. ڪيترا سال نه، ٻهراڻ اسان کي ڪارائي، پوءِ ڏينو سچو پاڻ ڪائيندي هئي؟ جان کي ۾ حصو الڳ ڪيو ڏيندي هئي. منهنجي لڳاتار جهڳڙو ڪرڻ ڪانپوءِ مس گڏجي ٽيبل تي ويهي کائڻ لاءِ رضامند ٿي هئي. پوءِ ۾ ور ور، ڪاڏو اسان جي ٻلين ۾ اوليندي

گهر جي آسپاس هڪڙي شڪارپوري ڪٽنب کان سندن فليٽ
۾ ٻه ڪمرو ٽڪاڻو، سؤ روپيا ماهوار مسواڙ تي ٻارهن مهينن
لاءِ ورتي ڇڏيائين. اسين ٻاندرا واري گهر مان هڪ لوهي پيٽيءَ
۾ پنهنجا ۽ ٻارن جا ڪپڙا، فراسيءَ ۽ ٻه-ٽي ٿالهل لٽيو بسترو،
سوٽا جي سبڻ جي مشين ۽ ٻه ٻٽ، الوپ ۽ ارون کڻي اچي
انهن گهر پهتا هئاسون. ٿوري وقت لاءِ، دوستاڻي قرض جي
ٻه آڇ ڪيائين. سوٽا ۽ مون صلاح ڪري اٺ سؤ روپيا اڌارا
ورتا، جنهن مان اسان گهر جو سڀ فرنيچر، رڌڻي جو سامان،
پنهنجي لکڻ لاءِ ميز ڪرسي ۽ آرام لاءِ آرام-ڪرسي ٻه ورتي.
هر مهيني پنجاه روپيا قرض جي قسط ڏيڻ جو واعدو ڪيم. هن
چڱي مڙس خوشيءَ سان اهو پرپوز قبول ڪيو.

سوٽا گهر جو مڪان پنهنجي هٿن ۾ کڻي ورتو. مان سچ پچ
جنهن اصطلاح آهي، ڪک ڀڃي ٻه ڪونه ڪندو هوس. هوءَ ئي
ٻه ٻار سنڀاليندي هئي، جن ۾ هڪ ته کير پياڪ ٻار هو. سندس
جي ڪاڏي پيٽي جي سار سنڀال ٻه لهندي هئي، جنهن ۾ جان
ٻالي هڪ ايماندار ۽ هڏ ڏوکي گهرو نوڪر سندس مددگار هو.
مان صبوح جو ستين اڌي اسڪول لاءِ نڪرندو هوس. منجهند
جي ماني ٽفن ڪئرئير رستي اسڪول ۾ گهرائيندو هوس.
گهڻو ڪري ٽهلرام آزاد ۽ مان گڏجي کائيندا هئاسون. ڪلاڪ
ٻه پنهنجي ڪلاس جي شاگردن جي مضمون نويسيءَ کي درست
ڪرڻ ۾ لڳائيندو هوس. پوءِ آلي ٽي ڪرسيءَ تي هڪڙو
جهونو ڪاني، سندو آرٽ پريس ۾ پهچي ويندو هوس، جتان
سنڌ وڏارا هفتيوار اخبار شايع ٿيندي هئي. پريس اسان جي
ٻن مترن ۽ سنڌي شيداين - ليکڻ ساٿي ۽ جئرام جيسنگهاڻي
پائيواريءَ ۾ سنڌي هلچل کي هٿي ڏيڻ لاءِ شروع ڪئي هئي
ڪافي دير سان گهر پهچندو هوس. ڪڏهن ته راس جا ڏهه

ميمبرن ۽ سنڌيت جي هلچل جي حاملن ۾ سونيتا جو يوگدان مون کان به سرس ليکڻ گهرجي.

دائما طور ٿاڻيڪو ٿيڻ ۾ اسان کي پورا ست سال لڳي ويا. پهرين ۾ ٻارهن مهينن جي گرانٽ لاءِ گهر مليو هو. مڪان مالڪ مدو وڌائڻ لاءِ تيار نه ٿيا ۽ ٻئين جڳهه جي تلاش شروع ٿي. فورٽ الراضيءَ ۾ هڪ ننڍڙي کوٺي، رانديءَ جي سهوليت سان اسي روپيا ماهوار مسواڙ تي ملي، جتي ٻه ٽي سال رهي، وري ڪيترا ڀٽڪياسون. وري ڇڏيا. هاڻي ڪولهواڙا ۾ سنڌو سيوا سميتي نگر ۾ اچي داخل ٿياسين، جتي ٽي سال بيرڪ ٽائيپ منگلوري سرن جي ڇت هيٺان ڪاٽياسون. هڪ دفعو وري، ٿوري وقت لاءِ باندرا واري جاءِ ۾ ٽڪياسون. پوءِ مهاراشٽرا سرڪار جي هائوسنگ بورڊ جي جڳهين جي الائيمنٽ ۾ اسان جو به نالو لڳو، ورليءَ ۾ اسان کي فليٽ ملي، ٻن ڏهن سالن جي تڪليف ڪاٽيوسين. سونيتا جي پنهنجي نالي جڳهه لاءِ ڏاڍي دل هئي، سا بيحد خوش ٿي.

١٩٦٠ ڌاري، تخليقي ادب ۾ مهنجي ڪا گهڻي دلچسپي ڪانهي. ڪي ڪهاڻيون لکيون هيم، جيڪي سنڌي ساهت منڊل جي ادبي ڪلاس ۾ پڙهندو هوس، جن کي سهڻي آڌرڀاءُ ملندو هو. "هوءَ" نالي سان مهنجو پهريون ڪهاڻين جو ڪتابڙو ١٩٥٦ ۾ سنگم ساهتيه طرفان ڇپيو هو، جنهن ۾ مهنجون سنڌ ۾ ڇپيل ٻه ڪهاڻيون - "چانڊوڪي جا چور" ۽ ڪتاب جي سر واري ڪهاڻي "هوءَ" به شامل ڪيون ويون هيون. ان عرصي ۾ مان پڻ، ٻن ٽن مخزنن / اخبارن سان جڙيل رهيو هوس، جن کي به گهڻو وقت ۽ ڌيان ڏيڻو پوندو هو. "نئين دنيا" ماهوار ۽ "سنڌ وڏارا" هفتيوار جو به اڳواٽ ذڪر اچي چڪو آهي.

رهندي هئي. سندس دليل بازي اها هئي تہ. سندن ٻڙواڙ
اها روايت هئي تہ، پهرين مرد ڪاٺي بت ٺاهڻ ۽ وڻ زالون
ڪاٺيندا هون. چوائس : تہ. اها پٺڻن جي گهر جي رات هتي تہ
هلندي. ٻيءَ ڪيائس تہ. سياڪ غصو اچيس، پر آهستي
آهستي اِها رات ٻدلائي ورتيس. تنهن ڪاسواءِ اسان ڪي
جنڪي ڪهي، سو هتن لي حاضر! الفاق سان مڪ، لي ڪنهن
چيز جو نالو اچي وڃڻ هو تہ، آفيس مان سڌو ڪرافورڊ
مارڪيٽ ٻا ڪولابا پهچندي هئي ۽ شام جو اها چيز اسان جي
هتن ۾ هوندي هئي. سڀ ڪان وڏي ڳالهہ اها هئي تہ. هلڇل
۾ ڪم ڪندي، ڪڏهين ڏوڪڙن جي ضرورت پوندي هئي
طلب ڪندو هوس تہ لڪائيندي ڪانہ هئي. مڙي چوندي
ڪيي، آٺي همت لي رکندي هئي. اگر وٽس لڪايل مال نہ
هوندو هو (عورتن وٽ گهٽو ڪري ڳجهو پيسو هوندو آهي)
تہ ٻوءِ آفيس جي سهڪاري سوسائٽيءَ مان قرض کڻي اچي. مون
کي ڏيندي هئي. مون کي هلڇل لاءِ جنڪو پيسو ڏنائين، سو
وري موٽائڻ وارو تہ هوندو ئي ڪونہ هو. اڄ بہ موٽڪي ڏورا
ڏيندي آهي تہ: مون توکي هيترا هزار قرض وٺي ڏنا، پر
تہ هڪ پائي بہ ڪانہ موٽائي. باقي ٻئي ڪنهن بہ ڳالهہ جي
شڪايت نہ ڪندي هئي. اها حقيقت آهي تہ، اگر مون کي
سوٽا ٻئون سانت نہ ڏئي ها ۽ ساڳئي وقت هوم فرائض
سنڀالي رکي ها تہ چاليهارو سالن ۾ مون جنڪو بہ لوڙو نما
ڪم، پنهنجي حاليءَ جي حق ۾ ۽ همت ۾ ڪيو آهي، سو ڪر
مون لاءِ بالڪل ممڪن نہ ٿئي ها. ڪنهن بہ قسم جي ٻرابالي
فڪر ٻا تپ مون کي ڪڏهين بہ ڪين ستايو. ڪڏهين
اهڙي طلب يا شڪايت تہ ڪيائين جا منهنجي من کي منجهائي
يا ذهن کي جهولجهائڙي ڇڏي. منهنڪري مان تہ، الل

هلائي، سنڌ ۾ پڙهندڙ لوڪ ڪهاڻيون قلمبند ڪرڻ لڳس. ڇهه اٺ ڪهاڻيون ته مون ٽي ٽري آيون، جيڪي لکي ورتم ۽ سنڌي مخزن، خاص طور ”نئين دنيا“ کي، اشاعت لاءِ ڏيندو هوس. ڪن دوستن کان ڪهاڻيون ٻڌائي وٺندو هوس. جي دل کي لڳي ٿي، ان کي پنهنجي ذهن ۾ ڪڙي ڪندو هوس ۽ ساڻن ستيءَ سان لکي وٺندو هوس. پوءِ ٿاراڻي پارلي اڻهن سنڌي لوڪ ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائڻ جي اڇا ڏيکاري. مون ڪيس ڪهاڻيون ۽ لوڪ ڪهاڻين تي لکيل مهينجو هڪڙو جيرو مقالو به ڏنو، جيڪو مهاڳ طور هن ڪم آندو ۽ ”آپول راڻي“ جي نالي سان سنڌي ٽائيمس طرفان مجموعو ڇاپي پڌرو ڪيو.

سنڌيت جي هلچل هن صديءَ جي پهرئين واري ڏهاڪي کان شروع ٿي هئي. جنهن اڳواڻن ذڪر ڪيو ويو آهي، سنڌي ادبي هلچل ۾ ترقي پسند اديبن جو گروهه پڻ ڪل اڳرو ۽ سرگرم هو، انهن ڪري هلچل جي رهبري ۽ اڳواڻي به ساڻن هٿ ۾ هئي ۽ سنڌي اديبن جي ترقي پسند تنظيمن جو زور ۽ اثر نمايان هو. پر اها حالت گهڻو وقت برداشت نه ٿي سگهي. ان جو ظاهري ڪارڻ گهڻي پاڪي نظرياتي منتشر هوا. ترقي پسندن جي مارڪسوادي وچارن کان کي اديب خفي هوا. انهن نه چئي سگهجي ٿو ته پڌظن هوا، ڪٽر ورودي هوا. بيو ڪارڻ ٿورو حسد ۽ شخصي ضد به هو. اديب بنيادي طور انفراديت پسند آهن. ادبي ڪيتر ۾ ڪنهن گروهه جي اڳواڻي مڃڻ لاءِ هو تيار نه هوا، جيستائين اها اڳواڻي نطريڪ جي سلسلي ۾ هئي ۽ جماعتي سطح تي هو مڪمل پد (جنرل سيڪريٽري) جهڙي سنستا جو ڪاروبار تمام چست نمونوي ۽ قابليت سان نڀائي رهيا هوا. بيو گروهه، جنهن ۾ وري الڳ وچارن ۽ ورتن جا ليکڪ هوا، جن جو وستار پوءِ ٿو ڪريان،

انهن ڪانسواءِ سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ مون "جوت" نالي ماهوار مخزن جي ڇپڻ شروعات ڪرائي هئي، جنهن لئين اسان ۾ ساهتڪ سوجهه ۽ ذائقو پيدا ٿيو. ليک، ڪهاڻيون، ڪوتائون، چرچا، پرولیون وغيره گهڙي ڪري ڇاپڻ ڪان ڏيئي، همٿائي لکائيندو هوس، معمولي سڌارو ڪري سنڌن ئي نالي ۾ شايع ڪندو هوس. "جوت" مان مليل اُتساهه هيٺ ڪيترائي شاگرد، ادب شناس بڻيا. انهن مان هڪڙو شاگرد، جو مون کي خاص ڌيان ۾ اچي، جيڪو اڄ هڪ برک سنڌي شاعر آهي، سو آهي واسديو نرمل. ٻيا ٻه شاگرد ٻه ڪافي اڳتي وڌي آيا هوا. اهي منهنجي دادلاڻي شاگردن جي جوڙي هئي - ڪوڙن لالاڻي (قلمي نالو ڪوڙن ڇاٻا)، رام ايلاڻي (قلمي نالو رام دلبر) جيڪي ٻئي ڏاڏي ۾ هليا ويا. هنن سان قرب جو رشتو اڄ تائين قائم آهي. "جوت" جي سمپادڪي ڪندي، منهنجو چاهه لوڪ ڪهاڻين طرف ٻيهر ڇڪجي ويو. ڪڏهن ڪڏهن ڪا دلچسپ ۽ نصيحت آميز ڪهاڻي ترجمو ڪرائي جوت ۾ به ڏيندو هوس. هڪڙي ڏينهن مون "هندواسيءَ" جي سمپادڪ مالسنگهه چوهڙمل سان ويچار ونڊيو ته مون وٽ ڀارت جي جدا جدا پرديشن ۽ ٻين جدا جدا ديشن جون، چونڊيل ڏاڍيون وندرائيندڙ ۽ عبرت انگيز لوڪ ڪهاڻيون آهن، جيڪي هندواسيءَ جي ٻالڪن لاءِ چٽڪيدار ۽ روچڪ ڪالو ميسر ڪنديون. کيس ويچار وڻيو. مان هر هفتي ڪنهن نه ڪنهن ديش جي يا ڀارت جي ڪنهن پرديش جي هڪ سنڌ لوڪ ڪهاڻي ترجمو ڪري کيس ڏيندو رهيس. اٽڪل ڏهه مهينا اهو سلسلو هليو. ٽيهارو کن ڪهاڻيون ٿي ويون، جو ڇپجي ويون. ٻين ٻولين جون لوڪ ڪهاڻيون پڙهندي، منهنجو چاهه سنڌي لوڪ ڪهاڻين طرف ويو. پنهنجي ذهن ۾ زور

جيڪا سالياني رپورٽ پيش ڪئي، جيڪا رپورٽ گهٽ، ترقي پسندن تي سياسي ۽ شخصي حملو وڌيڪ هو. گوڙ مچي ويو. اسان رپورٽ پاس ڪرڻ نه ڏني ۽ ڇهڙي رساڪشي واري ماحول مان نجات پائڻ لاءِ ترقي پسند گروهه وارا، سنڌي ساهت منڊل ڇڏي آياسون. موهن ڪلپنا، سگن آهوجا ۽ ٻين اديب دوستن ساٿ ڪن، ادبي گڏجاڻين جو سلسلو جاري رکيو، پر اُن ۾ ٻه - چار اديب مس شامل ٿيندا هوا. سگن آهوجا جي صلاح تي هن هڪڙو ٺهراءُ پاس ڪري، مون کي موڪليو ته سنڌي ساهت منڊل ٻيهر اوهين کڻو ۽ هلايو. اسين منڊل ۾ وري موٽي آياسون. اسين چونڊن ۾ منڊل جو پرڌان مان ٿيس ۽ لال پشپ جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو.

اُن سلسلي ۾ هڪ ٻي حقيقت جو به ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. سنڌي ليکڪن جي الهيءَ انتشار ۽ جهڳڙي، هڪ وقت تمام اگرو ۽ انتهائي روپ اختيار ڪيو هو. ١٩٦٠ جي ڀيڙيءَ ڌاري هري موٽواڻيءَ هڪ سٺو، معياري ادبي رسالو شايع ڪرڻ جي مراد سان ڪونج نالي سان ماهوار مخزن ڪڍڻ جو ويچار ڪيو. جنهن لاءِ هن پرک شاعر سگن آهوجا کي سمپادڪيءَ جي آڇ ڪئي، جنهن صاحب وري ڪيس موهن ڪلپنا جو نالو تجويز ڪيو. هري موٽواڻيءَ تصديق ٿيو ڪري ته موهن ڪلپنا جون لکڻيون ڪيس وڻنديون هيون، تنهن ڪري هن خوشيءَ سان اها تجويز قبول ڪئي. موهن ڪلپنا پاڻ سان گڏ گني سامتاڻيءَ ۽ راجن چاولا کي پڻ سمپادڪي منڊل ۾ شامل ڪيو. مهورتي پرچي ۾ هن پنهنجي ليکي ۽ رسالي جي آدرش جي پڌرائي ڪري، انهن ظاهر ڪيو ته هو ادب ۾ نين ڌارائن ۽ نون ليکڪن کي اظهار جو وجهه ڏيندا. ادب ۾ هڪ هٽيءَ کي ٽوڙيندا، وغيره. پر ”ڪونج“ جڏهن ٿي اڳتي

اها حڪومت قبولڻ لاءِ تيار نه هوا. اهو هڪ ڪارڻ اهو به هو
جو ترقي‌پسند ليکڪ راجنيتي طور ڪميونسٽ پارٽيءَ جا طرفدار
هوا، جا ڳالهه انهن حالتن هيٺ هضم ٿيڻ ڏکي هئي ۽ اها به
حقيقت هئي ته ”نئين دنيا“ جيڪا أن وقت ايم. جي. ا
شخصي بنياد تي هلائي رهيو هو، انهن جي شخصي وهنوا
۽ ”نئين دنيا“ طرفان ڇپيل ڪجهه واد وواد ليکڪن ب
اديبن ۾ رنجش پيدا ٿيڻ جو ڪارڻ ٿيون. ڪانگريسي نوڙي
آر. ايس. خيالن جا طرفدار ليکڪ، ترقي‌پسندن خلاف
راجنيتي نقطي نظر کان حملو ڪندا رهيا. ٻيا ڪي وري هلڪي
۾ ترقي‌پسندن جي هڪ هٽيءَ خلاف آواز بلند ڪرڻ لڳا ته
نيان وري ”نئين دنيا“ جي هڪ پرچار ۽ پاليءَ واري اک
جو کنڊن ڪرڻ لڳا. مطلب ته پنجاه واري ڏهاڪي جي پوئين
اڌ کان اديب ٻن ڌڙن ۾ ورهائجي ويا هوا. مثبت اڏا وڌي
ويا هوا، جو ٻن ڌڙن جي وچ ۾ ڪلهو ٽڪر ٿيو. پهرين أه
ٽڪراءُ اهميت جي سنڌي ساهت مثال ۾ ٿيو. هڪ ڳالهه اها
به هت چٽي ڪري ڇڏيان ته ايءَ ڌر جي اڳوالي هڪ ب
نوري ڪري رهي هئي - موهن ڪلپنا، ڪنو سامتاڻي ۽ لال
پشپ، جن سنڌي ادب ۾ ترقي‌پسند ويچارڌارا کان هٽي، نئين
جديد ڌارا جو آغاز ڪرڻ جي دعويٰ ٿي ڪئي. ان ڏکهي اس
۾ وچڙ جي هتي گنجائش ڪانهي. مثال جي نئين سال جي
(١٩٦٠) چونڊن تان رڳو مٿو. اسان آمر کي جنرل سيڪريٽري
جي عهدي تي اڀهاريو. موهن ڪلپنا ۽ ٻين گڏجي آمر جي
خلاف لوڪداد چونڊ کي اڀهاريو، جيڪو سنگهه (آر. ايس
ايس.) جو جنرل سيڪريٽري هو. چڱي چڪتاڻ ٿي. چونڊي، أل
کان هڪ ووٽ تي کٽي ويو. مثال ۾ دن ادن ترشي وڌندي
رهي. ٻئي سال لوڪداد چونڊي، سيڪريٽريءَ جي حيثيت

هنن ٻنهي ڳالهه مڃي. "ڪولاچ" مان هٽ ڪيائي ويا. ان ڏينهن کان هري موٽ واري "ڪولاچ" سڏيالي آهي، جيڪا اڳين کان اڳري، اڄ ٽيهن سالن کان به مٿي عرصي لاڳين، باقاعدي هلندي رهي آهي. تمام سٺو ادبي معيار قائم ڪيو اٿس، مختلف ويچارن جي اديبن کي پنهنجن صفحن ۾ جاءِ ڏيندي رهي آهي.

باقي هڪ ڳالهه "ڪولاچ" جي شخصي ۽ واد وادي لکڻين کي جائزو وٺندي، پنهنجو رد - عمل ظاهر ڪندي، مون "سنڌو دارا" ۾ هڪ ليک لکيو ۽ ڏک جو اظهار ڪيم: هن قسم جي "غير سائنٽفڪ، اٽو ٽندڙ، شخصي، سواد خراب ڪندڙ ۽ غلط" لکڻين مان ڪو به لاڀ ڪو نه ٿو پوي، هيڪاري شخصي ساڻن ٿوري ادب کي نقصان ٿو پهچي. ان ليک تي موهن ڪلپنا ٽپي باهه ٿي ويو. ترقي پسندن، خاص طور تنوير عباسي، اياز، ڪيرت خلاف "سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش" نالي هڪ سؤ سٺ صفحن جا ڪتاب لکيائين، جنهن ۾ اسان کي خوب چوهه چنبڙيائين. ڪيترائي غلط - صحيح ڳالهيون ڪيائين، اسان ٽنهي تي طنزي مذاق به ڪيائين، اسان کي "ڏڏڙ ۾ ليٽڙيون پارايائين"، (رڳو زباني طور). اسان ان تي ڪو به رد - عمل ظاهر ڪو نه ڪيو ۽ اها به حقيقت آهي ته پنجن - انهن سالن کان پوءِ موهن ڪلپنا به ٿڌو ٿي ويو. اينگري ينگ مين جي ڪاوڙ ونڊجي وئي. ترقي پسندن کي وڌي ويجهو آيو. خيالن جا متڀيد به تمام گهٽجي ويا. هيڪاري ڪلپنا ڪارل مارڪس جي فلسفي جو پوسٽمارٽم ڪيو، خود ڪميونسٽن کي به همدرديءَ ۽ ويجهائيءَ جي نظر سان ڏسڻ لڳو. ان بابت وري پوءِ ٿا ڳالهايون.

ان ڏينهن ۾ ويچار ڌارائن جو اهو ٽڪر اڳتي هلي، اميتيءَ

قدم وڌايا ۽ ڏوهپسندن تي حملا شروع ٿي ويا. سندن خلاف
سخت ڪلاس ۾ ٿي ۽ سمپادڪي ليکن ۾ ڪين زهري نانگـ
پلاڻ سان مشابهت ۾ ڪئي ويئي، انهيءَ قدر جو مٿن پراڻو
غداريءَ جو لقب به لڳايو ويو. ادب ۾ ولهارن جا مختلف نـ
سڀاوڪ آهن ۽ پل ڪهڙي به ڪڙي يا سخت لفظن ۾ اظهاري
سگهجن ٿا، پر هن نمولي شخصي چاهون ۽ غير ساهتڪ اظهار
۽ مرڳوئي ادبي فضا کي بگاڙي رهيو هو. ڪيترن ئي سچائي
شعوري ادبين کي هن نمولي جون لکڻيون ناگوار ۽ ذاتي
خراب ڪندڙ لڳيون. هن سڌي نه اشتدي نموني پنهنجي
ناراضگيءَ جو اظهار ڪيو. ايڪ خط مون ڪلپنا کي لکيا ۽
۽ سخت اعتراض ورتو ويو. مون ڪلپنا خود، واٽ وٺندي
مون کي هڪ ڏينهن گڏيو ۽ پنهنجي چيائين: توهان جي ساراهه
۾ جيڪي خط مهنجي فائيل ۾ آهن، سي جي پڙهو ۽ اوهان
کي خود، پاڻ تي حيرت ٿي ويندي. مون کين چيو: پوءِ اهو
ڪافي سبب نه آهي، ۽ تون پنهنجي عمل تي وري نظر ورائي
ڏسين. ٿورو ڏينهن چيائين: اسان جي ساراهه ۽ پڌرائيءَ ۾ ا
ڪوڙ خط آيا آهن. مون چيو: ڪولمبو جي هڪ پرچي ۾ سڪينڙ
خط ڪٽي پاڻ کي انعام ظاهر ڪر. مفڪي هليو ويو.

ڇهن - ستن پرچن ظاهر ٿيڻ کان پوءِ انهيءَ مخالفت ۾
ويئي، جو هري موٽواڻيءَ کي ڇوٽو پيو ته. مون رسالو اوچ
معيار جي ساهتڪ رچنا لاءِ شروع ڪيو هو. هن قسم جي مو
۽ واد وواد سان مهنجو پروگرام ڪونهي، جنهن ڪارڻ ڪ
مهنجا ويجها متر ٿي ناخوش ٿي رهيا آهن. آڄ ڪمالدين ن
ڇهن - ستن مهنن جو حساب ڪتاب مون کي ڏنائين، "ڪولمبو
جو رسالو اوهين ڪڍو، ۽ سمپادڪي منڊل کي سخت
جوابدارين مون کي ڏنو ۽ مان هليا ويا. مڪاري اوهين آه

ڳايا، جو پڙهندڙن مان ڪيترن جي اکين ۾ آنسو تري آيا هوا. مشاعرو ان ئي ڏينهن سنڌي ٻوليءَ جي اسيمبليءَ لاءِ ٺهراءُ پاس ڪيو ويو. لالسنگھ اجواڻي سڀا جو پرڌان چونڊيو ويو هو.

۱۹٦٤ ۾ سڀني سنڌين وقت ڌرين جي ٽڪر اگرو روپ اختيار ڪيو. نانڪرام اسراڻي ۽ ديپڪ ڪوڏواڻي ڌر گروهه ٺاهيو ڪيو ۽ چونڊن وقت مدي تي چڙهي اچي ويهي رهيا. پرڌان پروفيسر ٻيوڄراج ناگراڻيءَ جي بار بار سمجهائڻ ۽ اپيل ڪرڻ جي باوجود، هنن اسٽيج جو قبضو ڪونه ڇڏيو. پرڌان چونڊون معطل ڪري ٻئي ڏينهن تي، لکنوءَ ۾ چونڊون ڪرڻ جو اعلان ڪيو. چونڊ ۾ انهن جي اميدوارن ڪٽيو. ناگراڻي ئي پرڌان چونڊجي چڪو هو. گوبند مالهي جنرل سيڪريٽري، نارائڻ سامتاڻي وائيس پرزيڊنٽ ۽ ڌرمداس ڪشترپا خزانچي چونڊيا ويا. لکنوءَ ۾ پرزيڊنٽ جي شان ۾ اسٽيشن کان سنڌين جي جڳهه تائين هڪ زبردست سرگس اڪٽي جهڪا سنڌيت جي هلچل ۾ يادگار رهندي. جلوس واري رستي تي، سنڌي ٻانڌن طرفان الڳ الڳ چونڪن ۽ هنڌن تي پرڌان جو گلن ۽ ناڪن سان شاندار سواگت ڪيو ويو. سنڌين جو مهورت شرمتي سچيتا ڪرپالاڻي ڪيو. ان موقعي تي ٽهلرام آزاد هنديءَ ۾ هڪ زوردار تقرير ڪئي سچيتا جو سنڌين سان ڪيل بي انصافيءَ طرف ڌيان ڇڪايو هو.

تنهن کان سال اڳ، (۱۹٦٣ ۾) ڇهون ساهت سميلن جئپور ۾ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي صدارت هيٺ ٿيو. ناچاڪائيءَ ڪري مان جئپور سميلن ۾ شامل ٿي نه سگهيو هوس، جتي سنڌي (عربي) لپيءَ وارن جي صاف ۽ چٽي گهٽتائي هئي. هنن ڊيليگيٽن جي اجلاس ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ هڪ ئي سنڌي لپيءَ، جو ٺهراءُ پاس ڪرايو. بعد ۾ ديوناگريءَ وارن وٽي

جي مڪاني سنڌين جي سطح تان اڀري، اکل ڀارت سطح تي
پهتو. ١٩٦١ ۾ پهرين اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن وقت
ڀوپال ۾ اهو نڪر کليءَ ميدان ۾ زور ۽ شور سان آيو. مقابل
وري به جديد سنگريزيءَ جي عهدي لاءِ ئيو. انهن جي طرف
وري به اي. جي. اُتم جو نالو ورتو ويو. مخالفت ڌر وار
وري به لوڪنات جيٽلي کي سامهون کڙو ڪيو. موهن ڪلپ
موهن وٽ اچي خانگي طور رٽ ڏني: اگر اسين جدي
سنگريزيءَ جي پد لاءِ کڙو ٿيا ته اسين مخالفت ڪو
ڪنداسين. موهن چيو: اسان اُتم کي اڳيان آندو آهي ۽ ڪين
ڪڍنداسين. منهنجي اهڙي جو سوال ئي ڪو نه ٿو اٿي. جيتوڻيڪ
اُتم چيو ته منهنجي پاسيرو ٿيڻ سان اگر جهيڙو نبري ٿو وڃي
ته مان هٿ ڪڍڻ لاءِ تيار آهيان. موهن انڪل ناڪار ڪئي
دڙڪي اڳيان جهڪي ڪو نه وڃبو. هن واڳڙ ۾ موهن ڪلپ
۽ ٻين ادبين جي گروهن سان گڏ، جن سنگهي ويچارن وار
ڌر - ڏاڍڪ ڪوڏوائي، ناٿڪرام انسرائي ۽ ٻيا به جيٽلي جي
پٺ ۾ ئي هئا. چونڊن جي ڏوران زبردست گوڙ مچيو، هڪ
جي خلاف واڪو واڪاٽ ئي نه اوچتو اچي منهن ٿيو. لوڪ
وقت لاءِ شانت ٿي. ڪلاڪ کن ڪالهوءَ، سميلن جي پرڌ
پرانسپال لالسنگهه اجواڻيءَ، حالتن تي قبضو ڪري ورتو
مضبوط رخ اختيار ڪيو ۽ ڪڙڪ لهجي سان چونڊون ڪرا
ورتيون. اُتم، جيٽلي کان وڏي اڪثريت سان کٽيو. ٻيو پال
هٿو ڪيولراماڻيءَ جي اڳواڻي ۽ ڪڙاڪيدار تقرير جو پڻ آ
جي ڪاميابيءَ ۾ وڏو هٿ هو.

سميلن پروگرام ۾ گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل ڪو
واکوٽ وڃايا. خاص طور پڳواڻي لالواڻيءَ، ڪرشن راهيءَ
انگهل ٻڌت ”سنڌ ۽ سنڌي“ اهڙي دلسوز لهجي، درد پ

نه ٿي سگهيا هوا. ١٩٦٦ ۾ جڏهن آئون سيمان بنگلور ۾ رهيو ويو ته انهن سڀني سپاهين کان گوءِ کٽي ويو. پاڻ به سؤ ڊيليگيٽ شامل ٿيا. ان لاءِ به ٻه ٽي چئا ڪارڻ هوا. هڪ طرف هئي بنگلور جي سندرتا جي ڪشش، ٻئي طرف سنڌي ڊيليگيٽن کي ڏهن سالن جي عرصي ۾ پهريون دفعو ڏکڻ ڀارت جي سير جو وجهه ملي رهيو هو. ريلوي ڀاڙي جي به اڌ رعايت هئي. سنڌي ساٿين، زالن مردن لکري پيا هوا ۽ اها به حقيقت هئي ته پنهنجي مخالفتي ڌرين وڌيڪ ڊيليگيٽ ڪرڻ لي به زور لڳايو هو، ڇاڪاڻ ته چڪريءَ جو امڪان هو ۽ برابر آئي آخرين چڪري لڳي، جنهن جي نتيجي ۾ سنڌي هلچل ٻن ڌرين ۾ ؛ اڳتي هلي ٽن ڌرين ۾ ورهائجي وئي اهو به ڏاڍو دلچسپ قصو آهي. پرشولمداس اڄاج سواگت ڪاميٽيءَ جو چيئرمين هو. هو صاحب ڀورت لاءِ مشهور وي. وي. گريءَ کي مڃائي آيو هو. هن سڀان ۾ وڻ وڻ جي ڪاٺي اچي گڏ ٿي هئي. رام جيٺملاڻي به هو، ته ماري گرسهاڻي به هو ته پيا ڪيترا ٻرڪ سنڌي اچي پهتا هوا. سڀا جي ناموس انتري وڌي وئي جو ڏسڻ ۾ ائين پئي آيو ته هرڪو سڀا جي ڪنهن نه ڪنهن عهدي لاءِ خواهان هو. هڪڙي خالڪي مڙ ۾ موڻ اپهراٽيءَ ۾ هڪڙو رمارڪ ڏنو ته اوهين سڀ هيلتائين هوا ڪئي، جو هاڻي سنڌي سڀا جا عهديدار اڳڀرڻ آيا آهيو. اها راهه ڪڙي هئي، جيڪا اسان کي پاڙي پيئي. صدر جي چونڊ ته ڪراءِ پروفيسر پوڄراج ناگراڻيءَ جي حق ۾ ٿي ويئي. جنرل سيڪريٽريءَ لاءِ اسان جي طرفان منهنجو نالو پيش ڪيو ويو ته مخالف ڌر طرفان پلديو گاجرا جو نالو آيو. صاف هو ته منهنجي خلاف ڪانگريس ڌر وارا ۽ آر. ايس. وارا پڻ ٿي ويا هوا. ڊپڪ کوڙواڻي چونڊن جي هدڻ، شاميلائي ۾ پنهنجن حمايتن سان گڏ شور

واڳوڻا مڃائي ته پروفيسر رام پنجواڻي پريشان ٿي ويو. ڇي
منهنجو اهيءَ ٿوراءَ جي ”ٿي“ لفظ ڏانهن نه ڌيان ٿي ڪو
ويو هو. ٿوراءَ ۾ لفظ ڪجهه هن ريت هوا: سنڌي ٻوليءَ لا
سنڌي اچي ٿي استعمال ڪئي وڃي. ٿوراءُ ڇنڊائيءَ سان صاف
اکرن ۾ ڪونه لکيو ويو هو. مواجهاري جو فائدو، پروفيسر ر
پنجواڻيءَ جي اچڻائيءَ کي نه ملهيو. هن صاحب ۾ گهٽائي گـ
هوا، پر محڪم ارادي وارو نه هو. ٿوراءُ سنڌس سامهون پڙهـ
ويو هوندو، اُن لاءِ ڪن صاحبن اقرارون نه ڪيون هونديون
ٿوراءَ لاءِ ووٽ وٺي پاس ٿــ ڪيو ويو هونــدو.... پوءِ ا
ڳالهه ممڪن آهي ته پنجواڻي صاحب جو ڌيان، ”ٿي“ لف
ڏانـهن نه ويو هونـدو! هو دٻوناگريءَ وارن جي دٻاءَ ۽ اڪثريت
کان گهٻرائجي ويو هو ۽ ڪين ناراض ڪرڻ چاهيائين، انهـ
ڪري ٿوراءَ لاءِ پاڻي ڦيرڻ ٿي چاهيائين. هن سوال لاءِ جڏهن
انهي ڌرين، جن جي وچ ۾ گرما گرمي هلي رهي هئي ته، هن
شام جو پنجواڻي صاحب، ڪن مترن کي وٺي منهنجي گهر هلـ
آيو. چيائين: ڪجهه پنهنجن دوستن کي سمجهاءِ، جئن منهنج
اپاءَ ڪاريءَ ۾ سڀا نـئي پـر اڻ لــ ٿي پوي. آخر ۾ چار چڱا
وچ پيا. رام پنجملاڻيءَ جـي ڪوشش سان انهي طرفن
سرڪردا سنڌس ڇنڊڇاڻيءَ ۾ ڪونائل، جئه هند ڪاليج ۾
ميڙ ۾ شامل ٿيا. ايڪتا کي قائم رکڻ ۽ ٻولي اسلميءَ جي
لاءِ اهو معاذ اقرار رکڻ لاءِ ٿيا. جي فارمولا تيار ڪئي وا
جنهن ۾ دٻوناگريءَ وارن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسان خاطري ڏ
ته ٿوراءَ لاءِ زور ڪونه ڏيو، پر ٿوراءُ ڪنهن نه حالت ۾ وا
ڪونه وٺبو.

اهو ڌيان رهڻ گهرجي ته سال ۱۹۶۲ ۾ چين جي ڀارت
حملي ۽ سال ۱۹۶۵ ۾ هند - پاڪ لڙائيءَ ڪارڻ سنڌي س

سنڪٽ ۾ اچي ويو. ڊيڪ ٻ وڙلڊ ۽ اسٽيج تي مون وٽ آيو.
مون کي هٿن کان پڪڙي چيائين: سنڌين کي ڇا ڦٽيو. انهن
ڪندا ڇا. اوهان تي پاڻ ڀروسو. مون چيو: پاڻ اسان تي
ڀروسو يا اوهان تي، جن اهڙي شخص جي پٺڀرائي ڪئي آهي،
جنهن ڪنهن کي ڪوبه نه ڇڏي، خود ليڊرن تي الزامن ۽
غليظ حملا نه ڪري ۽ جنهن جو خود سنڌي ٻولي ۾ ئي وشواس
ڪونهي ۽ چوي ٿو، سنڌي فقط پنجاهه سال جيتري رهي سگهندي.
مان همت ڇڏائي، اسٽيج تان لهي ٻاهر نڪري آيس.

اها سچي رات ناهه جون ڳالهيون ٻڌايون رهيون. سچي
جي مک تي اها ڳالهه نه سنڌي ٻولي جي سلامتيءَ جو بل پارس
جي پارليامينٽ ۾ اچي چڪو آهي ۽ جلد ڪيٽڻ وارو آهي. اهڙي
نازڪ سمي، سنڌي آئيڊين ۾ اتفاق آهڻ ۽ اتحاد کي ٽوڙڻ
ڀاري غلطي ٿيندي. ٿوري وقت لاءِ اتحاد قائم ڪري رکڻ
گهرجي، جنهن ۾ جاتيءَ جو شان ۽ عزت آهي. اسان جي ڪمزور
رڳ تي آڱر رکڻ جو ڪم، هر اهڙي نازڪ سمي تي انهن تي
ٿيندو رهندو آهي. ايمٽ رام جيٺملاڻي ۽ ٻين جاتيءَ جي خير
خواه سڄڻن جي زور ڀار ۽ ايمانداراڻي اپيلن تي ٺاهه ٿيو، جنهن
۾ ناگراڻي صاحب صدر، گوبند مالهي جنرل سيڪريٽري ۽ ٻيا
عهديدار ۽ ڪاميٽي ميمبر ٻنهي ڌرين جي گڏيل راءِ سان طئه
ڪيا ويا ۽ سنڪٽ ٿوري وقت لاءِ ٻنهي عارضي طور ٽري ويو.
پر اتحاد ٽٽو نه وري اهو جڙي ڪو نه سگهيو. ان ٻاري ۾ وڌيڪ
اڳتي صفحن ۾ پڙهندا سين.

بنگلور سميلن ڪالهوءَ سچي جون اکيون وڃي سنڌي ٻوليءَ
جي سلامتيءَ جي سوال ۾ اٽڪيون. سترهن سالن ڪالهوءَ مس
وڃي، سنڌي جاتيءَ جون اميدون پراپت ٿيون هيون. سنڌي
ٻوليءَ جي سلامتيءَ ۾ جن سڀني (هاڻي ٻارهن جنتا پارٽي)

مچائي رهيو هو. مون لئي وري ٻي اُڀرائي ڪئي. رڙ ڪري
چيم ته ڊيڪ کي ڪيڏي ٻاهر اُڇليو. وڏيڪ گوڙ مچي ويو.
هزار ڏيڍ ماڻهن جي وچ ۾، هاڻي اسين ڪيئن فيصلو ڪريون ته
ڪهڙا سچا ڊيليگيٽ آهن ۽ ڪير تماشبين آهن. شامياني ۾ ته
هرڪو ڳهڙي آيو هو. هاڻي ڪيئن چيڪنگ ٿئي؟ هيڪاري
گوڙ ۽ ٻرشي وڌڻ جو امڪان هو. ڪلاڪ جي شور ڪانپوءِ
پوڏان چونڊون ڪرايون، هٿ مٿي کڻڻ سان. سچا ڪير هوا،
ڪوڙا ڪير هوا؟ ڪير ڪيئن چوي؟ ڳٽپ ۾ ٻنڌيو ڪني مون
کان ٿورا ووٽ وڌيڪ مليا. ٻنڌيو کي شڪارپوري هٿان جو ان
فائدو مليو، جو ٻنڊگلور ۾ شڪارپوري ٻاٽر وڏي تعداد ۾ هوا،
سي به ڊيليگيٽ ٿيا هوا ۽ ٻئي پاسي کي اسان جا دوست
گوڙ ڳڀوڙ ڪارڻ ٻاهر نڪري ويا هوا. ٻنڌيو جي سوب جي
پڌرائي ٿي ته اسان جا دوست اُئي ڪوڙا ٿيا ته، جيڪهن شخص
سنڌي ٻولي ۽ ڄاڻي سان دشمني ڪئي آهي، سڀا کي ۽ سڀا
جي ڪارڻ ڪرائن کي گهٽ وڌ ڳالهايو يا بدنام ڪيو آهي،
تنهن کي اسين سڀا جو جنرل سيڪريٽري ڪري قبولڻ لاءِ تيار
نه آهيون. ٻڪدم چونڊيل صدر پروفيسر ٻوجراج ناگراڻي، اُئي
پڌرائي ڪئي ته مان هڙي جنرل سيڪريٽريءَ سان ڪم ڪرڻ
لاءِ هرگز تيار نه آهيان، جيڪهن اسان سڀئي نئي ٻئي چونڊون
ڪيون آهن. اوڏي مهل ٻوٽي هرانندائي شرڻيءَ وانگر مچ
لي چڙهي آئي، گجندي چيائين: هن شخص ۾ ڪوئي اخلاق
ڪونهي. هن پنهنجي هفتيوار "پارٽواسيءَ" ۾ منهنجي خلاف
ڪافي گند ميو آهي ۽ اهين به لکيو اٿائين، ته اُن ڪامريڊن
جي وچ هيءَ ڊروپٽي آهي. چوڏاري سنائٽو ڇانئجي ويو،
جڻ ڪو ام ڪريو هو. سڀ ساهتڪار، ڪلاڪار ۽ ٻيا ٻڌڻان
"شيم.... شيم...." ڪندا پنڊال کان ٻاهر نڪري آيا. سيمان

ته بل پارليامينٽ ۾ ڪري ٿي، جو اسين ڏسڻ ٿا چاهيون ته ڪانگريس پارٽي اسان جي جاتيءَ سان اڃا گهڻو وقت بي-انصافي ٿي ڪري. تنهن پڪو ڪري، اسان شري جيرامداس دولترام کي ٽيليفون ڪري، کيس دهليءَ ۾ پهچڻ جي خبر ڏني ۽ ملڻ لاءِ وقت گهريو. ٻئي ڏينهن تي شام جو هن اسان کي چانهه تي گهرايو. واقعي هن اسان جي تمام سٺي خوش آمديد ۽ خاطرداري ڪئي. چانهه جي ٽيبل تي ڪيترين ئي ميوون ۽ ڪاڄو جون چيزون هيون. اسان کي وڌيڪ حيرت لڳي. چانهه تي ڏاڍو آنند آيو. اسان کيس ٻڌايو ته اسين ترويدي صاحب سان ملي آيا آهيون ۽ کيس پڪو ڪري آيا آهيون ته هو ڪنهن به حالت ۾ بل تان هٿ نه ڪڍي. هو ڳالهه سمجهي ويو. پوءِ اسان کيس ٻڌايو ته اسين بل پيش ۽ پاس ٿيڻ لائين هٿ هوندا سون. هاڻي اسان کي صلاح ڏيو ته ٻيا ڪهڙا قدم کڻون، جيئن بل پاس ٿيڻ جي پڪي خاطري ٿئي. اسان ڏٺو ته هن صاحب جا ويچار هن دفعي بلڪل ڦريل هوا. هو نه سنڌي ٻوليءَ جي بل پاس ٿيڻ جي حمايت ۾ هو. هن چيو ته ٻه ڳالهيون ڪريو: (١) شري گلزاريلال نندا، گهرو کاتي جي وزير سان ملي، کيس پنهنجو ڪيس سمجهايو. مون کيس اڳواٽ ئي هن سوال تي همدرد ٻڌائي ورتو آهي. اوهان جي ملڻ سان وڌيڪ اثر ٿيندس. (٢) ته هڪدم هڪڙو ننڍڙو خط تيار ڪري وٺو، جيڪو لوڪ سڀا جي اٽڪل پنج سؤ کن ميمبرن کي اڄ جو اڄ روانو ڪريو، جنهن ۾ هن مدي تي پنهنجا مضبوط دليل پيش ڪريو. شري گلزاريلال نندا سان، اسان جي ملاقات جو وقت وٺي ڏيڻ جي جوابداري هن پاڻ تي کنيائين. اسين سندس شڪرانو ادائي ڪري، ماڳ موٽياسين.

انهيءَ رات ئي نانگراڻيءَ ۽ مون گڏجي خط جو ڊرافٽ تيار

جي ان ڏس ۾ انهن گهڻي ۾ گهڻي مدد ڪئي. شروع شروع
شري اٽل بهاري واجپائي، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ
خانگي بل پيش ڪيو هو، جنهن کي جڏهن ڪڍي ٿي آيو ته
شري جيرامداس دولترام وٽ واجپائيءَ کي چيو. ڇي
اوهين بل واپس وٺو، ڇاڪاڻ ته اهو بل ڪانگريس جي
پنهنجائيءَ ڪانسواءِ پاس ڪونه ٿي سگهندو ۽ ڪا به حڪمرا
پارٽي ٻئي ڪنهن پارٽيءَ طرفان پيش ڪيل خانگي بل جي
پنهنجائي نه ڪندي، جو اهو منهنجو آشواسن جو ٺهراءُ ٿيندو
۽ اگر بل هڪڙو دفعو ڪري پيو ته پوءِ وري ڪيترا سال اه
بل پارليامينٽ ۾ پيش نه ٿي سگهندو، جنهن ۾ سنڌي جاتي
کي نقصان ٿي پهچندو. واجپائي صاحب، بل واپس وٺي ڇڏيو
سال بعد ڪانگريس وري ساڳي پارٽيءَ جي پنهنجي ٺهرايو. بل
ٽرو پيدي، سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ خانگي بل آندو
سنڌي جاتيءَ جي خوشقسمتي، جو اهو بل به مٿي چڙهي آيو
سنڌي جاتيءَ اندر خوشيءَ جي لهر ڦهلجي وئي. اهو ب
١٩٦٧ ۾ ڪڍيو هو. مارچ واري مهيني ۾ سنڌ جي طرفان پروفيس
ناگراڻي ۽ مون کي چيو ويو ته، اسين وڃي دهليءَ ۾ دا
ڪريون ۽ بل جي پاس ٿيڻ لاءِ راجنيتي پارٽين جي اڳواڻن
پارليامينٽ جي ميمبرن ۾ ڪئنوس ڪريون ۽ ميدان تيار ڪريون
اسين لڇمڻداس پمناڻي، جي. بي. منگهارام ڪمپنيءَ جي
پانيوار جي ڪوٺيءَ تي وڃي ٽڪياسون. ڏاڍو آدر پيءَ ڪماڻين
ملازمن کي انهن جي سٺي خاطري ڪرڻ جي هدايت ڏنائين
اسين ٻهراڻ وڃي مسٽر ٽرولديءَ سان مليا سون، ڇاڪاڻ ته انه
کي ڊپ هو ته، متان، هن دفعي به شري جيرامداس به وڃ
ڪيس ساڳئي دليل تي بل واپس وٺڻ جي صلاح ڏئي. انهن مٿ
زور آندو ته ڪنهن به حالت ۾ هو بل واپس نه وٺي، پوءِ ڀل

نائب وزير سرڪار طرفان ان بل پيش ڪندو ۽ اهو پاس ڪري ڇڏيندا سون. اسين نندا صاحب جي آفيس مان، سڌو پهتاسون مسٽر ترويديءَ جي گهر. کيس سڄو قصو ٻڌايوسين. هن چيو: منهنجي مراد آهي ته اوهان جي ڀاشا کي مانيتا ملي. هن ۾ آئينءَ جو سوال ڪونهي. پر جي پارليامينٽ جي اها روايت آهي، ته مان ان کي مان ڏيندس. سڀاڻي ئي مان ان بل واپس وٺندس. اسان کي ڪاميابيءَ جو احساس ٿيو، پر دل ۾ ڇورا ڪورا هئي ته ڪٿي آخرين گهڙيءَ تي ڪا بدبخت ڳڙٻڙ نه ٿي پوي.

پر اسان جا لايا سڀايا ٿيا. جڏهن ڏينهن ان پارليامينٽ ۾ پيش ڪيو ويو ته اسين اتي ۽ ٻيا ڪيترا سنڌي ملاقاتين جي گئلريءَ ۾ گويا ساهه روڪي ويٺا هواسون. سڀني پارٽين جي اڳواڻن ان لئي ڳالهايو، سنڌين جي حق طلب جي پٺڀرائي ڪري سندن ساراهه ڪئي. سڀني جي هٿن ۾ اسان جو موڪليل خط هو، جنهن مان حوالا ڏئي پٺڀرائي ڪري رهيا هئا. ڀارت جي پارليامينٽ جي تاريخ ۾ شايد اهو پهريون ئي موقعو هو، جو سڀني پارٽين ۾ مڪمل اتفاق هو. سنڌين جي اها ٻگالي سوڀ هئي، جو ٻيا هڪ لک لڳڀڳ جي ڀارت جو ڦڙو وهڻ جي، سندن ٻوليءَ کي ڀارت جي وڌان ۾ جوڳي جڳهه ملي هئي. اهو ١٠ اپريل ١٩٦٧، سنڌي ٻوليءَ جي جيون ۾ ڪاميابيءَ جو اتهاسڪ ڏينهن هو.

سنڌي جڳت ۾ خوشيءَ جي لهر ڦهلجي وئي. سورهن سالن جي سالتيڪي جدوجهد رنگ لڳايو هو. تن جي ڪٿيءَ سؤ چوٽون ڪاڏيون هيون. اسان خوش هواسون ته شري جيرامداس جي من ۾ هاڻي ڦيرو اچي ويو آهي. ٻلي ٻلي ٻاڻ آئي، سا ته نه پاڻي! پر انهن هو ڪونه. سنڌي ڀاشا جي اسڪيميءَ جي

ڪيو. ان صفحن کان وڌيڪ ڪوڙ هو، پر ڪوڙ اهو اهڙو
اسان وساريو ڪوڙ هو. صبوح ساڻ ٿي مالوم. اگر پڇاسون،
جتي اسان جي ان دوستن هرڪالت چتواڻي ۽ هيم لاڳوائي،
ٽاڙو پاڻيواريءَ ۾ پرنٽنگ پريس وڏي هئي. پيو ڪم ڇڏي هئن
خط کي اوليت ڏني. لاڳراٽي صاحب کي پروفن وغيره جاچڻ
لاءِ آڻي وهاري، مان هڪ پن دوستن کي ٻاڻ سان ڪٽي،
پارليامينٽ هائوس پڳس، جتان پارليامينٽ جي ميمبرن جي
ايڊريسن جي چوپڙي ورتيسين ۽ موٽندي پنج سؤ لفافا به
وٺندا آياسون. خط به، تيار ٿي چڪو هو. لاڳراٽي صاحب
صحيحون ڪندو ويو. ۽ ساٿي خط لفافن ۾ پرڻندا ويا ۽ پيا به
اسٽن ٽان ايڊريسون وجهندا ويا. رات جو ڏير تائين وڃي
سڄو ڪم پورو ڪيوسين، ٽڏهن وڃي ساهي پٽيسين. هڪ
جوابدار ساٿيءَ تي ذميواري رکيسين ته ڳوٺوي پري اهي خط
صبوح جو جنرل پوسٽ آفيس ۾ وجهي ڇڏيندو. جنگي ڦڙتائيءَ
سان پنجن ڪلاڪن ۾ اسان اهو ڪم پورو ڪري ورتو. پوءِ
اچي ٿڪاٽي تي آرامي ٿياسون.

صبوح تي ٽيليفون ڪري، اسان شري جيرامداس کي خوش
خبري ڏني ته پارليامينٽ جي ميمبرن کي خط روانا ٿي ويا
آهن. هن صاحب به گلزاريلال سان ٽيليفون تي ڳالهائي، اسان
لاءِ وقت وٺي ڇڏيو هو. چيائين: ايندڙ صبوح تي گهرو ڪاري
جي منتريءَ ۾ وڃي ڏهين اچي هن سان ملو. پهچڻ - ڳالهائڻ
جون سڀ هدايتون ڏنائين. ننڍا صاحب تمام مختصر ۾ چيو:
ٽروپدي صاحب وارو بل پاس ٿي نه سگهندو. اهو پارليامينٽري
روايت جي خلاف آهي. مخالف پارٽيءَ جو بل حڪمران پارٽي
ڪڏهن به، حالت ۾ پاس نه ڪري سگهندي. اوهين مسٽر
ٽروپديءَ کي سمجهايو ته هو بل واپس وٺي. اڄ ڏينهن تي منهنجو

مون ڪيو هو. اُن وقت جي پردان منتري پنڊت جواهرلعل نهروءَ کي مون هڪڙو خط لکيو هو، جنهن ۾ سنڌين جي ڌرتيءَ بنا پيڙا جو ورڻن ڪيو هو ۽ ان ڏکدائڪ تاريخي حقيقت کي پڌائيندي ته سنڌين پنهنجو وطن ڀارت جي آزاديءَ لئي نڇاور ڪري ڇڏيو هو، پردان منتريءَ کان گهر ڪئي هئم ته سنڌين کي ڀارت جي اندر هڪڙو زمين جو ٽڪرو ڏيو وڃي، جنهن ڪــي هو نئين سنڌ سڏائي، پنهنجو ســڌي سگهن. منوو گيانڪ ۽ آتمڪ سنتوش حاصل ڪن ۽ پنهنجي ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ کي محفوظ رکن ۽ اُن جي ترقيءَ لاءِ يتن ڪن. اهو خط سنڌيءَ ۾ سنڌ وڌارا جي شروعاتي پرچن ۾ ڇپيو ويو هو. بس، پنهنجن کي باهه لڳي وئي. مون تي سخت ٽڪچيني ٿي. ڪنهن چيو ته هيءَ خلم ٻارڻ واري حرڪت آهي، ديش کي ورهائڻ جو منصوبو آهي. ڪنهن چيو ته هيءَ سنڌين کي بدنام ڪرڻ جي رٿ آهي، ڇو جو غير سنڌين تي تمام غلط ۽ ورونڌي اثر پوندو. ڪنهن چيو هيءَ خام خيال آهي، ڪنهن چيو سڏائيءَ جي دماغ جي رچنا آهي وغيره وغيره. موهن ڪلپنا ته ٽيرجي لکيو: ”هن لمولي انهن پنهنجي جاتيءَ کي پين اڳيان ڏيو ڪري رکيا آهيون.“ منهنجي ڏک ۽ حيرت جي حد نه رهي. مون ته ڪرسٽ وانگر چيو: ايشور هنن کي معاف ڪجي، ڇاڪاڻ ته هنن کي خبر نه آهي ته هو ڇا ٿا چون! مان ڪافي وقت ساڪت ٿي ويس.

پوءِ هڪڙو اهڙو سمو آيو جو گانڌيڌام کي سنڌين جو گهر (هوم لئنڊ) بڻائڻ جو جتن آيو. گانڌيڌام خود ته سنڌين لاءِ نئين سنڌ جي خواب کي ساڪار ڪرڻ جي اُميد ڪئي آيو هو، پر پوءِ پنهنجن هٿن سان ان سپني کي گهٽو ڏنو ويو. ان لمبي اتهاس ۾ وڃڻ جي همت گنجائش ڪونهي. گانڌيڌام

سوال ئي نه. سنڌس من ۾ ڦيرو آيو هو، ڇاڪاڻ ته سنڌس
زندگيءَ جي اها وڏي ۾ وڏي پل هئي، جنهن جو کيس احساس
ٿيو هو. کيس جاليءَ جي اڳيان ڪنڊ مٿي کٽي هلڻ لاءِ، اهڙي
ڇوڪ جي درستي ڪرڻ تمام ضروري هئي. پر ٿيءَ جي سوال
ئي سنڌس ضد پڇاڙيءَ گهڙيءَ تائين قائم رهيو. پنهنجي سوچ
جي تار اسان دهليءَ مان امبئيءَ ڪرائي ڇڏي. جڏهن اسين
واپس موٽياسون ته ڪي مٽر ۽ سنڌيءَ جا پيارا ناري گوسهائي
بوٽي هيرانندائي، ڪنڊنداس طوطلداس ۽ ٻيا سڀئي گل کٽي
اسان جي سواگت لاءِ اسٽيشن تي حاضر هوا.

سنڌين کي پنهنجي زمين (وطن) کان تاريخي مجبورن ۽
راڄنيتي سازشن هيٺ ڇڏڻي پئي. شروعات ۾ ته اها ڳالهه
وشواس جهڙي ڪانه هئي ته، پارٽ لڏي آيا، اسين سنڌي
هميشه لاءِ پنهنجي ڌرتيءَ کان وڇڙي ويٺا آهيون. ڪافي سال
آس لڳائي ويٺا هواسون ته. اجهو ته واپس وطن ورون. پر
انتظار جا ڏينهن وڏا ٿي ويا ۽ موٽڻ جو ڪو وسيلو نه رهيو
اڄ ڏينهن سڀ اميدون ويندڙون رهيون. پر ڌرتيءَ سان انهن هڪ
ازلي جذبو آهي. انسان جنهن مان ئي جنم پائي ٿو ۽ آخر جنهن
۾ ئي سمائجي ٿو وڃي. اهو ابدي رشتو آهي، لازوال ڳنڍ آهي.
انڪري انسان زمين کي وساري ڪونه ٿو سگهي، ڌرتيءَ سان
ناتو ٽوڙي ڪونه ٿو سگهي. ڌرتي جڏهن کيس سڏ ڪندي
پڪاريندي آهي، سنڌس آتما کي پاڻ ڏانهن ڇڪيندي آهي
سنڌين سان به اهڙو حال آهي. ”پنهنجي ڌرتي تڪر“ لا
تڙپ سنڌين جي دلين ۾ دائما رهي آهي. جدا جدا موقعن
تي، الڳ الڳ شخص ۽ سنسٿائن اهڙي احساس جو اظهار ڪيو
ڪيو آهي. مان پڪ سان چئي ٿو سگهان، پر لکيم ٿو ته اهڙي
قسم جي خواهش جو اظهار سنڌ وڌارا هفتيوار ۾ ١٩٦٠ ڌاري

سنڌي ساهت سان لڳاءُ اَڻٿو هو. ٻرڪ سنڌي ساهتڪارن جون بهترين
رچنائون سنڌيءَ مان ترجمو ڪري انگريزيءَ ۾ سنڌي ڪهاڻين
۽ ڪوتائن جو سنگرھ "ڊيزرٽ بلومس" (Desert Blooms)
نالي سان ڇپايو هئائين. وٽس سنڌي ليکڪن جون اڪثر
محفلون مچنديون هيون. پوءِ ته مون سان ڏاڍو قرب هوس.
اڪثر وٽس وڃي ڪچهريون ڪندا هواسون. هن سان ڪڇ
واري رڻ جي ڳالھ ڇوريسين ته هن صاحب سڄي معلومي ۽ وٿي
وڌو نپو ڏنو. چي: اوهين ته ٿي چٽا وڃو، ۽ وڃي ڪڇ جي
سڄي مڪمل سروي ڪري اچو، هر لحاظ کان، آرٿڪ، راجنيتڪ،
سماجڪ، تاريخي، جاگرافي وغيره. صلاح ڏنائين ته سڄي
ويجهن ذهن ۽ همدرد دوستن جو ميڙ ڪوٺايو ته هنن سان ته
ٻهي وٺون ۽ ڪالھين ته ڏوڪڙ وغيره همت ڪري وٺون، جنهن
ڪڇ جي دوري جو خرچ پکو ڪري اچي. اهڙو ميڙ اسان
چلڊرنس، سنڌ ماڊل هاءِ اسڪول ۾ گهرايو، جنهن ۾ چاليھارو
کن ٻرڪ ليکڪن، ودوانن ۽ جاتيءَ جي گهڻگهرن ڀاڱو ورتو.
سڀني ويچارن جي آجيان ڪئي ۽ سرلديءَ آهر پئسي جي
مدد جو واعدو به ڏنو. مان سمجهان ٿو ته پروفيسر پنهنجي
طرفان پنج سؤ روپيا ڪيئي ڏنا ۽ ڏرمداس ته ڪجھ ڏنو.
ٻين به همت وڌايو. اٽڪل چار هزار کن ڪٺا ٿي ويا.

پوءِ هيرانندائي، ڪرشن راهي ۽ مون ٽي سروي جو بار
کنيائون. جاچ ڪاميٽي پنجن ڄڻن جي ٺاهي وئي، جنهن ۾ ٻيا
ٻه اديب هوا - ارجن شاد ۽ ايسر. سگن. ٻه دوري ٿي اسين
ٿي نڪتاسون. دوري جي شروعات اسان گانڌيڌام کان ڪئي.
گانڌيڌام مان اسان چوڏهون ساٿي ڀڳوان آسنداڻي ٻه ٻاڻ سان
ڊنيو ۽ هڪ جيپ ڀاڙي ٿي ڪري نڪتاسون. ڪڇ ضلعي
جي مکيھ شهرن جو گهمت ڪري، جنهن ۾ اڪمت، لاراٽن سر،

کي گهر ٻاهران جي ٿمڌا وقت ٻڌي ڪر موڙيندا آهن.
دوستن ۾ مان ان ڳالهين کان مشهور آهيان - هڪڙو سپنائي (Visionary) طور ۽ ٻيو سڪ ڦٽو (Restless). ٻنهي خصلت ڪارڻ، مان هميشه ڪجهه نه ڪجهه نئون ڪرڻ جي فڪر ۽ جوش ۾ رهندو آهيان. ڪا نه ڪا نئين ڳالهه، ڪا نه ڪا نئين رٿ، ڪو نه ڪو نئون پروگرام يا سرگرمي شروع ڪرڻ جي ڌن ۾ لڳو پيو رهندو آهيان، تنهن ڪري سڀاوڪ ٻيو ارڪان ان سان شامل ٿي ٿو وڃي. آرام نه ايندو اٿم ۽ ٻين کي به اي- آرام ڪندو رهندو آهيان، جنهن جي گواهي منهنجا ٻيا دوست ۽ ساٿي اڪثر ڏيئي سگهندا. هڪڙي ڏينهن خيال آيو ته گانڌيڌام جي ٿي ڏرلي آهي، جيڪا سنڌين کي جدائي سان ڏيئي سگهي ٿي. نه صرف سنڌ کي واجهي هڻڻ ۽ سنڌ سان لاڳاپي ٿيڻ جي ڪري، پر سچيءَ ڪڇيءَ ڪي اڳاهه کان به سٽاڻي ۽ موافق آهي، جو نه سنڌي ۽ ڪڇي ٻوليون نه جاڙيون ڀينرون آهن. تفاوت رڳو لهجي ۽ ڪن ٿورن لفظن جو آهي. ڪڇي ٻولين سان ڀائيچاري جو رشتو وڌائي ڪڇ جي زمين تي نئين سنڌ جو خواب سچائي سگهجي ٿو. انهن ٻه تصور ڪم نه ان کي نئون نالو سنڌ - ڪڇ يا ڪڇ - سنڌ ڏيئي سگهجي ٿو، جنهن ۾ ٻئي ٻاشائي جاتين کي جدائي سنتوش ملي ۽ روحاني تسلي به رهي. سياسي سطح تي نه ٻئي جاتيون ڪمزور آهن، پر گڏيل ٻل ۽ ٽن سان شڪتشالي قوم (جاتي) ٿي سگهن ٿيون.

هيءَ تصور منهنجي من ۾ جاڳيو ته ان تمام خاص گهاٽن دوستن سان اندر جو حال اورڻ، ٻوڙي هوراڌائي ۽ ڪرشن راهي. ڳالهه سڀني من کي به جهٽي ورتو. تنهن ڪانپوءِ اسان جو هڪ وڏوان سڄڻ هو پروفيسر ٿي. ايڇ. آڏواڻي، جنهن جو نازو

جيپور، دهلي ۽ احمد آباد ۾ عام سنڌين لوڙي واپاري ورڳ سان ملياسون ۽ سنڌين واپارين کان واقف ٿياسون.

واپس اچي اسان هن دوري ۽ ايءَ طرح گڏ ڪيل مواد جي بنياد تي هڪ تفصيلي رپورٽ – ”سنڌي جاتيءَ جو آئينده“ سري سان تيار ڪئي، جنهن ۾ ڪانگريس ڪئمپ ۾ وسط لاءِ ڪيترائون ئي زوردار دليلون ۽ ڪارڻ آهن، تنهن جو اٽڪل سؤ صفحن جي اندر تمام چٽو نقشو پيش ڪيوسين. ڪوشش رهي، ان جي لکڻ ۾ وڏي جفاڪشي ڪئي. رپورٽ جو ٻهراڙون ڇاپو پنج هزار ڪاپيون ڇپايوسين، جنهن لاءِ سموري خرچ جي رقم سيٺ ليلاشاهه پنهنجي ڪنهن شرڌالوءَ کان وٺي ڏني. پارٽيءَ جي ڪنهن ڪڙيءَ ۾ سنڌي سنستائن، پنچايتن ۽ ٻين معزز سنڌين کي اها رپورٽ موڪلي وئي. تنهن ڪاروبار سيٺ ليلاشاهه، بعد ۾ پنج هزار ٻيون به ڪاپيون ڇپايون ۽ ورهايون به. گشت تي ويندو هو، گودڙيءَ ۾ ”سنڌي جاتيءَ جو آئينده“ ڪتابڙيءَ جون ڏهه – ٻاهه ڪاپيون ضرور ڪڍندو هو ۽ پنهنجي ڀاشڻ جي دوران، چئن چڱن ۾ ورهائيندو هو. پر دکدائڪ حقيقت اها آهي ته سنڌي جاتيءَ جي ڪن تي جونءِ به ڪانه چُري، رڳو ايترو سو ٿيو، جو ڪيترا سنڌي ڪانگريس ڏسڻ آيا ۽ هنن پلاٽ به خريد ڪيا، پر ڪانگريس کي وسائڻ لاءِ ڪا زوردار هلچل ڪانه شروع ٿي. سنڌي جاتيءَ جي، پنهنجي آئينده ۽ الڳ ٻوليءَ لاءِ هيڏي لاپرواهي، بي - رخي ۽ ٿڌي رخ ٻاهران مان پنهنجا ڪاڻاس اڳتي هئي، ڪنهن موزون موقعي تي ڏينداس.

ٻنگلور سميلن جي رساڪشيءَ ڪاليوءَ ۽ سنڌي اڏين ۾ وڌندڙ آپسي نفاق ۽ ڪشمڪش لوڙي سياسي چڪتاڻ کان تنگ اچي، ڪيترن سڀاڳن اڏين کي اهو ويچار آيو ته سنڌي

ڪونڌڪور، لکيراٽا ڪاوڙا، مالدوي، وغيره. اسان هــر اهڃا
کان حقيقتون گڏ ڪيون ٿا. ڪيترائين اهو زمين جو ٽڪر آرڪ
۽ هن پهلوئن کان سنڌين لاءِ موافق ۽ لاڀدائڪ ٿي سگهي ٿو
جنهن کي هو پنهنجو گهر (هوم لئنڊ) ٺاهين. ڪڇ جيتوڻيڪ
پنهنجي پيل علائقو آهي، پر رڻ پٽ ڪـري ڇڏي، ان زمين اُپجائ
آهي. ١٩٦١ جي آدمشماريءَ موجب، ڪڇ جو آدم ذري گهٽ
پوڻا ڇهه لک. هو ۽ هاڻي ته ڏهه - ٻارهن لک سمجهڻ گهرجي
ٿورو وڌيڪ ته ٿي سگهي ٿو. آدم جي گهاٽائيءَ (ڊينسٽي)
هيءَ ايراضي ڪافي گهٽ آهي، جنهن ڪري گهڻو ٿـي آد
سمائجي سگهي ٿو. ٽي ڀيون ڪڇي ڀاشائي آهن، باقي هڪ
پٽيءَ ۾ گجراتي، سنڌي ۽ ٻيا آهن. سرحدي علائقي ۾ گهمندي
گهمندي، اسان کي ٻڌڻ جا ثبوت سنڌي ڳالهائيندڙ مسلمان
ملئا، جيڪي پنهنجن ٻارن کي مسجدن ۾ سنڌي عربي لپيءَ
پڙهائي رهيا هوا. چيو وڃي ٿو ته انهن جو انداز ڏيڍ لک ڪر
آهي. هن وقت سنڌي تهذيب اڃا سلامت آهي ۽ وڃن لوڪ
ادب جو اڃا وڏو ذخيرو آهي. ڪڇ معدنيات ۾ اڃا شاهوڪا
آهي: رڳو ڪارخانيداريءَ ۾ اڃا گهڻو پٺتي آهي. پر هاڻي
جيئن ته ريل ۽ هوائي آمدرفت رستي ڀارت جي هندي مرڪز
سان ڳنڍجي رهيو آهي ته هتي ڪيتر ۾ اڃا ترقيءَ جون وڏيو
اميدون ٿي سگهن ٿيون. سڀني کان اهم ٿڙئن ڳالهه آهي، ڪنب
بندر جو لـوماڻ، جنهن موجب اولهه ڪناري تي اهو بندر ڪراچي
بندر جون سڪون لاهيندو، گانڌيڌام ۽ ڪڇ ڪـــي سنڌ
ملڪن سان ڳنڍيندو، جيئن هيءَ حصو واپار جو وڏو مرڪز ٺهي
پوي. گانڌيڌام ۽ ڪڇ مان الڳ. اگر ۽ ڀون واسطيدار حقيقتو
همت ڪري، ان سنڌي شهرن ۾ ٻـڌ واسون، جيئن هن سوا
ٿـي سنڌين سان حالي احوالي ٿيون. ان گهٽ ۾ اسان اڄ

ڪم ڪندڙن جو ميڙ سڏايو هو، جنهن اسين ساٿين ڳالهين بابت ۽ روح رهاڻ ڪيون. مڪاني سطح تي ڪميٽين جي سٽس مون کي آئي هئي. پريم اميدواري، سان کان وٺي مقصد لاءِ ستو دوست آهي. ان ميڙ ۾ ڪيس به دعوت هئي ۽ هو به حاضر هو. پڪ نه آهي ته ليڪو ملڻ هوس يا نه، پر آيو هو. شايد مون سان ملڻ آيو هجي. مون کي پاسيرو وٺي چيائين: توکي ڪو ماڻهو ٿي ڪونه سمجهيو، جو تو گوبند کي ايڪ ڪنوينشن جون وائي-ون ڏنيون آهن. مون چيو: وائي-ون ڪهڙيون آهن. پندو است جون جوابداريون مٿس رکيون آهن. ڪنهن کي به اهو ڪم ڏيندس نه؟ تون چاهين نه سڀ ذميواريون تنهنجي حوالي ڪريان. چيائين: ها، مان جوابداريون سنڀالڻ وارن مان نه آهيان. گوبند کي اتري اهميت (Importance) ڏيڻي نه هو ستو ڪم نه ڪيو آهي. تون تڪليف ۾ اچي وينداين. چيم: ڀلا، پرم ڀاءُ، تڪليف ڪي نه. مان ڏسي وٺندس، پر اچي ڏينهن مهورت تي اچي شامل ٿج. چيائين: مان ڪنوينشن ۾ شرڪت ڪونه ڪندس ۽ مانت ميت ۾ هليو ويو.

آدگهاڻن جو آسوَ آرٽ سماج پون جي انيڊزي هال ۾ ٿيو، جتي اڪثر ان سوَ کن حاضرين جي وهڻ جو پربند هو. آنهن ۾ مدو سوَ کن ليکڪ هوا، جن ۾ ڏار ڏار شهرن مان آيل ۽ دهلي جا اديب به هوا. باقي سنڌي پوليءَ جا پرامي ۽ شهر جا معزز پائر هوا. آدگهاڻن جي رسم لاءِ اسان مسٽر اندرڪمار گجرال کي چيايو هو. ان وقت هو شريمتي اندرا گانڌيءَ جي سرڪار ۾ وزير هو. عين موقعي تي هو آناڪاني ڪرڻ لڳو. مٿس شري ڪيرامداس دولترام جو زور آيو ته سنڌي اديبن جي انهيءَ ”باغي“ گروهه کان پري رهي. اسان ڪيس چيو ته آخرين گهڙيءَ ي انڪار ڪرڻ سان اسان لاءِ ڏرم سنڪٽ ٿي پوندو، جو

اديبن جي هڪ خلاصي ۽ الڳ سڃاڻپ ٺاهجي، جنهن ۾ فقط
اديبن کي انفرادي نموني ئي داخلا ڏجي ۽ فقط ساهتڪ
ڪارگذارين ناتي ان جو مقصد محدود رکجي. سڄي هندستان
مان اٽڪل پنجاهه کن اهڙن سڀاڳن ساهتڪارن کي نوتو ڏنو ويو.
1969 ۾ اها سنڌي لکڪن جي ڪنوينشن نئين دهليءَ جي
جور باغ ايراضيءَ ۾ آريا سماج ڀون ۾ ڪوٺائي وئي.
ڪنوينشن جي تيارين ۽ ان جي بندوبست جو ڪم دهليءَ جي
هڪ سرگرم ساٿي گوبند آڏواڻيءَ تي رکيو ويو، جيڪو
ڪنهن وقت دهليءَ مان سنڌي معيار واري ماهوار ادبي مخزن
ساهت ڌارا ٻالي سان ڪڍندو هو. جيئن اڪثر ٿيندو آهي،
مڪاني سطح تي ننڍين ڳالهين يا مزاج جي ٽڪرائن کي کڻي وڌ
پيدا ٿيندو آهي ۽ اهڙن بيسود ڳالهين ۽ ضدن ۾ نيڪ مرادون
به مار کائي ويندڙون آهن. اسان کي به پس منظر جي ڄاڻ نه
ڪانه هئي. اسين جڏهين اُتي پهتاسين ته هوا ۾ ڪجهه ٻوس
محسوس ٿي. پوءِ پتي ۾ مان ڪنوينشن جي ڪارڪنن کان ٻه ڏينهن
اڳ، دهليءَ پهتا هواسين ته جيئن پنهنجي رواج مطابق سموري پربند
کي نظر مان ڪڍي، ڪجهه ڦڪي ڳالهه کي درست ڪري
ڇڏيون. جنهن گوبند آڏواڻيءَ اسان ٻنهي جي رهڻ جو بندوبست
راجيندر نگر ۾ بزرگ اديب منوهرداس ڪوڙيمل جي فليٽ تي
ڪيو هو. آسي پاسي ۾ ڪنهن چڱي رسٽارانٽ جو بندوبست
ڪونه هو ته، پهرين ڏينهن اُتي ويلا پوڻي وچي سامهون
مارڪيٽ مان ٽڪل روٽي ۽ انب وٺي آيا هئي ۽ انهن پيٽ
ڀريوسين، جنهن کانپوءِ ٻئي ڏينهن کان جور باغ ۾ آريا سماج ڀون ۾
اسين اندو پئي پهچون، جتي سڀني آيل اديبن جي رهائش ۽
کاڌي جو بندوبست ڪيل هو.

شام جي وقت ٿي گوبند آڏواڻي دهليءَ جي مترن ۽

ئي سُتاسون. مان ۽ ڪرشن راهي مٿي هواسون. رات جو اٽڪل ٻي بجي ڌاري، ٻڌم، مون کي ڳولهيندو اچي مٿي پهتو. اُٿاري چيائين: ڪجهه ضروري ڳالهه ٿي آهي. سڀاڻي شايد ڪن کي گرفتار ڪيو وڃي، هيٺ لهه ته ڳالهيون ڪريون. مون کي حالتون ڪجهه شڪي لڳيون. مون راهيءَ کي اُٿاري ٻاڪ سان گڏ هيٺ لاٿو. ٻڌم چيو: ٽيڪسيءَ ۾ چڙهه ته هلي اُتي ڪٿي ويهون ۽ سائين سنڌيءَ سان ڳالهايون. ٻاهران هڪ ٽيڪسي اُڀي هئي، جنهن ۾ ٻه شخص ويٺا هوا. مون پڇيو: اندر ڪير ويٺا آهن؟ چيائين: آنند ڪماٽي ۽ ٻرٻو اوچاٽي. مون کي چٽ جاسوسي قصي جو هڪ درشيه لڳو. منهنجي من ۾ هڪڙو شڪ ڊوڙي ويو ته هيءَ ڪا چال ته نه آهي. مون کي ڪٿي وٺي، ڪٿي لڪائي نه ڪوه وهاريندا. مون کي پنهنجي جان جو ڊپ نه هو، پر جي ڪٿي مون کي گم ڪري ويا ته ڪنوينشن هال ۾ خلل پئجي ويندو ۽ سمسيا پيدا ٿي ويندي. ٻڌم کي چيم: ٽس بار، مان ڏاڍو ٿڪل آهيان. ٻه چار ڪلاڪ آرام ڪيم. سڀاڻي ته سڄو ڏينهن ڪارروائي هلائڻي آهي. ڳالهيون ڪرڻ لاءِ اوهين ڪرشن راهيءَ کي وٺي وڃو. هو جيڪو فيصلو ڪندو، سو مون کي منظور آهي، راهيءَ کي پاسيرو ڪري چيم: ڳالهيون ڪندي خبردار ٿجانءِ، ڪنهن به قسم جو ڪو اقرار نه ڪجانءِ (Make No Commitment). سڄي رات راهيءَ سان ڳالهيون هليون. راهيءَ کي ڪي خط ڏيکاريائون، جيڪي ٻو ٻئيءَ، گوپيچند آڏواڻيءَ کي لکيا هوا، جن مان هڪ ۾ لکيل هو: جيرامداس کي ڪٺي مارڻو گولي! هيءَ سنڌيءَ جو محاورو، ٻو ٻئيءَ ڪهڙي نسبت ۾ استعمال ڪيو هو، تنهن جو صحيح مفهوم ته تڏهين پروڙي سگهبو، جڏهين ٻئي خط سامهون هجن - هڪڙو خط، گوپيچند جو، ٻيو جوابي خط ٻو ٻئيءَ جو. پر هن

پڇاڙي مدت لئي اهو امداد واسطي ڪري ڏنو ويندو. اوهين رکو اچو، ساهوڪارن سان ملو، ۽ اگر ڳالهائڻ چاهيو ته ڳالهايو به. ته اوهان لئي زور ڪونهي. مسٽر گجرال جي ايا اخلاقي همت هئي، جو هو اسان وٽ آيو، گهڻو ئي. پر پنهنج مدت ڳالهايائين، سندي ٻولي ۾ جاليءَ لاءِ شپ اچائون به. ڏنائين. هن ڪان اڳواٽ اسان سندس ليلا شاهه کي سندس ڏيڻ لاءِ چيو هو. هن کي اسان جو ساٿي نهرام آزاد وٽي اسپتال مان وٺي آيو هو، جتي هو آرام لاءِ آيل هو. درويش ليلا شاهه سچ پچ آگ. ڪ ساڻ واري تقرير ڪئي. سندي ٻولي ۾ لپيءَ سان سندس هوس. اُهين لي حملو سندس هردي ۾ آگ. پيدا ڪري رهيو هو. سندي ڀاشا سان دشمني ۽ سندي لپيءَ سان همٿ- چرالند ڪندڙن کي جاليءَ جا دشمن قرار ڏيندي ۽ سندن هدايتن کي آپگهاتي سڏيندي، هن حاضرين کي پٽين ڏيارو به. اسان ڪان پنهنجي ماڙي ڀاشا ڪو به ڪسي به سگهندو. پر جي سندي لپيءَ کي اسان قائم نه رکيو ته سندي ڀاشا ختم ٿي ويندي ۽ اسين سڀ ٻاٻ جا ٻاڳي ٿيندا سون. وچ جهڙو اثر ٿيو. مسٽر گجرال پريشان ٿيو پئي، پر ويٺو رهيو.

مڌهيندڙ ڪالهوءَ گذريو اينڪ ٿي، جتي ليکڪن جي انجمن سنسٿا جو چوڙهڪ اجلاس هيٺ آيو ۽ ٿيو ناهي، سونڌي سنواري اجلاس ڪيو ويو. ڪل ڀارت سنڌي ليکڪ سنسٿا جو جنم ٿيو. ٻيون هن سالنديءَ کي سنسٿا جو پرڌانت ۽ ڪرشن راهي کي جنرل سيڪريٽري چونڊيو ويو ۽ ليکڪن جي ڪاروباري ڪاميٽي ٺاهي وئي ۽ پروگرام تيار ڪيو ويو. ڏاڍي سنڌر سازگار واتاوَرڻ ۾ سڀ ڪجهه پورو ٿي ويو. ڪافي ڏينهن پٺيت هلندا ۽ روح رهائيون ڪندا وڃي آرامي ٿياسون. ڪي اسان مان همت ڪونهن ۾ سهڻي ٻنا ۽ ڪي وڃي مٽي ٿورس

خبر جي خلاف، اسان گڏيل رد قدم تيار ڪيو، جنهن ۾ اسان هن نموني جي اخبار نويسيءَ کي سنڌ جو ڪوڙو ٺهرايو. نو ٻٽي هيرانندانيءَ جي خلاف سنگين الزام جي اسان سخت اکرن ۾ ملامت ڪئي ۽ سنڌيءَ جي سڄاڳ طبقي کي اپيل ڪئي ته هو هندستان اخبار جي هڙئي اشتهاربندي ۽ بي جوابداريءَ واري هلت تي اعتراض وٺن ۽ ڪين تنبيهه ڪن. هندستان اخبار اها پڙهائي ڇپڻ کان انڪار ڪيو ته اسان سنڌ وڌاوا اخبار شايع ورتو. سنڌ وڌاوا ۾ اسان جي پڙهائي ڇپڻ تي، سنڌي اديبن ۾ غصي جي لهر ڊوڙي وئي. ڪيترن اول صف جي ساهتڪارن پنهنجي لکي اعتراض جو رد - عمل موڪليو، ٻوليءَ جي حق ۾ پنهنجي قلم کان تلوار جو ڪم ورتو، ساهتڪ ڪيترن ۾ هن قسم جي اُگهڙي حرڪت کي سخت لفظن ۾ ننديو ۽ ٻوليءَ سان ٿيل نا - انصافيءَ تي سهالپوتي ظاهر ڪئي. سنڌي ساهتڪارن، جن هڙي نازڪ موقعي تي پنهنجي قلم جو شان اوچو ڪيو، تن ۾ ايشور آنچل، ڦتن پرسواڻي، لڇمڻ ڀاٽيا، جيون گرساڻي ۽ ٻيا به ڪي هوا، جن جا نالا ياد نه رهيا آهن. هڪڙي ذهين اوچي موهن ڪلپنا پڻ هڪڙو لمبو خط تيار ڪري مون وٽ کڻي آيو. هو هڪ انڊاڪ ليکڪ هو. لکڻ ۾ هچڪندو ڪونه هو. جيڪي سچ سمجهي اُن تي قلم جي نوڪ ۾ آڻڻ ٻري لکندو هو. هن مذڪور ليکڪن تي سخت اکرن ۾ ملامت وڌي، جن سنڌي ساهتڪ هلچل ۾ هڪ جاسوسي انداز آندو هو ۽ ڀاڄ کي لڇايو هو. سندس ليک ۾ هڪ سٽ اها به هئي - "مان ڪيترن ٻاٻاڻيءَ مٿان هڪ هزار جيرامداس قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيان." مون ڪنهن زور ڀريو ته اها سٽ نهايت شخصي آهي، تنهن ڪري ان ليک مان خارج ڪري، پر هو سخت ضد ڪري بيٺو ته اهي اکر ڪڍهن

همراهن ان ڳالهه کي ڇاڻي واڻي، وڌائي چڙهائي، جيرامداس جي خون جي سازش جو رنگ ڏنو ۽ سنڌي ڦهلائي ته سڀاڻي ئي خون جي سازش ۾ گرفتاريون ٿيڻيون آهن. اسين بي - فڪر پنهنجي ڪارن ۾ مشغول ويٺا رهياسون. چيوسين: ڀلي اچن، اسين گرفتاريءَ لاءِ تيار آهيون. سڄو ڏينهن بلڪل شانتيءَ سان ڪارروائي هلائي پوري ڪئيسين ۽ ٻئي ڏينهن ئي سڀڪو پنهنجي شهر ڏانهن روانو ٿي ويو.

ٻن ٽن ڏينهن اندر اسين ته واپس، بمبئيءَ پهتاسون ته هڪ ڏينهن اوچتو، روزاني هندستان اخبار ۾ هڪ وڏو ڌماڪو ڏٺو. مهڙ واري صفحي تي تمام وڏي ڇاپي ۾ پوري سري سان خبر ڇپي ته، ٻن بزرگ سنڌي ليڊرن (ٽالو ڪولڻ، ٽو لڪان) کي خون ڪرڻ جي سازش! ان لهوز ۾ ٻنهي هيرانندائيءَ جو مٿي ذڪر ڪيل خط ڇپيو ويو. اها لهوز دهليءَ مان پنهنجي شخص جي صحيح سان هندستان روزانيءَ کي موڪلي وئي هئي، جنهنڪي هوا سرڪ شري ٻرم ابهيچندائي، آنند ڪيماڻي، لال پهپ، ٻيا ٻه اوچاڻي ۽ هريش واسواڻي. ٻـه ٻـه اديب جلدئي ٻاڻ کي الڳ ڪري ويو. اسان جا ته ڪپاٽ ئي کلي ويا.

مٿين ذڪر ڪيل اديبن / شخصن ته ٻاراڻي ڪئي هئي، پر اسان کي حيرت وٺي وئي ته، شري جيرامداس دولترام جهڙي ديانتدار ۽ ذميوار بزرگ شخص، هن جهڙي خط ڇپڻ جي اجازت ڪيئن ڏني، ڇاڪاڻ ته هندستان سنڌ اشاري ڪانسواءِ اهڙي سنسني‌خيز خبر ڇپي، سا ڳالهه ناممڪن هئي. هڙهڙي قسم جي اچوڻ، وهنوار کي اسان نه صرف غير - واجب، بلڪ بلڪل غلط ۽ اڻ‌ٿيڻو سمجهيو. اسان وٽهن ان ڇنن همراهن جو لڪڙو مهڙ سڏايو، جنهن ۾ پروفيسر ٻيو چراج لاڳراڻي، ڌرمداس ڪڪڙ، رام هڱوراڻي، مان ۽ هڪ اڌ ٻيو ابو هو. اروقت مٿين

گهرائيو ويو. ڳالهه پوره چالو ٿئي، ته ان کان اڳ هن استري
جي سنڌي چادر هيٺان ٽيپ رڪارڊر ڇپائي رکي ڇڏيو. پيو
مالهيءَ اهي سوال جي اوچاڙ ٿي، جيڪي ترقي‌پسندن خلاف
(خاص طور مهنجي خلاف، جو جو ان وقت مان ٿي هن جي
حملي جو مکيه نشانو هوس) سنڌس وانان کي مطلب جون
پڌرائون ملي وڃن. ڪمس گهڻو ٿي ڦٽڪائيائون، پر مالهيءَ ڪين
اريءَ ٽهل لڳڻ ڪوله ڏنو. هڙ حاصل ڪجهه به ڪوله ٿين. پر
مهن پڪو ڪري ڇڏيائون: مالهيءَ ڪافي گهڻو ڪجهه پنهنجي
سائين خلاف رڪارڊ ڪيو آهي، جيڪو ٽيپ ۾ بند آهي.
جڏهن مالهيءَ چئلينج ڪيو ته، ڪٽي اچو لها ڪئسيٽ، اچي
ڇين ڇگن اڳيان هلايو ته هو به ٻڌن ته مون ڇا چيو آ ڳالهايو
آهي. ٽيپ ڪٽي وچي دهليءَ پهتا. مون مٿي چيو آهي ته هن
ترقي‌پسند ورونڊي ليکڪن جو مکيه طور تي مان ٿي نشانو
هوس، انتري حد تائين جو هن پوئٽيءَ کي پٽ ڪيايو موڪليو
ته اون رڳو اسان کي لکي ڏي ته اهو خط تو ڪيرت جي چوڻ
تي لکيو هو ته، اسين ٿهنجي پڇر ڇڏي ڏينداسون ۽ ٿهنجو
وار ونگو به نه ٿيندو. اسانجو ٿوسان ورونڊ ڪوالهي، اسين
رڳو ڪيرت پابانيءَ کي جيل اماڻڻ ٿا چاهيون. پوئٽيءَ به ڪين
اريءَ ٽهل لڳڻ نه ڏنو. ثابت قدم رهي. جڏهن هيءَ بندنام
ڪالب پئي هليو ته پوئٽي هيرانندانيءَ کي ڪيترن ٿي شهرن
۾ گهرائي، سنڌي سنسڪرت طرفان سنڌس شان ۾ جماعت ۾ پبلڪ
معزز ڪيا ويا.

جيڪين اڳيئي ۾ چيو اٿم ته ١٩٦٦ واري بنگلور سمطان ڪالچوءِ
جيڪين سڀا جي پليٽفارم تان سنڌي لهرڪ ۾ ڏارون پيون ته،
اهي وري جڙي ڪوله سگهيون. لهرڪ ٿن ڀاڱن ۾ ورهائجي
وڃي - هڪڙي طرف هوا سنڌي ادب، جن سڀا کي جنم ڏنو

ان صورت ۾ ڪڍڻ لاءِ تيار ڪونهي، نه ته ٽڪيٽ واپس ڪٽي وٺندو. مون هار مڃي.

سندي ساعت جي اندر هڪڙي اهڙي اذيت ۽ شرمناڪ واقعي بابت ٻه ٻيون به عبرتناڪ ڳالهيون آهن، جنهن کي مان مختصر ۾ اظهاري هن قصي کي بند ڪري ڇڏيندس. لالاڪرام المرائي وڪيل، اجمير جي جن سنگهه جو هڪڙو ليڊر نيتا، هندستان ۾ ڇپيل خبر لي ايترو نه ناهوڙجي ويو، جو امريڪي پوليس ڪمشنر کي خط لکي موڪليائين ته پوٺي هرالمداڻيءَ عثان خون ڪرڻ جي سازش جي ارادي بابت جاچ ڪئي وڃي، جنهن ۾ هن هندستان ۾ ڇپيل خبر جي ڪٽنگ، ڪمس موڪلي هئي ۽ بنهجي خط ۾ انگريزي ۽ ٻهوديون ڳالهيون لکيون هيون. امريڪي پوليس جي سي. آءِ. ڊي. وڀاڳ مان ٻه ٽي دفعا انسپيڪٽر آيا، پوٺيءَ کي حيران پريشان ڪيو هو. هوءَ همت واري عورت هئي. کين چڱيءَ طرح سمجهائي ڏنائين. کين سمجهايائين ته "گولي مارو" نه سنڌيءَ جو محاورو آهي، جنهن جي ٻراٻريءَ وارا اصطلاح ٻين ٻولين ۾ به آهن. ان جو مطلب خون ڪرڻ جو ارادو نه آهي. پر شڪايت ڪندڙ ليکڪ يا ته ڏاهري آهن يا ته هو ٻئي وڏي ٻولي سان مون کي تڪليف ۾ وجهڻ ٿا چاهين. انسپيڪٽر به سياڻو هو. چيائين: اهو محاورو ته اسان جي مرهٽي ٻولي ۾ به آهي. لالاڪرام پوٺيءَ جي گرفتاريءَ لاءِ لکي آڪبي هيو، پر سنڌس ملين مراد پوري ڪانه ٿي.

ايترو ڪجهه ٿي وڃڻ ڪانپوءِ به پوم المهندالئيءَ کي من جي شانتي ڪانه ملي. هو ٽيپ رڪارڊ ٽيڪ ۾ وجهي، اچي امريڪيءَ پهتو، وڏڪ پڇاڳاڇا ۽ جاسوسي ڪرڻ لاءِ. همت هٿن گونڊ مالهيءَ کسي پڪڙيو. دعوت ڏني کس لال پيٽ جي گهر

واپار وڌي اڪثريت سان ٿيو پئي ۽ اڪل پارسي سنڌي ٻولي ۾ ساهت سڀا کي حاصل اسين صرف سنڌي (عربي) لپيءَ جي حمايتن جي سنسٿا بڻايون، جنهن لاءِ ايندڙ سمسان ۾ ٺهراءُ وڌان پاس ڪرائي هميشه لاءِ مٽي جو سور ختم ڪرايون. سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ جا ٻه اهم ٿنڀا گوبند مالهي ۽ سلامت پرسواڻي، انهن جو ڇوڪري لپيءَ آڻڻ جي فائدي ۾ ڪوٺ هوا. گوبند مالهي سڀا جي جنرل سيڪريٽريءَ جي عهدي تان استعيفا ڏني. اي. جي. الم کي سڪراه باقي رهيل عرصي لاءِ جنرل سيڪريٽري بڻ ٿي چونڊيو ويو ۽ مٽس جوابداري رکي وئي ته هو پارسي جي ڪنهن به اهڙي شهر ۾ ايندڙ ڀانئون سمسان گهرائڻ جون تياريون ڪري، جتي اسين پنهنجي رٿيل مقصد (سڀا جي ڇوڪري جي لپيءَ) ۾ ڪامياب ٿيون.

اي. جي. الم، سنڌي ساهتڪ نمورليءَ جو هڪ اهم حصو هو. هيستائين اهو نموريل ته رهي آهي. ان بابت ڪجهه چوڻو پيو ته اڳتي ڪنهن موزون جڳهه تي چونڊس. هو سنڌيت جي حاصل جو هڪ ارجستو، هڏ ڏوکي ۽ الڪ ڪارڻ ڪرتا رهيو آهي. ڪوٺ ڪم هٿ ۾ ڪٽندو ته ان کي اوس پورو ڪندو. سو سمسان ڪوٺائڻ جو بار ڪلهن تي کڻائين ته ان کي پورو ڪري ئي سامت جو ساهه پٽيائين. راجستان پرانت جي الور شهر ۾ ١٩٧١ جي نومبر مهيني جي پهرين هفتي ۾ ڪاريڪرون مقرر ڪري آيو. سنڌ جي جهولي جوکيءَ هرومل ٽولائيءَ الور ۾ سنڌ مان لڏي آيل لپاٿا سکن جي وسائڻ ۾ ڏاڍو جٽرو رول ادا ڪيو هو ۽ وڏي اثر وارو شخص هو. هر سهوليت ۽ ڪاميابيءَ جي خاطري ڏنائين. انڌي دور دراز ڪڇ ۾ ٻه ٽي ات سو کن ڊيليگيٽن پاڳ ورتو. خاص ڪري اها هئي ته سنڌيءَ

هو ۽ وڏائي وڌو ڪيو هو ۽ اهڙي شهرت جي سطح تي پهچايو
هو، جو حاليءَ جا ڪيترا ئي ابڪ شخص پڻ، سڀا جي ڪاروباري
ڪاميٽيءَ تي اچڻ لاءِ آتا هوندا هوا. ٻئي طرف هوا، جن
سنگهي جهڙي پڻ سڀا جي لاچار کي ڏسي، ان جي ڪشادي
۽ آدرشت وڏان جو فائدو ورتي، سڀا ۾ گهسڻ ۽ ان تي قبضو
ڪرڻ جون ڪوششون ورتي رهيا هوا؛ ٻئي طرف هوا
ديوناگريءَ جا طرفدار، جن ۾ ڳالڻ ڳاڻيا اديب، گهڻا سماج
سيوڪ ۽ ڪانگريس جا ڪم ڪندڙ هوا، جن جي وشواس جو
مرڪز هو جيرامداس دولترام ۽ سندس هٿ ۾ هٿيار هو
ڪانگريسي اخبار **هندستان**. سڀا جون هن وقت واڳون انهن
جي ڌر جي هٿن ۾ هيون. جن سنگهه واري ڌر کي پڻ پنهنجي
الڳ سنستا، اکل ڀارت سنڌو سماج هئي. ديوناگريءَ وارن پڻ
اڳتي هلي، پنهنجي الڳ سنستا، اکل ڀارت سنڌي ٻولي،
ساهت ۽ ڪلا وڪاس سڀا نالي سان اڀا ڪئي، جنهن جو
ٻهراون ٻرڌان جيرامداس دولترام ۽ ٻهراون جنرل سيڪريٽري
ڀلديو گاجرا چونڊيو ويو. جهڳڙي ڪانپوءِ چار سال سيمان ڪوا
ئي سگهيو هو. انهن جي دلين ۾ آلند مالند هئي. سندرت جي
هلچل تي گرهه. چاليو رهيو. انهن جيون نه هيءَ حالت ٻرداشت
ڪرڻ نامناسب آهي. گروهن جي رساڪشيءَ مان انهن کي ٻاهر
نڪرڻ گهرجي، جنهن وقت، شڪتي ۽ من جي شانتي وڃائڻ
ڪانسواءِ سنڌي ڀاشا جي جوڙجڪي ۽ رچنانمڪ ڪارين کي
اڳتي وڌائي سگهجي. انهن کي هڪ چست با انتظام ۽ با مقصد
سنستا کپندي هئي. ان مراد کي خيال ۾ رکي انهن اڄتي
الهاس (سنڌو نگر) جي سرگرم اديب دوستن جي اندوڙي
ڪانفرنس گهرائي. سڀو ڌنهن چاندي ٻالي ڪالنج جي
پروفيسرس روم ۾ واڳان جي ڏي وٺ ٿي. اهنت ۾ هڪڙ

ٽولاڻي نائب صدر، اي. جي. الم جنرل سيڪريٽري، مولي پرڪاش ۽ گوبند آڏواڻي سيڪريٽري ۽ ڪاروباري ڪاميٽيءَ ۾ ڪيترائي اُسر. ليکڪ ۽ معزز ڪنيا ويا، جن ۾ ڪي هوا: ڏيمداس ڪشتريا، ڪيرت ٻاٻاڻي، ناري گرسهاڻي، موهن ڪلپنا، ارجن سڪايل، هيمراج ناگواڻي، ديال منونواڻي، ارجن حاسد، ڀڳوان اتپنداڻي، جھمٽمل نلواڻي، گوردن چوڏري، سندر اگناڻي ۽ ڪي ٻيا. سنڌي ٻولي ۽ لپيءَ جي حق ۾ ۽ ٻين ڪيترن مسئلن تي ڏهه ٺهراءَ به پاس ڪيا ويا.

الور سميلن کان ٻه ڏينهن اڳ، ديوناگريءَ وارن پنهنجو ٻهريون سميلن دهليءَ ۾ گهرايو هو. هن سمجهيو هو ته اسين سميلن جي ٺهرائن لاءِ اڳواٽ ئي الور پهچي ويندا سون ۽ ڪين ٻي - اولو سميلن ڪرڻ جو وجهه ملي ويندو، جنهن ۾ شري جيرامداس جي مراد ۽ ڪنڌ اها هئي ته اسانجو سميلن ضرور لپيءَ نسبت ۾ ٻن سوالن تي ٺهراءَ پاس ڪري، پارس سرڪار کي موڪلي ڏيندو، تنهن کان اڳ، ديوناگري سميلن جا ٺهراءَ سرڪار وٽ پهچي وڃڻ گهرجن. هو ڏاهو سياستدان هو ۽ ڪافي داءُ پيچ ڄاڻندو هو. هن اسان کي شهه ڏيڻ (Check mate) پئي چاهي ۽ اسان کان گوءِ کٽڻ پئي چاهي. اسان کي ديوناگري سميلن جي چال ملي ته اسان ان خلاف زبردست مظاهرا ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. اسان لاءِ سرسي ڳالهه اها هئي، جو اسان جو سميلن ٻه ڏينهن بعد ۾ الور ۾ رکيل هو. دهلي ۽ الور جي وچ روڊ رستي اٺن ڏهن ڪلاڪن جو مفاصلو هو. پنهنجو سخت ۽ کليو اعتراض ظاهر ڪرڻ جي وجهه ڪي اسان همت مان وڃڻ نٿي ڏنو. موهن ڪلپنا ۽ ڪرشن راهيءَ کي وٺي، مان سڌو دهليءَ پهچي ويس. سندر اگناڻيءَ کي چيم ته ـــ هو به ڪن همراهن کي جٿيبور مان وٺي پهرين دهليءَ پهچي، جتي ديوناگري

جا ليکڪ، اديب، ودوان ۽ ڪلاڪار، سڀ وڃي وساري، وري
هڪ وار اچي هڪ پليٽفارم تي گڏ ٿيا هوا ۽ سنڌيت جي ڪاروان
کي اڳتي وڌائڻ لاءِ وچن - بڌ ٿيا. الور سنڌين ۾ ٿي سڀا
طرفان "پورڻا پترو" اعلان ڪيو ويو، جنهن ۾ سنڌي ٻولي،
لپي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي بچائڻ ۽ اوچ ڏيڻ جو پڻ درج
ڪيل آهي، بلڪل اهڙيءَ طرح، جيئن آزاديءَ کان اڳ، انڊين نيشنل
ڪانگريس طرفان ٢٦ جنوريءَ تي آزاديءَ جو پورڻا پترو پڙهيو
ويندو هو. سڀا جي پليٽفارم تان اهو پورڻا پترو هر سنڌين ۽
ٻڌي اهو اسو تي دهرايو ۽ حاضرين پڻ ٻانهن کان چوايو
ويندو آهي. سنڌين جو اڳهائين ڀارت سرڪار جي وزير شري
رگهوناٿ ريڏي کيو ۽ سنڌين لاءِ الڳ ٽاليون ڀارت جي
پڌيالن ۽ ليٽائن شڀ سنديش موڪليا هوا. ڪافي ڏهه اهم جو
سنڌين ٿيو هو ته سنڌيءَ جا ليکڪ، ڪلاڪار ۽ شاعر اهڙ. وڏي
تعداد ۾ آيل هوا ۽ مشاعري، لوڪ سنگيت پروگرامن ۾ واڌت
وڌائي جڏهائون. انهن مان صرف ڪي نالا ٿي ٿو انهوي طور
ڏيان: گوسوامي ارجماند، ڪملا ڪيسواڻي، ليلڪارون، ڪان
مونجهار، راٺي ڪرلا ۽ ٻيا انيڪ. مشاعري ۾ ڀاڳ وٺندڙ هوا،
ڊاڪٽر هروءمل سدارنگاڻي، ڪرشن راهي، موتي پرڪاش، ارجن
حاسد، موهن ڪلپنا، لڇمڻ ڪومل، واسديو نرمل. هريڪانت ۽
ٻيا ڪوڙ.

الور سنڌين جي وڏي ۾ وڏي سوڀ اها هئي، جو سڀا جو
انهون وڌان ڀاڳيگين اڳيان پيش ڪيو ويو ۽ ڦٽرو ڦٽرو پڙهي
انهن جي رضامندي ۽ سهمت سان اعلان ڪيو ويو. وڏي ۾
وڏي اپلٻل اها هئي ته سڀا کي هاٺي سنڌي (عرابي) لپي
۾ وشواس رکندڙ سنڌين جي سنسٿا ظاهر ڪيو ويو. انهن چونڊن
۾ پروفيسر ٻوچرام ناگراڻي صدر، ٻوٽي هرالنداڻي ۽ هروءمل

تيربازي اڃا ته لڳي ۽ جهڙپ شروع ٿي ويئي. تيرن هٽائڻ ۾ جيون گرجهاڻي (دهلي) ۽ موهن ڪلپنا (ممبئي) گويا شرطون لڳائي رهيا هوا. پنهنجي سڄي شرير ۽ آتما جي سگهه ملائي، نعرا لڳائي رهيا هوا. جيون ته هڪ فوٽ زمين کان مٿي ٽپو ڏيئي، پنهنجي ڳلي جي پوري زور ڏيئي نعرو لڳائيندو هو، جو اڄ موت ٻي به پڪڙ ۾ اچي. اسان جي ڪن سر ڦرال دوستن جهڙو ته اندر گهڙي، اسين سميلن ڦٽائون ٿا. مون اهڙي ڳالهه جي اجازت ڪانه ڏني. پوءِ اسان جي ٽن دوستن، موهن ڪلپنا، ڪرشن راهي ۽ سنڌر اگناڻيءَ جهڙو ته اسين اندر وڃي گهوڙ ڪونه ڪنداسون، پر جهرامداس سان سوال جواب ڪنداسون. هو ٽيئي اندر گهڙي ويا، اسان جا ڪار ٿيل پترا ته وڙهائون ۽ ڪن سان سوال جواب ته ڪيائون، پوءِ سانتيڪي اصولي سان ٻاهر نڪري آيا. اسان فيصلو ڪيو ته منجهند جو ٻي اچي ٽائين هتي مظاهرو چالو رکنداسون ۽ رستي ۾ جڏهن جهرامداس ٻاهر ايندو ته سندس خلاف نعربازي ڪنداسون. پر هو اسان کان وڌيڪ هوشيار نڪتو. رستي وقت هو پٺئين در کان ٻاهر نڪري ويو. اسين ڏسندا رهياسون. ٻئي ڏينهن صبوح جو دوست گنگو آسناڻي ۽ گوبند آڏواڻي، مالڪور ونڊو رگهواڻي ونديءَ کي ڪار ۾ وٺي الور روانا ٿيا ۽ اسين ٻيا سڀ بس ۾ چڙهي، سندس پٺيان هلياسون. انڪل شام ڌاري، جڏهن الور پهتاسون ته سميلن واري شاميالي ۾ هزارن خلق وزير جي انتظار ۾ ويٺي هئي ۽ شهنايون ۽ دهل دماما وڄي رهيا هوا. سميلن جو مهورتي پروگرام شروع ٿي ويو. باقي احوال ته اڳوانت ۾ ڏيئي آيو آهيان.

ايندڙ سال ڊسمبر ١٩٧٢ ۾ ڏهون اکل ڀارت سنڌي ساهت سميلن ممبئيءَ ۾ سڏايو ويو، جنهن ڪنترن ڳالهين ۾ اتهاسڪ

سيٺين خلاف وڏو مظاهرو ڪري، پوءِ سيٺين گڏجي، وقت سر الور پهچي ويندا سون. سيٺين اچي اوڏي ڪالونيءَ ۾ گوپيچند آڏوانيءَ جي گهر پهتاسون، جتي دهليءَ جا ٻه ڪي سرگرم دوست اچي شامل ٿيا. ٻئي ڏينهن تي مظاهرو ڪرڻو هو، تنهن ڪري، سڀ جو سڀ مظاهري لاءِ اعتراضي سامگري تيار ڪرڻ جي ڪم کي چنبڙي ويا سون. ڪنهن نعرا تيار ڪري ورتا، ڪن پوسٽر ۽ پليڪارڊ ٺاهي ورتا، ڪي وري ڪپڙي جا بئنر تيار ڪرائڻ جي ڪم کي لڳا، ڪن لفظن تي ڪارٽون ٺاهيا، ڪن انهيءَ تيار ڪيا، ڪن وري پني جون ٽوپيون ٺاهي، انهن تي اعتراضي نعرا لکي ورتا. بانس جي لٺين تي بئنر ٽنگياسون، ڪاٺ جي پٽين تي ڪارڊ بورڊ تي تيار ڪيل پوسٽر، پليڪارڊ ۽ ڪارٽون ڪوڪن سان پڪا ڪري ورتاسون. رات جو دير تائين پنهنجي ڪم هلندو ۽ پوءِ وڃي سمهياسون. صبوح جو به سويل اٿيو هئو. اهو سمورو تيار ڪيل سامان ٽيڪسيءَ ۾ کڻائي، اسين دهلياگري سيٺين واري جڳهه تي اچي پهتاسون. هال جي ارد-گرد پوليس ايندي هئي، جنهن اسان کي هال جي مکيه ڦاٽڪ کان سؤ وال پري اٽڪائي ڇڏيو. پوءِ ته شروع ٿي ويئي نعري بازي "هاءِ هاءِ ... ۽ مرده باد"! دهلياگري لئي موڙهڻ خلاف نعرا هوا، جيرامداس خلاف به نعرا هوا. سيٺين جو وقت ته ڏهه لڳا هئو. اسين لوڪ اچي پهچي ويا هواسون، اُن مراد سان ته شري جيرامداس ايندو ته اسين سندس اڳ. جهلي رستو روڪي اٿهنداسون ۽ سيٺين هال ۾ وڃڻ نه ڏينداسون. ڏهه ٿي وڄا، پر شري جيرامداس جو ڪو پتو، ڪو پار! آئل ڊپلومئٽ سڀ اندر وڃي رهيا هوا. اسان پڇيو: ڇو ڀائي، شري جيرامداس سيٺين ۾ شامل ڪونه ٿيا؟ ته ڪنهن چيو: هو ته صبوح جو اٺين بجي کان اچي اندر ويٺو آهي. اسان جا ته ڪاڪ لڳي ويا.

حڪومت جي پرڪرما ڏني، هندستان اخبار واري گهٽيءَ مان نڪرندو، هندستان جي سڀني ٻولي ۽ لپي وروڌي نيتيءَ خلاف نعرا هڻندو، اچي آزاد ميدان تي پورو ٿيو. سڄو پروگرام شواجي پارڪ جي وڏي ۽ کليل ميدان ۾ ٿيو، جنهن لاءِ وڏو منچ کڙو ڪيو ويو هو. گوبند مالهيءَ جي ڪلاڪار منڊل جي ڪلاڪارن، ڀڳوانتي نواڻي ۽ ٻين ساٿ گڏ احمدآباد جي چندر ساولاڻيءَ جي سنڌو ڪلاڪار منڊل، اجمير جي آدرش وديالي جي ٻال ڪلاڪارن، امبئيءَ جي ٻن ٻالڪن، آشا ۽ پدما آمچنداڻي ۽ ٻين خوب نڀايو. سميلن جي دوران هريش واسواڻيءَ جي صدارت هيٺ ساهتڪ ٻيٺڪ، شري جهمٽمل ٽلواڻيءَ جي صدارت هيٺ تعليمي ٻيٺڪ ٿي، جنهن ۾ الڳ الڳ شهرن مان آيل ساهتڪارن ۽ تعليمدانن سرگرم ڀاڱو ورتو.

منهنجي من ۾ سڀ جو سنتوش هو. چوڌاري خوشيءَ جو واتاورڻ هو. سميلن منهنجي مٿان وڏيون ذميواريون وجهي ڇڏيون هيون. منهنجي شڪتين جو قدر ڪري مون تي ڇٽ وڌو ويو هو. سنڌيت جي هلچل نئين موڙ تي پهتي هئي. منهنجي اڳيان للڪار هئي ته هن ڪاروان کي مان ڪهڙي نئين رهبري ڏيان ۽ دشا ڏانهن وٺي وڃان. مان اهڙي چنتن لاءِ تيار هوس ۽ من لوڙي ذهن ۾ ڪيترائي خواب سجائي ۽ يوجنائون گهڙي ويٺو هوس. سڀ کي نئين راهه تي وٺي وڃڻ لاءِ تيار هوس. ايندڙ سالن ۾ اهي پردا کلندا ويا، جن جو وستار مڪمل نموني تي چوٿين ڀاڱي ۾ ايندو.

(ٽيون ڀاڱو پورو ٿيو)

ثابت ٿيو. اهو ڀارتيون سميلن هو، جيڪو انهن جوڙجڪ مطابق سڏايو ويو هو، جنهن ۾ شرڪت جي اجازت رڳو سنڌي ٻوليءَ (عربي) ۾ وشواس رکندڙن لاءِ کليل هئي، اُنهن ۾ ٢٠ - ٢٥ هزار ڊيليگيٽ آيا، جن جي رهڻ جو بندوبست امبئيءَ جي سنڌي هاءِ اسڪولن ۾ ڪيو ويو. سميلن جو مهورت راماراءُ آديڪ، مهاراشٽرا جي مشهور ڪانگريسي ليڊر، ڪي. سي. ڪاليج جي راما واٽومل هال ۾ ڪيو. کليل اجلاس ۾ مون کي سڀا جو پرڌان ٺڪراءَ چونڊيو ويو. هن کان اڳ، چوڏهن سال (١٩٥٧ کان ١٩٧١ تائين) سڀا جي صدارت جهڙن بزرگ پروفيسرن کي ڪرڻ جو شرف مليو هو. ڀارتيون دفعو هڪ نوجوان ساهتڪار کي سڀا جو پرڌان ڪري مٿس جوابداريون رکيون ويئون هيون ۽ مانُ ڪيو ويو هو. دوستن ۽ سنستائن طرفان مون کي ابترا هار پاتائون جو منهنجو چهرو ئي گلن جي ڍڪڻ ۾ گم ٿي ويو. سڀاواڪ مان خوشيءَ ۽ بيحد فخر جو احساس ماڻي رهيو هوس. منهنجي لاءِ وڏيڪ عزت ۽ فخر جو اهو آ. ڪارڻ هو جو ڊيليگيٽن مون ۾ مڪمل وشواس ظاهر ڪري، سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ کي نامزد ڪرڻ لاءِ پڻ مون کي اختيار ڏنو. هن کان اڳ اها چونڊ سڌو ڊيليگيٽن طرفان ڪئي ويندي هئي.

هن سميلن وقت جيڪا اهم ڳالهه ٿي، سو هئي پنجن اکل ڀارت سطح جي سنستائن طرفان سنڌي ٻوليءَ جي پنجرائيءَ ۾ هڪ وڏو جلوس. اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا، اکل ڀارت سنڌو سميا سنگهه، سنڌي منچ، اکل ڀارت سنڌي پنچايت فيڊريشن ۽ آزاد سنڌ ڪائونسل، گڏجي ٻوليءَ جي حمايت ۾ هڪ شاهي مورچو ڪڍيو ۽ ٻوليءَ جي سوال تي ايڪتا جو زوردار مظاهرو ڪيو. جلوس هزارن، پلڪارڊن ۽ جهنڊن سان، ڪي. سي. ڪاليج مان نڪتو ۽ امبئيءَ جي مکيه بازارن

SINDHI TIMES PUBLICATION
90, Laxmi Market, ULHASNAGAR-3
Tel : 544100

سال 1998 تائين

سنڌي ٽائيمس جا ڇپايل ڪتاب

١٩٧١

1. ڏري لوڪ گيت (لوڪ گيت) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
(خلاص ٿيل) — قيمت 3 رپيا

2. جهريل جهيڻ [غزل] — امر ڪمل
(خلاص ٿيل) — قيمت 3 رپيا

١٩٧٢

3. سنڌي لوڪ ساهتيه — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
(خلاص ٿيل) — قيمت 20 رپيا

١٩٧٣

4. فن ۽ فنڪار [جيوني] — موهن ڪلپنا
خلاص ٿيل — قيمت 3 رپيا

5. شاهه جو شعر (انتخاب) — ڊاڪٽر ٻرسو گدواڻي
خلاص ٿيل — قيمت 5 رپيا

١٩٧٤

6. دستاويز (ڪهاڻيون) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
ٻيو ڇاپو - خلاص ٿيل — قيمت 3 رپيا

7. سنڌ ۽ سنڌي ٻولي (ليک) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خلاص ٿيل — قيمت 5 رپيا

8. سنڌي لوڪ ڪلا (ليک) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خلاص ٿيل — قيمت 10 رپيا

ڪتاب بابت .... (آخرين صفحو)

سنڌيءَ جي بزرگ ليکڪ شري ڪرشن ٻاٻاڻيءَ جي آتم ڪٿا "ڪجهه ٻڌايم، ڪجهه لڪايم" جو هي نئون ڀاڱو پڙهندڙن جي هٿ ۾ آهي. پهرين ڀاڱي ۾ ڪرشن، پنهنجي ننڍپڻ ۾ ڳوٺ نوابشاهه ۾ تعليم وٺڻ جو ڪجهه ذڪر، ڪيو ان جو احوال ڪيو اٿس ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ ڳوٺ نوابشاهه ڇڏي ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ تعليم لاءِ وڃڻ ورهين جي عمر ۾ آيو ۽ اتي وديارٿي تحريڪ ۾ ڀاڱو ورتو. ان جو ذڪر آهي.

۽ .... هن ٽئين ڀاڱي ۾ ورهاڱي بعد ڪجهه عرصو سنڌ جي جيلن ۾ گذاريندي، نيٺ ديش نيڪالي ملڻ تي ڀمبئيءَ ۾ آيو ۽ هن جي جيون جي ٽئين شروعات ٿي. نه گهر نه گهاٽ. پر هن جوان همت نه هاري ۽ ڪم ۾ لڳي ويو. ڪجهه هنڌ ٽاڻو ٽڪاڻو ڪرڻ بعد سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ لاءِ جدوجهد شروع ڪئي ۽ اداري ڪيتري ۾ سرگرم رهيو. ان وقت جي تاريخ جا سنڌس آس پاس هئي، تنهن جو احوال آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي سوال تي مهم هلي، اٺين شيڊول ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تسليميءَ جو تحريڪ، بزرگ ۽ نوجوان ليکڪن گڏجي هڪ محاذ تي اچي سنڌي ٻولي ۽ ادب کي اڳتي وڌايو. اهو احوال هن ٽئين ڀاڱي ۾ شامل آهي. اهو هڪ تاريخي دستاويز آهي، جو ايندڙ پيڙهيءَ کي ٻڌائيندو ته — سنڌين ان ڏاڍن سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪهڙي جنگ جوٽي.

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن طرفان اهو دستاويز ڇپيندي خوشي ٿي رهي آهي.

اڄ اسان وٽ هڪڙا ٽي اديب آهن: گوبند مالهي، ڪرشن ٻاٻاڻي ۽ الم، جي ان احوال جا اکين ڏٺا شاهد آهن، حصا آهن. پهرين ٻن جون آتم ڪٿائون اچي ويون آهن. باقي شري الم لکندو ته اهو احوال ڪنهن حد تائين پورو لکيو ويندو. بس....

١٥ سيپٽمبر ١٩٩٧ — نارائڻ ڀارتي

١٩٧٨	
21. پل پل جو پڇتاءُ	هري دلگير
خلاص ايل	قيمت 20 روپيا
22. جيل مان (خط)	سلامت پرسواڻي
خلاص ايل	قيمت 5 روپيا
23. ٽهاڪ ۽ مکڻي [ناٽڪ]	پروفيسر رام پنجواڻي
خلاص ايل	قيمت 4 روپيا
24. عزيز نعمتي جا نزو	پوپٽي هيراننداڻي
خلاص ايل	قيمت 10 روپيا
١٩٧٩	
25. گنوارڻ [ڪهاڻيون]	آسانند مامتورا
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
20. بندوبست [ناٽڪ]	ارجن موهن
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
27. ساهتڪارن جون سمرتيون	پروفيسر منگهارام ملڪاڻي
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
28. سنڌيءَ جا ٽيهه سال (ليک)	ڊاڪٽر پرسو گدواڻي
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
١٩٨٠	
29. يادگيريون	پروفيسر رام پنجواڻي
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
30. اڪيلي ڪهاڻيون	ڪرشن کٽواڻي
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
31. ڏاڏو (ناٽڪ)	ايم. ڪمل
خلاص ايل	قيمت 6 روپيا
32. ڀارت جوتي	هاسومل ايسرداس
جولاءِ 1980 خلاص ايل	قيمت 7 روپيا

١٩٧٥

9. شرت بابو (ليک.) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خالص اصل — قيمت 5 رپيا

10. نظر ۽ نظريو (ليک.) — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خالص اصل — قيمت 5 رپيا

11. سنڌ صدين کان — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خالص اصل — قيمت 5 رپيا

12. هڪڙو هو سوداگر [لوڪ ڪهاڻيون] ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
(خالص اصل) — قيمت 5 رپيا

١٩٧٦

13. هوجمالو [لوڪ گيت] — ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي
خالص اصل — قيمت 6 رپيا

14. گيتانجلي — گرديو ٽئگور
(خالص اصل) — قيمت 10 رپيا

15. اندرناٿ (ناول) — شرت بابو
(خالص اصل) — قيمت 5 رپيا

16. رام پنجواڻي (انگريزي ليک) — ٻلديو گاجرا
خالص اصل — قيمت 10 رپيا

١٩٧٧

17. سپون (ليک.) — پروفيسر رام پنجواڻي
خالص اصل — قيمت 5 رپيا

18. انوراڌا [ناول] — شرت بابو
خالص اصل — قيمت 5 رپيا

19. سنڌ جا ست ناٽڪ — پروفيسر رام پنجواڻي
خالص اصل — قيمت 15 رپيا

20. پل پل جو پڙلاءُ [شعر] — هري دلگير
خالص اصل — قيمت 12 رپيا

١٩٨٤

45. سنڌي ڪهاڻي جي اوسر (جائزو) — ڪيرت ٻاٻاڻي — قيمت 10 رپيا
خلاص ٿيل

46. گوناگون مضمون (ليک) — ٻلديو گاجرا — قيمت 10 رپيا
خلاص ٿيل

47. هيءَ به ڪوڏي آ [ڪهاڻيون] — گوبند مالهي — قيمت 10 رپيا

48. رولو آواز (غزل) — هري دلگير — قيمت 20 رپيا
خلاص ٿيل

١٩٨٥

49. ڪشميءَ جو ڪشٽ [ڪهاڻيون] — لالچند جڳتياڻي — قيمت 15 رپيا

50. ست ڏينهن (ناول) — ڪرشن کٽواڻي — قيمت 15 رپيا

51. هنجهه چڳن موتي (ليک) — آسانند مامتورا — قيمت 15 رپيا

52. شاهاڻو شاهه (تنقيدي جائزو) — لالچند جڳتياڻي — قيمت 15 رپيا

١٩٨٦

53. ڪنوريءَ جي ڪاٽ [سفرنامو] — رتنا شهاڻي — قيمت 30 رپيا

54. اڳتي قدم [ڪهاڻيون] — گوبند مالهي — قيمت 15 رپيا

55. ساهه مٿ ۾ [ٻاڳو ٻهريون] ماڻڪ — قيمت 15 رپيا

56. ساهه مٿ ۾ [ٻاڳو ٻيون] ماڻڪ — قيمت 15 رپيا

١٩٨٧

57. ست رنگ [ننڍا ناٽڪ] — پرو. ڀيسر رام ٻڌواڻي — قيمت 15 رپيا

58. چواڻو مونجهو چڪ ۾ (ياد گيريون) — هري دلگير — قيمت 30 رپيا

59. گوبند مالهي ادب ۽ اديب (آنر-ڪتا) — گوبند مالهي — قيمت 30 رپيا
ٻاڳو ٻهريون

60. نه سو رنگ نه ساسو هاڻ (ڪوتا سنگره) — نارائڻ شيام — قيمت 30 رپيا

١٩٨١

33. ادو عبدالرحمان ڪهاڻيون — امرلعل هنگوراڻي
خلاص ٿيل — قيمت 6 روپيا

34. چونڊ ڪهاڻيون — پروفيسر رام پنجواڻي
خلاص ٿيل — قيمت 6 روپيا

35. جُز ۽ تنقيدي ليک — هيرو شيوڪاڻي
خلاص ٿيل — قيمت 6 روپيا

36. وکون ڪهاڻيون — نامديو تاراچنداڻي
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

١٩٨٢

37. گڏجاڻيون — پروفيسر رام پنجواڻي
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

38. ماضيءَ جي گسڪڻ تان — ايسي خوبچنداڻي
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

39. نئون ڪمرو [ڪهاڻيون] — ناري پدم
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

40. اپول راڻي [لوڪ ڪهاڻيون] — ڪيرت ٻاٻاڻي
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

١٩٨٣

41. شاعر جي نوٽبوڪ تان — شيخ اياز
قيمت 15 روپيا

42. جيءُ جهورڪا [راڪا چتر] — ممتاز محبوب
خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

43. داڻي داڻي تي مهر [ڪهاڻيون] — لالچند جڳتياڻي
خلاص ٿيل — قيمت ساڍا ستين روپيا

44. شاهه جو سورميون — نارائڻداس ڀمڀاڻي
سنڌي چڊجاڻ - خلاص ٿيل — قيمت 15 روپيا

74. جڳ مڙيو ئي سپنو - يادگيريون
شيخ اياز
قيمت 30 روپيا

75. گوبند مالهي ادب ۽ اديب آتم ڪٿا
ڀاڱو پهريون
گوبند مالهي
قيمت 30 روپيا

76. شاعر شيام
هريش واسواڻي
قيمت 50 روپيا

١٩٩٢

77. سنڌي لوڪ ورثو
ڊاڪٽر پرسو گدواڻي
قيمت 30 روپيا

78. منهنجا مارو ڏڙا [ڪهاڻيون، ڪوتا]
ڪرشن کٽواڻي
قيمت 30 روپيا

79. نقطه نظر (تنقيدي مقالا)
پروفيسر هيرو شيوڪاڻي
قيمت 30 روپيا

80. لهرن جي گونج (ناول)
تارا ميرچنداڻي
قيمت 30 روپيا

١٩٩٣

81. ڏ ڏٺلا چهرا ڪهاڻيون
ڪرشن کٽواڻي
قيمت 30 روپيا

82. پنهنجو دشمن (ناٽڪ)
لکمي کلاڻي
قيمت 30 روپيا

83. سنڌي اخبار نويسي (ليک)
هيرو ٺڪر
قيمت 45 روپيا

84. سيمائون [ناول]
ناري پدم
قيمت 30 روپيا

85. سنڌي ويا سنڌ ڏسڻ سفرنامو
گوبند مالهي
قيمت 40 روپيا

86. سنڌيم جيت ري-1 [جيوني]
لکمي کلاڻي
قيمت 30 روپيا

87. اڇا وار ڪارا پنور (ڪهاڻيون)
هري موٽواڻي
قيمت 30 روپيا

88. سنڌيم جيت ري-٢ [جيون ۽ فلسفو]
لکمي کلاڻي
قيمت 40 روپيا

١٩٨٨

61. سنڌي لوڪ ساهتيه (ڪوجنائون) ڊاڪٽر ناراڻ ڀارتي
قيمت 30 رپيا

62. گستاخي معاف [ننڍا ناٽڪ] گوبند مالهي
قيمت 30 رپيا

63. گوبند مالهي ادب ۽ اديب آتم ڪٿا گوبند مالهي
(ڀاڱو پهريون)
قيمت 30 رپيا

64. جهنگلي گل (نثري نظم) هري دلگير
قيمت 30 رپيا

١٩٨٩

65. اڻين ڪٿا [ڪهاڻيون] موهن ڪلپنا
قيمت 30 رپيا

66. هڪ ڊگهي سانت ڪرشن کٽواڻي
قيمت 30 رپيا

67. گوبند مالهي ادب ۽ اديب (آتم-ڪٿا) گوبند مالهي
[ڀاڱو ٻيو]
قيمت 30 رپيا

68. گم ٿيل پاڇو شوڪت حسين شورو
قيمت 30 رپيا

١٩٩٠

69. هٿ يوگي (ناول) ڀاڱو پهريون تارا ميرچنداڻي
قيمت 40 رپيا

70. ٻيڙي [ڪهاڻيون] ڪرشن کٽواڻي
قيمت 30 رپيا

71. گوبند مالهي ادب ۽ اديب آتم ڪٿا گوبند مالهي
ڀاڱو چوٿون
قيمت 30 رپيا

72. هٿ يوگي (ناول) ڀاڱو ٻيو تارا ميرچنداڻي
قيمت 40 رپيا

١٩٩١

73. سڄاڻ جون سمرتيون رتنا شهاڻي
قيمت 40 رپيا

۱۹۹۵

89. مٿا جو موت (ڪهاڻيون)

90. درد جي تلاش (ڪهاڻيون)

91. پاپي [ناول]

92. سرءُ جا پن [يادگيرون]

۱۹۹۶

93. سنڌي لوڪ ناٽڪ (ليک)

94. منجري [ڪهاڻيون]

95. تبصرو (ليک)

96. سنڌي لوڪ ڪلا (ليک)

۱۹۹۷


97. ماڻهو جو پاڇو (لوڪ ڪهاڻيون)

98. ڪجهه، پڪايم ڪجهه، اڪايم آتم ڪٿا

99. ڪجهه، پڪايم ڪجهه، اڪايم آتم ڪٿا
ڀاڱو ٻيون

100. ڪجهه، پڪايم ڪجهه، اڪايم آتم ڪٿا
ڀاڱو ٽيون

C-S
3



Regd. No. MAH 745 TNA 3
Licence to Post-Pre payment Licence No. 10

SINDHI TIMES

(Registered as a Newspaper in India)
Registered No. 6372/62.

Kujh Budhayum, Kujh Likayum
By : KIRAT BABANI Part-3

Sindhi Times Publications

(Quarterly Book Series October-November-December 1997)